# مون مُطالع سُپرين

## شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام جو اڀياس



اياز قادري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# مون مطالع سپرين

(شاه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام جو اڀياس)

ڊاڪٽر اياز قادري
پروفيسر ايڊوائيزر
شاه عبداللطيف ڀٽائي چيئر
ڪراچي يونيورسٽي

شاه عبداللطيف ڪلچرل سوسائٽي
ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڇاپيندڙ
شاه عبداللطيف ڪلچرل سوسائٽي
36 - ڊي ڪراچي ايڊمنسٽريٽو هائوسنگ سوسائٽي
آف شهيد ملت روڊ ڪراچي 75350

ٽائيٽل: خدا بخش ابڙو

ڪاپيون: هڪ هزار
قيمت: ١٠٠ روپيه
سال: اپريل 1995ع

ملڻ جو هنڌ

(١) مڪتبه برهان اردو بزار ڪراچي ٧٤٢٠٠
(٢) ٦. ڏني رام بلڊنگ آرام باغ روڊ ڪراچي
(٣) سنڌ چاري هائوس مارڪيٽ روڊ لاڙڪاڻه
(٤) رابيل ڪتاب گهر اسٽيشن روڊ لاڙڪاڻه

ڇپيندڙ: علمي پرنٽرس ۽ ڪمپوزرس
9/5 نامڪو سينٽر ڪيمپبيل اسٽريٽ نيو چالي، ڪراچي
فون 2625254- 2625752

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# انتساب

امڙ نواب خاتون جي نالي خدا کيس جنت نصيب ڪري جنهن ننڍ پڻ ۾ ابي جي وفات ڪانپوءِ ٻيءَ تي پاليو، منهنجي هر طرح سار سنڀال، پرگهور لڌيءِ پيار ٿي پيار ڏنو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| 1 | ناشر طرفان ٻه اکر | 7 |
| 2 | پيش لفظ | 9 |
| 3 | مقدمو | 13 |
| 4 | شاهه جي مجازي شاعري | 35 |
| 5 | شاه جو رقيب | 44 |
| 6 | شاهه ۽ سنڌ جي سياست | 52 |
| 7 | شاهه جا پهاڪا | 59 |
| 8 | شاهه ۽ قسمت | 67 |
| 9 | سارنگ جي سورمي | 81 |
| 10 | متو آهين مچ | 86 |
| 11 | ڪاموڙي خبرون | 91 |
| 12 | جي ڀائين جوڳي تيان | 99 |
| 13 | شاه عبد اللطيف ۽ ڪربلا جو قضيو | 105 |
| 14 | شاهه جا پاراتا ۽ دعائون | 120 |
| 15 | شاهه جو ڊرامائي انداز | 149 |
| 16 | نئين شرح لطيفي | 196 |


مون مطالع سپرين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

# ٻه اکر

شاهه عبداللطيف ڪلچرل سوسائٽي جو قيام 1972ع کان عمل ۾ آيو. شاهه عبداللطيف ڪلچرل سوسائٽي سنڌ جي سماجي، اقتصادي ۽ ادبي حالتن کي پيش نظر رکندي وقت به وقت علمي ۽ ادبي ڪانفرنسون منعقد ۽ ڪي اهم ڪتاب شايع ڪندي رهي آهي. سوسائٽي جو اهو سلسلو جاري آهي.

سوسائٽي ڪتابن شايع ڪرڻ جي شروعات 1975ع کان تنوير عباسي جي ڪتاب "شاهه عبداللطيف جي شاعري" سان ڪئي. هن وقت تائين ان کان سواءِ هيٺيان ڪتاب شايع ڪري چڪي آهي.

(١) املهه اڻ توريا (شاهه جو اڻ ڇپيل ڪلام)
(٢) سنڌي ساهت سال ١٩٨١ع
(٣) سنڌي ڪامورو
(۴) سنڌي معاشرو
(۵) سنڌ اڄ ۽ سڀاڻي
(٦) سنڌي عورت ڪانفرنس
(٧) شاهه عبداللطيف ۽ نوجوان
(٨) Sindh Qualerly (انگريزي ۾ ٽماهي رسالو جو ١٩٧٢ع کان هن وقت تائين باقاعده شايع ٿيندو رهندو آهي).

هاڻي ڊاڪٽر اياز قادري جو شاهه عبداللطيف جي ڪلام جي تحقيقي مطالعي جي سلسلي جو ڪتاب "مون مطالع سپرين" شايع ڪري رهي آهي.

ڊاڪٽر اياز قادري شاهه عبداللطيف ڪلچرل سوسائٽي جو 1972ع کان هن وقت تائين سيڪريٽري جنرل ۽ استاد جي حيثيت ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سندس واسطو سنڌ مسلم ڪاليج ڪراچي ۽ ڪراچي يونيورسٽي سان رهيو آهي. سندس ڪوشش سان ڪراچي يونيورسٽي ۾ شاه عبداللطيف ڀٽائي چيئر قائم ٿي جنهن جو پهريون ڊائريڪٽر هو هئو. هاڻي اُتي پروفيسر ايڊوائيزر جي حيثيت سان خدمت سر انجام ڏئي رهيو آهي.

سندس هي ڪتاب "مون مطالع سپرين" شاه جي گهڻن نون موضوعن جو مطالعو آهي جن تي هن کان اڳ نه لکيو ويو آهي. جنهن مان سندس شاه جي ڪلام جي گهري مطالعي جي پروڙ پوي ٿي. شاه جي ڪلام ۾ هڪ گهري سمنڊ واري وسعت ۽ ڪشادگي موجود آهي ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ڪي ٽوبا ان گهرائي ۾ گهڙن، پاتال ۾ پيهي مانڪ ۽ موتي ميڙين ۽ شاه جي نون نون جواهرن کي سنڌ ۽ عالم اڳيان آڇين جيئن ماڻهن کي شاه جي فن ۽ فڪر جي نون نون پهلوئن جو پتو پوي.

اميد آهي ته اياز قادري جو "مون مطالع سپرين" جيڪو شاه جي فن ۽ فڪر جي ڪيترين نون پهلوئن کي پڌرو ڪريٿو سنڌ ۾ قدر جي نگاه سان قبول پوندو.

**سيد غلام مصطفيٰ شاه**

چيئرمن

شاه عبداللطيف ڪلچرل سوسائٽي ڪراچي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# پيش لفظ

ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ شاه عبداللطيف سنڌ جو عظيم شاعر آهي. سنڌ جا سڀ ماڻهو سندس عظمت جا قائل آهن. شاهہ جو ڪلام هڪ گلستان مثل آهي جنهن ۾ فن ۽ فڪر جا مختلف رنگن ۽ قسمن جا هزارين گل ٽڙيا بيٺا آهن. هرهڪ گل جي سونهن ۽ سڳنڌ پنهنجي پنهنجي آهي. شاهہ جي ڪلام جا شيدائي وڏي پاپوه سان شاه جي گلستان مان پنهنجي پوجھہ ۽ پسند مطابق گل چونڊيندا رهن ٿا. گھڻي ميڙ چونڊ پڄاڻا بہ شاهہ جي گلستان جا گل ائين اوترائي ڪڙيا بيٺا آهن لڳي ائين ٿو تہ چونڊ ڪندڙن جا دامن تنگ ۽ جھوليون سوڙهيون هيون جو ڪا ميڙ چونڊ ڪري نہ سگھيا آهن.

شاهہ جنهن جو ڪلام هزار رنگن واري هيري مثل آهي. جي فن ۽ فڪر جي ٻين پهلوئن تي گھٽ البت صوفيانہ شاعري تي گھڻو لکيو ويو آهي. اڄ سنڌ جو نئون نسل شاه جي ڪلام جي سنڌ جي موجوده سياسي، سماجي، معاشرتي حالتن جي پس منظر ۾ پرک ۽ پروڙ ڪري رهيو آهي. هرڪو شاه کي پنهنجي عينڪ سان ڏسي ان مطابق احوال اوري رهيو آهي. ڪني ماڻڪ ميڙيا ڪني ميڙيا ڪک.

شاه جو مطالعو ڪندي ڪي نوان موضوع ڪي نيون ڳالهيون نظر آيون جن مان ڪيترين کي هن وقت تائين نہ ورجايو ويو هو. انهن مان ڪن منهنجي من کي موهيو جن مان ڪجهہ قلمبند ڪري "مون مطالع سپرين" جي عنوان سان ڪتابي صورت ۾ پيش ڪري رهيو آهيان. مقدمو اهو ٿي آهي جيڪو شاهہ جي رسالي جي نثري اردو ترجمي "شاه ڪا ڪلام" اڪيڊمي آف لٽرس پاڪستان - اسلام آباد طرفان شايع ڪيل اڳيان ڏنو ويو آهي.

شاه جي مجازي شاعري تي تمام گهٽ لکيو ويو آهي. اسان جاڪي عالم شاه جي مجاز جا قائل ئي نہ آهن. حقيقت هيءَ آهي تہ شاه ڀيريان عاشق هو پوءِ صوفي. اهو مجاز ئي هو جنهن جي ڪري هو ديس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

جا ديرا چڏي، سالن جا سال سامين سان ويران وسين ۽ واهڻ ۾ هلندو رهيو.اهو مجاز ئي هو جنهن  هن کي حق سان هڪ ڪري ڇڏيو. شاه جي مجازي ڪلام جي هيڪار شاه جي رسالي جي سيني سرن ۾ سمايل آهي. شاهه جي مجاز تي تفصيل سان لکڻ جي ضرورت آهي مون هت شاه جي مجاز جو جائزو سُر بروو سنڌي جي پس منظر ۾ ورتو آهي ۽ محسوس ڪيو آهي ته شاه مجازي عشق جي انهن سيني وارداتن مان گذريو آهي جن مان هڪ عاشق گذرندو آهي.

شاه کي مجاز ۾ رقيب سان به واسطو پيو آهي. جنهن جو بيان" شاه جو رقيب" عنوان هيٺ ڪيو ويو آهي.

اڄ جو دور سياست جو دور آهي. سياسي تحرين ۽ تقريرن ۾ وقت به شاه جو ڪلام وقت جي آواز جي حيثيت سان پيش ڪيو ٿو وڃي. "شاه ۽ سنڌ جي سياست" عنوان هيٺ اهو ڏيکاريو ويو آهي ته شاه جي ڪلام کي ڪڏهن کان وٺي سنڌ جي سياست ۾ بيان ڪيو ويو آهي ۽ انکي مختلفن وقتن ۽ معاملن ۾ ڪيئن استعمال ڪيو ويو آهي ۽ اڄ جو پڙهيل نوجوان انکي ڪيئن بيان ڪري رهيو آهي.

شاه جو ڪلام ماءُ جي ٿڃ وانگر اسان جي جسم ۽ جان ۾ سمايل آهي. اسان وقت به وقت شاه جو ڪلام ايئن استعمال ڪندا آهيون جيئن عالمن جا قول يا ڏاهن جا پهاڪا. شاه جا ڪيترا بيت ۽ ڪيترن بيتن جو سٽون پهاڪن طور استعمال ٿين ٿا. "شاه جا پهاڪا" ۾ مثال بيان ڪري انهن جو نموني طور استعمال ڏيکاريو ويو آهي.

انسان ۽ قسمت، جبر ۽ اختيار هڪ اهم وڏو مسئلو آهي جو ايامن کان هلندو آيو، هلندو رهي، ۽ هلندو هلندو. قسمت جو انسان تي ڪيترو اثر آهي وقت جي فلا سافرن، عالمن ۽ صوفين ان مسئلي تي وقت به وقت پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو آهي." شاه ۽ قسمت" ۾ انهيءَ مسئلي جي چند ڇاڻ ڪئي وئي آهي ته شاه قسمت جو ڪيترو قائل هو ۽ اختيار بابت ڇا ٿو چوي.

سر سارنگ جو جڏهن به جائزو ورتو ويو آهي ته ان جو پس منظر حضرت محمد صلي الله عليه وسلم جي محبت ۽ منظر نگاري تائين محدود ڪيو ويو آهي. حقيقت هيءَ آهي ته هن سُر جي به هڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سورمي آهي جنهن کي شاھ وانديي ڪوٺي ٿو. هن وقت تائين ان ڏکن جي ستايل ڏانهن ڪنهن به ڌيان نه ڏنو آهي. سارنگ جي سورمي سُر ساموندي ۾ سُر ڪاپائتي جي سورمي وانگر بي ناءُ سورمي آهي جا سسئي، سهڻي، مارئي، مومل يا ليلا وانگر هڪ فرد جي جذبن ۽ ڪيفيتن جي ترجماني نٿي ڪري پر اجتماعي طور سمورين تر ڇاڻن جي ورن ڪان ويڇڙيل آهن جي جذبن جي ترجماني ڪري ٿي. شاھ انهيءَ سورن جي ستايل سورمي جي پس منظر ۾ سر سارنگ کي ڳايو آهي "سارنگ جي سورمي" ۾ سر سارنگ جو بلڪل نئين انداز ۾ جائزو ورتو ويو آهي.

"ڪاهوڙي خبرون"، "جي پائين جوڳي ٿيان" ۽ "متو آهين مڇ" ۾ سر ڪاهوڙي، سر رامڪلي ۽ سر گهاتو جو تصوف جي پس منظر ۾ جائزو ورتو ويو آهي. انهن سُرن ۾ شاھ جيڪي تصوف جا ڏيا روشن ڪيا آهن انهن جي اُپٽار ڪئي وئي آهي.

شاھ عبد اللطيف سر ڪيڏارو ۾ ڪربلا جي واقعي جو نهايت ڏک ڀري انداز ۾ ذڪر ڪيو آهي. سر جي مخلف بيتن کي ملائڻ سان اهو ظاهر ٿو ٿئي ته شاھ امام حسين جي شهادت جو واقعو مديني ۽ مڪي مان اُسهڻ، يزيد جي دشمني، ڪوفين جي بيوفائي، ڪربلا جي ميدان ۾ آمد، ڪربلا جي ميدان ۾ جنگ ۽ جنگ ۾ سندس ساٿين ۽ عزيزن جي شهادت ۽ آخر ۾ امام حسين جي شهادت جو سمورو داستان بيان ڪيو آهي. "شاھ عبد اللطيف ۽ ڪربلا جو قضيو" ۾ امام حسين جي شهادت جو تواريخي داستان شروع ڪان وٺي آخر تائين شاھ عبداللطيف جي بيتن جي روشني ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

شاھ جي ڪلام ۾ دعائون به آهن پاراتا به. "شاھ جي ڪلام ۾ "پاراتا ۽ دعائون " ۾ انهن جو ذڪر آهي. شاھ هڪ انسان هو هڪ انسان جي حيثيت ۾ جڏهن هن جي روح کي راحت رسي آهي ته هن جي اندر مان دعا نڪتي آهي ۽ جڏهن رنج پهتو آهي ته پاراتو. هو پاڻ به پاراتا ۽دعائون ڏئي ٿو ۽ هن جي بيان ڪيل سرن جا ڪردار به.

هن مقالي ۾ اهو ڏيکاريو ويو آهي ته ڪهڙي مهل ۽ موقعي تي ۽ ڪهڙن ماڻهن کي شاھ دعائون ڪيون ۽ پاراتا ڏنا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

شاه پنهنجي لوڪ داستان وارن سُرن ۾ مختلف سٽيوئشنس ۾ ڊرامائي انداز اختيار ڪيو آهي. "شاه جو ڊرامائي انداز" ۾ ان تي روشني وڌي وئي آهي ۽ اهو ڏيکاريو ويو آهي تہ شاه مختلف ڪردارن کان ڊايلاگ گفتگو ڪرائي بيان ٽينڊز منظر کي ڪيئن وڌيڪ اثرائتو ڪيو آهي ۽ ان ڊايلاگ رستي ڪردارن کي ڪيئن اڀاريو ۽ سگهارو ڪيو آهي ۽ انڙي ريت پنهنجن سُرن کي وڌيڪ اثرائتو بنايو آهي.

"نئين شرح لطيفي" تصوف جي نقطہ نگاه کان شاه جي بيتن جي شرح جو نئو انداز آهي. شاه جي بيت کي واضح ڪرڻ لاءِ صوفياءِ ڪرام جي ڪاحڪايت يا ڪو خاص واقعو بيان ڪيو ويو آهي جنهن جي پڙهڻ سان خاص ڪيفيت طاري ٿئي ٿي ۽ شاه جي بيت جومفهوم وڌيڪ چٽو ۽ وڌيڪ سمجهہ ۾ اچڻ جهڙو ٿئي ٿو.

"مون مطالع سپرين" شاه جي گلستان جي چوند گلن جو مختصر گلدستو آهي جو مون وڏي عقيدت سان شاه جي حضور ۾ پيش ڪيو آهي، شل قبول پوي.

ڪايو ڪمايومِ، موتي مون نہ وٽجيا
سيهي جو سيد، چي وکر وهايومِ
هڙو حال سندومِ تہ تهجي أبهان.

**اياز قادري**
شاه عبداللطيف ڀٽائي چيئر
ڪراچي يونيورسٽي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# مقدمو

ٻارهين صدي هجري ۾ سنڌ پنهنجي ادبي ۽ فڪري خوبين ۽ خصوصيتن سبب ممتاز هئي پر برصغير ۾ زوال پذير مغل حڪومت جي باهمي چپقلش، جهيڳڙن ۽ انقلاب جي اثرن ڪان محفوظ رهي نه سگهي، نه صرف برصغير جي ننڍن ننڍن صوبن ۾ ملڪ گيري جي خواهش پروان چڙهي رهي هئي پر برصغير جا مذهبي ادارا فروعي اختلافن سبب هڪ ٻئي سان ڪشيده هئا. اهڙي افراتفري ۽ هنگامه آرائيءَ واري زماني ۾ سنڌ تي قدرت جو احسان ٿيو جو هتي شاهه عبداللطيف جهڙو عارف ۽ آفاقي شاعر پيدا ٿيو. جنهن پنهنجي ڪلام سان ماضي جي قديم علمي ۽ ادبي روايتن کي زنده ڪيو ۽ سنڌ جي باشندن کي هن دنيا ۽ هن دنيا جي بهبوديءَ جو پيغام ڏئي صراط مستقيم تي گامزن ڪيو. سندس ڪلام جي ان وقت کان وٺي هن وقت تائين مقبوليت جو هڪ سبب اهو آهي جو ان ۾ نه صرف حال پر مستقبل تي به روشني پوي ٿي ۽ ان ۾ ايتري قوت آهي جو اهو هر نسل کي زندگيءَ کي افضل بنائڻ ۽ ترقي جي راهه ۽ رستو ڏيکاري ٿو. هن تيزيءَ سان بدلجندڙ دنيا ۾ جتي ماضي جا اقدار بدلجندا وڃن ٿا. اتي شاهه جو تصور حيات هر وقت بهار جي نئين شگفته گل وانگر ترو تازه نظر اچي ٿو.

شاهه عبداللطيف هڪ اهڙي مڪمل عظيم شخصيت هئي جو اڍائي سو سالن کان وٺي سنڌ وارا ۽ سنڌي شاعري سندس گرويده رهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آهي. اڄ جي سنڌي شاعري جو دامن هنجي اڪيان ڦهليل نظر اچي ٿو ۽ هو جيڪي چوي ٿو ان تي شاهه جي فلسفي جو گهڻو اثر نظر اچي ٿو.

شاهه عبداللطيف اهو شاعر آهي، جنهن تي مشرق ۽ مغرب ٻنهي کي ناز هئڻ گهرجي. ڀٽائيءَ جو عظيم ڪلام اڪثين، موجوده ۽ ايندڙ نسل لاءِ رهنما ۽ رهبر جي حيثيت رکي ٿو. ڊاڪٽر سورلي جي ان قول ۾ مبالغو نه آهي ته "الله دنيا جي ڪيترن ملڪن کي پيغمبر ڏنا ۽ سنڌ کي شاهه ڏنو". شاهه به پنهنجي ڪلام کي آيتون ٿو چوي. جهڙي طرح نبي ۽ پيغمبر قومن جي سڌاري، فلاح ۽ بهبوديءَ لاءِ پيغام کڻي ايندا آهن ۽ سندن پيغام آفاقي هوندو آهي، جو نه فقط سندن ديس وارن لاءِ هوندو آهي، پر دنيا جي جمله قومن ۽ ملڪن لاءِ هوندو آهي. اهڙي طرح شاهه جو ڪلام به آفاقي آهي، جو نه صرف سنڌ وارن لاءِ پر ساري دنيا لاءِ آهي.

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ڪلام ۽ پيغام جتي آئينه معرفت آهي اتي جهان نما به آهي. اهو سنڌ جي تمدني، تهذيبي، ثقافتي ۽ تاريخي زندگيءَ جو آئينه دار آهي. سنڌ وارا شاهه عبداللطيف ڀٽائي کي هڪ آفاقي ۽ سنڌ جو نه پر ساري دنيا جو عظيم ترين شاعر سمجهن ٿا. هيءَ راءِ گهڻن ماڻهن کي ڇرڪائيندي ۽ حيرت ۾ وجهندي. ممڪن آهي ڪي ماڻهو ائين چون ته هڪ ننڍڙي علائقي جو شاعر ايڏو عظيم شاعر ڪيئن ٿو ٿي سگهي. ذات، عظمت ۽ بزرگي الله جي عنايت آهي جنهن کي چاهي تنهن کي عطا ڪري.

سوال پيدا ٿو ٿئي ته عظيم شاعر ڪنهن کي چئجي؟ غور ڪبو ته معلوم ٿيندو ته عظمت جو وقت ۽ قدامت سان گهرو تعلق آهي. وقت اهڙي قوت ۽ طاقت آهي جو هر شي کي فنا ڪري ٿو ڇڏي. دنيا ۾ هزارين اهڙا وڏا شاعر ٿي گذريا آهن. جن کي پنهنجي وقت ۾ وڏي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اهميت ۽ مقبوليت حاصل ٿئي، مگر اڄ انهن جو نالو نشان نظر نٿو اچي. وقت انهن کي ۽ انهن جي تخليقن ۽ شه پارن کي فنا ڪري ڇڏيو آهي. مگر ڪجهه شاعر اهڙا به آهن، جن جو ڪلام وقت جي لهرن ۽ گردش جو مقابلو ڪري سون سالن گذرڻ کان پوء، به پنهنجي هستي کي صحيح ۽ سالم رکيو آهي. اڄ به انهن جو ڪلام اهڙو ترو تازه آهي، جهڙو سوين سال اڳ ان دور ۾ هو جنهن دور ۾ اهو شاعر زنده ۽ سلامت هو. اهڙي ڪلام کي وقت نه ماري سگهيو آهي، پر ان وقت کي مات ڪري ڇڏيو آهي. اهڙن شاعرن کي ئي عظيم شاعر چئي سگهجي ٿو، جن کي وقت کي مات ڪرڻ جي قوت هجي. ايران ۾ فردوسي، مولانا روم، حافظ عربستان ۾ متنبي، امرا القيس، انگلينڊ ۾ شيڪسپيئر، ڪيٽس، شيلي، ڀارت ۾ ڪاليداس، مرزا غالب، سنڌ ۾ شاهه ۽ سچل اهڙا شاعر آهن، جن جي وفات کي صديون گذري ويون آهن. مگر سندن ڪلام اڄ به اهڙو ترو تازه، مقبول ۽ محبوب آهي، جيترو ان وقت هو، جنهن وقت اهو تخليق ڪيو ويو هو. نه صرف ايترو بلڪ ان جي مقبوليت پنهنجي ديس جون سرحدون پار ڪري ٻين ديسن تائين پهچي رهي آهي. انهن وقت کي شڪست ڏني آهي. اهي عظيم شاعر آهن.

اُهي ڪهڙيون خوبيون آهن جن انهن جي شه پارن کي ايتريقدر قوت ۽ طاقت عطا ڪئي آهي جو اُهي وقت تي فتح حاصل ڪري لافاني ٿي ويا آهن. اُهي خوبيون آهن، خيال ۽ فڪر جي گهرائي، ڀرپور مواد، موضوعات جي گوناگوني، اندازِ بيان ۽ اسلوب جي دلڪشي.

مٿي بيان ڪيل ڳالهيون ڪيترن شاعرن ۾ موجود آهن. جنهن ڪري ڪين عظيم شاعر تسليم ڪيو ٿو وڃي، پر شاعر جي ڪلام ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ايا ڪن خاص خوبين جو هئڻ ضروري آهي. جيڪي هن کي ٻين عظيم شاعرن کان ممتاز ثابت ڪن ۽ اهو قبول ڪيو وڃي ته هو عظيم نه عظيم ترين شاعر آهي.

سنڌ وارا شاهه عبداللطيف جي عظمت بابت جيڪي دليل بيان ڪن ٿا ان تي غوز ڪري بي ريائي ۽ انصاف پسنديءَ سان فيصلو ڪري شاهه عبداللطيف جو دنيا جي شاعرن ۾ رتبو ۽ مقام متعين ڪرڻو پوندو.

علامه آءِ. آءِ. قاضي شاهه عبداللطيف جو دنيا جي شاعرن ۾ مقام متعين ڪرڻ لاءِ، ٽي معيار بيان ڪيا آهن. هو چوي ٿو ته. شاهه عبداللطيف جي ڪلام کي اسان ان ڪسوٽي تي نه پرکينداسين. جنهن کي اسان جي دل سفارش ڪري ٿي، بلڪ ان معيارن تي جاچينداسين. جيڪي يورپي نقادن پيش ڪيا آهن ۽ جن کي اڄ جي دنيا ۾ تسليم ڪيو ٿو وڃي.

پهريون معيار:- ڪارلائل سڀني شعر بابت پنهنجي راءِ ڏيندي چوي ٿو. ”شعر اهو آهي. جيڪو ڳائي سگهجي، جي ڪنهن شاعر جو ڪلام ڳائي نه سگهجي ته اهو شعر يا نظم سڏائڻ جي قابل نه آهي.“

هاڻي اسان ان ڪسوٽي تي دنيا جي وڏن وڏن شاعرن جي ڪلام کي پرکينداسين. خواهه اهو ڊانٽي هجي، شيڪسپيئر، گوئٽي، والٽ مين هجي يا ڪنهن ٻي ملڪ جو عظيم شاعر. ڇا اهي هن معيار تي پورا اچن ٿا.

ان کان اڳ جو اسان فيصلي تي پهچون. اهو ڏسڻو پوندو ته ڇا انهن شاعرن جو سمورو ڪلام جنهن وقت هو زنده هئا. انهن جي ملڪ ۾ ڳايو ويندو هو ۽ ڇا انهن جي ڪلام کي ايتري قوت ۽ مقبوليت آهي جو وقت گذرڻ سان اڄ به ڳايو وڃي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

شاھ عبداللطيف جي ڪلام تي جي نگاھ وجھنداسين تہ اسان کي معلوم ٿيندو تہ، سندس سمورو ڪلام سندس وقت ۽ دور ۾ نھايت شغف ۽ شوق سان ڳايو ويندو ھو ۽ صديون گذرڻ کان پوءِ بہ اڄ جڏھن اسان جي مقامي موسيقي تي مغربي موسيقي جو اثر وڌي رھيو آھي، ساڳي جوش ۽ جذبي سان ڳايو وڃي ٿو. اھا حقيقت ڪارلائل جي ان بيان جي تصديق ڪري ٿي تہ شاعري ادب جي اھا نازڪ صنف آھي، جنھن کي ھر ماڻھو پڙھڻ بجاءِ ڳائڻ وڌيڪ پسند ڪندو آھي ان لاءِ جو ان ۾ راڳ، سُر ۽ موسيقي مضمر آھي.

ھڪ عرب مصنف چوي ٿو تہ، "شاعري موسيقي آھي، جنھن کي ھم آھنگ ۽ سُريلي لفظن ذريعي بيان ڪيو ويندو آھي. اسان . جنھنکي موسيقي چوندا آھيون. اھا آواز جي ھم آھنگي سان ادا ڪئي ويندي آھي." ھو وڌيڪ ان ڳالھہ تي زور ڏئي ٿو تہ، موسيقيت شعر جو اٽوٽ جزو آھي. تنھنڪري ڪنھن بہ عظيم شاعر جي ڪلام کي پرکڻ لاءِ ھي ڇھريون معيار آھي، جنھن کي ھر شخص تسليم ڪري ٿو. ڪوبہ شخص ڪنھن بہ شاعر جي ڪلام کي ان ڪسوٽيءَ تي پرکي نتيجو ڪڍي سگھي ٿو. ممڪن آھي تہ ڪو شخص اھو تجويز ڪري تہ شعرن جي تعداد کي بہ پيش نظر رکڻ گھرجي. ان حيثيت کان بہ شاھ جي ڪلام جي مجموعي کي دنيا جي وڏن شاعرن جي مقابل رکي سگھجي ٿو. جيتريقدر شعرن جي تعداد جو سوال آھي، سواءِ شيڪسپيئر ۽ گوئٽي جي ٻيو شاعر سندس مد مقابل نہ آھي.

ٻيو معيار:- ٻيو معيار جنھن تي موجوده زماني جو نقاد عموماً ڪنھن ڪلام کي پرکيندو آھي، اھو ھي آھي تہ، آيا شاعر جي ڪنھن شعر ۾ ھڪ لفظ بجاءِ ٻيو لفظ رکي سگھجي ٿو، جنھن سان شعر بھتر، اظھارِ بيان ۾ زور ۽ نکار پيدا ٿي وڃي. ٻين لفظن ۾ شاعر جي ڪلام جي اصلاح ٿي سگھي ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تمام ٿورا اهڙا شاعر آهن، جن جي ڪلام جو ڪافي حصو ان عيب کان پاڪ هجي ۽ ان جي اصلاح ٿي نہ سگهي. جڏهن تہ لطيف جي ڪلام جي ڪنهن بہ سٽ ۾ ڪنهن بہ لفظ جي تبديلي جو مطلب اهو ٿيندو تہ جيئن ڪنهن موسيقي جي ٺاٺ ۾ ڪو سُر تبديل ڪيو تہ ان جي موسيقي ختم ٿي ويندي ۽ اهو بي هنگام شور ٿي پوندو. لطيف جي ڪلام ۾ نہ ڪو لفظ بدلائي سگهجي ٿو نہ هٽائي سگهجي ٿو. اها ڳالهہ سندس ڪلام سان منطبق ٿئي ٿي. نہ صرف سٽ بلڪ هر لفظ ۽ ان جو استعمال ان جي ڪلام جو روح آهي ۽ ناقابلِ تبديل آهي.

دنيا جو ڪو ئي شاعر ان معيار تي پورو نٿو اچي، تہ هن جو سمورو ڪلام ان خوبيءَ سان آراستہ هجي.

ٽيون معيار:- جو شاعر جي مقام متعين ڪرڻ لاءِ سخت تنقيد جي اصولن تحت وجود ۾ آيو آهي، اهو آهي تہ شاعر اظهارِ خيال لاءِ زبان کي ڪهڙي طرح استعمال ڪيو آهي.

شيڪسپيئر اظهار بيان کي سورهين صديءَ جي انگريزي زبان ۾ جيتري وسعت ڏني جا ان کان زياده ممڪن هو. ٻين لفظن ۾ جيتائين اظهارِ خيال جو تعلق آهي، اها ڪسوٽي آهي، تہ بهتر کان بهتر زبان ۽ زبان جو بهتر کان بهتر استعمال ڪيو وڃي. ڪنهن جي خواب خيال ۾ بہ اها ڳالهہ نٿي اچي سگهي تہ ايلزبيٿ جي دؤر جي انگريزي ۾ ان کان بهتر انداز جا ڪنهن ٻئي لاءِ ممڪن هو. جنهن انداز ۾ شيڪسپيئر اظهارِ خيال ڪيو.

لطيف ارڙهين صدي جي سنڌي زبان کي روانيءَ وسعت بخشي. ڪوبہ ماڻهو اها ڳالهہ مشڪل سان تسليم ڪندو تہ ان زماني ۾ هي زبان سنڌ ۾ عام طور ڳالهائي ويندي هئي. هڪ مقامي ٻولي يعني سنڌي کي لطيف اظهار خيال جو ذريعو بڻائي بحيثيت زبان ڏاڍي وسعت ۽ ترقي ڏني. اسان مشڪل سان اهو محسوس ڪري سگهون ٿا تہ لطيف جو ذريعہ اظهار ڪائي سادي ۽ صوبائي يا مقامي زبان هئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هي ڪنهن شاعر جي ڪلام ڪي پرکڻ جو آخري سڀ کان زياده ڪامياب معيار آهي. ان ڪي يورپ جي وڏن نقادن سڀ کان بهتر معيار مڃيو آهي. ان جي پيش نظر به شاهه جو ڪلام افضل ۽ اعليٰ آهي.

مٿي بيان ڪيل ٽي معيار اسان جا قائم ڪيل ڪين آهن. بلڪ دنيا جي بلڪل ترقي يافته مائهن جا قائم ڪيل آهن. انهن اصولن تي پرکي اسان آسانيءَ سان فيصلو ڪري سگهون ٿا ته شاهه عبداللطيف جو رتبو دنيا جي شاعرن ۾ ڪهڙو آهي.

علامه آءِ. آءِ. قاضي جي مٿي بيان ڪيل ٽن معيارن کان علاوه بيا ٽي معيار آهن. جن جي ڪسوٽي تي به عظيم شاعرن جي پرک ڪري سگهجي ٿي.

پهريون معيار:- اهو ڏسڻ گهرجي ته اهو شاعر، جنهن کي عظيم تسليم ڪجي ٿو، جنهن ملڪ، قوم ۽ زبان جو شاعر آهي، ان ملڪ، قوم ۽ زبان جا سو في صد مائهو اهو تسليم ڪن ٿا ته صرف اهو شاعر ئي سندن عظيم شاعر آهي. يا انهن ۾ ان ڳالهه تي اختلاف آهي ۽ ڪن مائهن جو خيال آهي ته اهو نه پر ٻيو عظيم شاعر آهي، يعني انهن ۾ پنهنجي ملڪ ۽ زبان جي عظيم شاعر تي اختلاف آهي.

جيڪڏهن لطيف جي عظمت بابت سنڌ جي عوام کان راءِ معلوم ڪبي ته سو فيصد مائهو اها راءِ ڏيندا ته شاهه عبداللطيف ئي سنڌ جو عظيم شاعر آهي. انهيءَ راءِ تي اسانکي هر طبقو، هر مذهب، هر فرقو، پڙهيل، اڻپڙهيل، ننڍا، وڏا، مرد، عورتون سڀ متفق ملندا.

ٻيو معيار:- جنهن کي اسين عظيم شاعر تسليم ڪيون ٿا ڇا ان جو ڪلام ايترو مقبول آهي، جو جنهن زبان ۽ ملڪ جو هو شاعر آهي. ان ملڪ ۽ زبان جي سو فيصد مائهن کي ان جو ٿورو يا گهڻو ڪلام ياد آهي. چاهي اهي پڙهيل هجن يا اڻ پڙهيل. ان ڪسوٽيءَ تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

دنيا جي شاعرن کي پرکبو تہ اهڙو ڪو شاعر مشڪل ملندو، جنهن جو ڪلام ان ملڪ ۽ زبان ڳالهائيندڙ سوفيصد ماڻهن کي ياد هجي. شاهہ عبداللطيف اهو شاعر آهي، جنهن جو ڪلام سنڌي ڳالهائيندڙ سوفيصد ماڻهن کي ٿورو گهڻو ياد آهي. اهي ٿر جي ويران علائقي جي بي آب و گياهہ جبلن يا سرسبز ۽ شاداب خطن جا باشندہ هجن. سنڌ ۾ ڪي ماڻهو اهڙا بہ ملن ٿا جن کي شاهہ جو سمورو ڪلام حفظ آهي.

ٽيون معيار:- هي معيار مٿي بيان ڪيل ٻنهي معيارن کان وڌيڪ اهم آهي، جنهن شاعر کي اسين. عظيم شاعر تسليم ڪريون ٿا. ان جي ڪلام جو پنهنجي ملڪ ۽ زبان جي ماڻهن جي زندگيءَ تي ڪيترو گهرو اثر آهي. ڇا اُن ملڪ جا ماڻهو ان شاعر جو ڪلام محض تفريح خاطر مطالع ڪن ۽ ڳائن ٿا يا ان جي ڪلام ۾ بيان ڪيل فلسفي ۽ دانائيءَ جي نقطن کي پنهنجي دل ۽ دماغ ۾ جاءِ ڏين ٿا. ان تي غور ۽ فڪر ڪن ٿا ۽ ان تي عمل ڪن ٿا. معلوم ائين ٿو ٿئي تہ دنيا ۾ مشڪل سان ڪو اهڙو شاعر ملندو، جنهن جي ڪلام جو اثر عوام جي زندگين تي ايترو گهرو هجي جو هر وقت هر ڪنهن ڪم ڪار ۾ ان کي دهرائيندا رهن.

شاهہ عبداللطيف جي ڪلام جو سنڌ وارن جي زندگيءَ تي ڪيترو گهرو اثر آهي، ان جو اندازو ان ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ سنڌ ۾ قرآن شريف ڪان پوءِ ٻي نمبر تي شاهہ جو رسالو پڙهيو وڃي ٿو ۽ ڪين شاهہ جو ڪلام قرآن شريف جي آيتن وانگر ياد آهي. سنڌ ۾ ڪو گهر اهڙو نہ ملندو، جنهن ۾ شاهہ جو رسالو نہ هجي. سنڌ جي ماڻهن تي الله جي قرآن، اسان جي پياري نبي صلعم جي حديثن ڪان پوءِ، شاهہ جي ڪلام جو اثر آهي، جنهن جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو تہ سنڌ وارا من جي مدعا پوري ٿيڻ لاءِ شاهہ جي بيتن ۾ دعا گهرندا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آهن. مسجد جو پيش إمام نماز پوري ڪرڻ ڪان پوءِ دعا ۾ شاهہ جا بيت جهونگاريندو آهي. ماڻهو شادي جي دعوت نامن ۾ شاهہ جا بيت لکندا آهن. اديب ۽ شاعر پنهنجن ڪتابن جا نالا شاهہ جي ڪلام مان منتخب ڪندا آهن. قبرن جا ڪتبا شاهہ جي بيتن سان سينگاريا ويندا آهن. سنڌ وارا پنهنجي روز مره جي زندگيءَ ۾ وقت بہ وقت شاهہ جو ڪلام ايترو دهرائين ٿا. جو شاه جو گهڻو ڪلام ضرب المثل ٿي ويو آهي.

دنيا جو ٻيو ڪو اهڙو شاعر مشڪل سان ملندو جيڪو هن معيار تي شاهہ جي برابري ڪري سگهي. مٿين سڀني معيارن جي مدنظر سنڌ وارن جي ان چوڻ ۾ مبالغو نہ آهي تہ شاهہ عظيم ترين شاعر آهي.

شاهہ جو ڪلام تصوف جي تمام مقامات تي حاوي آهي. ان ۾ رنج و الم، فرحت ۽ انبساط، صبر ۽ استقلال، بي نفسي ۽ بي تعلقي، وحدت ۽ احديت، مڪان ۽ لامڪان، محويت حيرت، آشفتگي ۽ وارفتگي سڀ نظر اچن ٿا. هن پنهنجي عارفانہ ڪلام کي تصوف جي باريڪ رمزن سان مالا مال ڪيو آهي. شاهہ جي شاعري هڪ بندي جي زندگيءَ جي عام سطح ڪان مٿي اُڀري حقيقي مالڪ تائين پهچڻ جو داستان آهي، محبت صوفين جي احوال جو اهو حال آهي. جنهن انسان کي انانيت جي معراج تي پهچايو آهي. مگر بندي کي ان تائين رسڻ ۾ وڏي مشقت برداشت ڪرڻي ٿي پوي. شاهہ نهايت ڪاميابيءَ سان انهن تجربن ۽ منزلن جو بيان ڪيو آهي، جي حقيقي راهہ جي مسافر کي طي ڪرڻيون آهن. شاهہ جو آواز ان بلندين تان اڀري ٿو، جتي عام انسان پهچي نٿو سگهي. منصور کي پيرن ۾ زنجير وجهي جڏهن دار ڏانهن ولـيو ٿي ويا، تڏهن ڪنهن هن ڪان پڇيو "عشق ڇا آهي؟" منصور



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جواب ڏنو. "توکي اڃ ان جي معنيٰ معلوم ٿي ويندي." ان ڏينهن منصور کي قتل ڪيو ويو. جنهن وقت منصور کي دار تي چاڙهي رهيا هئا، ان وقت شبلي هن کان بہ آواز بلند پڇيو. "اي منصور! تصوف ڇا آهي." منصور چيو. "جيڪي اکين سان ڏسي رهيو آهين. اهو تصوف جو هڪ خسيس جزو آهي." ان منزل تي رسڻ لاءِ تصوف جون منزلون شعريت، طريقت معرفت طي ڪجن تيون تڏهن حقيقت تي رسجي ٿو. جنيد چوي ٿو. "تصوف اهو آهي، جو خدا توکي توکان مارائي پاڻ جيئرو ڪري."

شاهہ عبداللطيف منصور، جنيد ۽ ٻين برک صوفين وارن خيالن کي نهايت دلپذير انداز ۾ پنهنجي ڪلام ۾ سمايو آهي. جو شاهہ جو رسالو سالڪن لاءِ راهہِ هدايت ٿي پيو آهي. شاهہ جي محبت جو مرڪز ذات باري تعاليٰ آهي. هو فقط ڪائنات جي مالڪ سان ئي عشق جو ناتو قائم ڪري ٿو. جنهن کي هو جانِ جمال ڪوٺي ٿو. جنيد بغدادي چوي ٿو. "هڪ ڏهاڙي منهنجي دل گم ٿي وئي ڇيم الاهي منهنجي دل موٽائي ڏي! آواز آيو. "اي جنيد تنهنجي دل انهيءَ ڪري ڪسي اٿئون تہ تون اسان وٽ رهين. ڇا تون گهرين ٿو تہ غير وٽ رهين." شاهہ عبداللطيف جي دل ۾ جيڪڏهن جاءِ آهي تہ پنهنجي مالڪ جي آهي. هنجي اکين ۾ شبلي وانگر ڪو سمايل آهي تہ اهو خدا آهي هو غير ڏانهن نهارڻ ۾ گناهہ ٿو سمجهي.

شبلي جون اکيون اٽيل هيون. هڪ سرمي وڪڻندڙ کيس چيو. "اڄ تہ آءٌ تنهنجي اکين ۾ سرمو وجهان، جيئن تنهنجي اکين جي بيماري ختم ٿي وڃي ۽ تون ماڻهن کي ڏسي سگهين." شبلي هن کي چيو. "اي سرمو وڪڻندڙ! اڄ تہ مان تنهنجي اکين ۾ سرمو وجهان جيئن تون انڌو ٿي وڃين ۽ سواءِ خدا جي ٻي خلق کي ڏسي نہ سگهين."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

لطيف جو بيان ارباب معرفت جو بيان آهي جهه پنهنجي همه گيري باعث زمان ۽ مڪان جي قيد کان آزاد آهي. ڊاڪٽر گربخشاڻي جيڪو شاهه جي رسالي جو سنڌ ۾ وڏي ۾ وڏو شارح تسليم ڪيو ويجي ٿو، شاهه جي ڪلام بابت چوي ٿو. "مون شاهه جي ڪلام متعلق هيءَ راءِ قائم ڪئي آهي ته تصوف شاهه ۽ شاهه جي عارفاڻي ڪلام لاءِ باعثِ فخر نه آهي، بلڪ شاهه ۽ شاهه جو ڪلام تصوف لاءِ باعثِ فخر آهي."

وحدت الوجود يا همه اوست تصوف جو روح آهي. اڪثر عارف انهيءَ عقيدي جا قائل رهيا آهن ۽ ڪهڻ صوفين ان عقيدي جي تبليغ ۽ مشهوري ڪئي آهي. ان جو تعبير نهايت مشڪل آهي جو ٿوري سهو انسان کي الحاد ۽ ڪفر جي ڪُن ۾ اڇلائي ڇڏي ٿي. ان عقيدي جي ڪري حلاج ايران ۾ ۽ سرمد هندوستان ۾ قتل ڪيا ويا. شاهه وحدت الوجود واري نظرئي جو قائل هو. مگر هن ان کي اهڙي احسن طريقي سان بيان ڪيو آهي جو ڪوبه اهلِ نظر ان تي اعتراض ڪري نٿو سگهي.

ظاهري نگاهه سان ڏسبو خالق ۽ مخلوق جي وچ ۾ وڏو فرق آهي، ينهي جي وچ ۾ جا نسبت آهي سا عقل ۽ قياس کان بالاتر آهي. اها ڳالهه تسليم شده آهي، ته روح کي جسم سان، روشني کي چراغ سان، خوشبو کي گل سان تعلق آهي. اهڙي طرح الله کي به ممڪنات سان هڪ قسم جي نسبت آهي. سطح آب تي جي حباب تي نگاهه وجهنداسين ته حباب علحده ۽ پاڻي علحده محسوس ٿيندو پر حقيقت ۾ حباب ۽ پاڻي ٻئي هڪ شي آهن. صوفياءِ ڪرام جو چوڻ آهي ته الله تعالي ڪائنات کان الڳ نه آهي. ڪائنات ۽ الله هڪ ٻئي کان علحده ڪري سڃاڻي نٿا سگهجن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

لطيف چوي ٿـو تـه ذات ۽ صـفـات ملي هڪ ٿين ٿـا. طالب ۽ مطلوب ۾ حد امتياز نـه آهي. حقيقت جي نظر سان ڏٺو ويندو تـه شاهد ۽ مشهود ۾ ڪو فرق ڪونهي. خالق ۽ مخلوق، عبد ۽ معبود ۾ دوئي ڪانهي. ڪٿي وحدت ڪثرت مان آشـڪـار ٿـئي ٿي ۽ ڪٿي ڪثرت وحـدت ۾ ســمـائجي وڃي ٿي. هر طرف هو ئي هو آهي، جنهن طرف نگاهه ڪجي ٿي تـه ان ۾ جانِ جمال جو جلوه ڏسڻ ۾ اچي ٿـو. انـسـان جي روح ۾ بـه اهو سمايل آهي. خود ئي آغاز آهي ۽ خود ئي انجام آهي.

انـسـان آشرف المخلوقات آهي. ڇاڪاڻ تـه نورِالاهي جو ذرو هن ۾ سمايل آهي، جنهن جي وسيلي هو خداڪي سڃاڻي سگهي ٿـو مگر اهو تڏهن ئي ٿي سگهي ٿـو، جڏهن هو پنهنجي نفس کي سڃاڻي جڏهن هو پنهنجي نفس کي سڃاڻندو تـه پنهنجي رب کي سڃاڻندو. من عرف نفسه فقد عرف ربه . منصور چوي ٿو "آءُ اهو ئي آهيان جنهنکي آءُ پيار ڪيان ٿـو. جنهن کي آءُ پيار ڪيان ٿـو ســو آءُ اهو ئي آهيان. اسين ٻـه روح آهيون جي هڪ بدن ۾ حل ٿيا آهيون."

انـسـان عالمِ اصغر آهي. انـڪـري ان ۾ عالمِ اڪبر جون سڀ خصوصيتون ننڍي پيماني تي موجود آهن. انـسـان جڏهن پنهنجي وجود. جي آئيني کي دنوي دز ۽ ڌوڙ کان صـاف ڪندو تـه عـالمِ ملوڪيت جا نقش نگار هن جي وجود جي آئيني تي مـرتعڪـس ٿين ٿـا. محويت جي عالم ۾ ذوالنون مصري هڪ ڀيري چيو، "الله کان سـواءِ ٻيو ڪي بـه منهنجي جبي ۾ ڪونهي".

شـاهه هڪ صوفي آهي. شـاهه جو تصوف اسلامي تصوف آهي. شـاهه عبداللطيفؒ جو ڪلام حـمـد و ثنا، رب جليل ۽ توصيف ۽ نعت سـرور دو عـالـم ســان ڀريـل آهـي. شـاهه جي رسالي جي شـروعات سـر ڪلياڻ سـان ٿـئي ٿي ان ۾ خدا جي وحدانيت ۽ ان جي يڪتائي جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مدح سرائي ۽ محمد مصطفيٰ صَلي الله عليہ وسلم کي پنهنجو رسول تسليم ڪرڻ جي تلقين ملي ٿي. شاهہ الله ۽ انجي رسول صلعم جي عشق ۾ سراپا سرشار آهي. انڪري رسالي جي مختلف سرن ۾ هن پنهنجي ان عشق جو اظهار ڪيو آهي.

هڪ عظيم شاعر جي بزرگي ۽ بلندي جو اندازو ان ڳالهہ مان لڳايو وڃي ٿو تہ هن پنهنجي ڌرتيءَ تي رهندڙ پاڻ جهڙن انسانن جو ڪهڙو ۽ ڪيترو مشاهدو ڪيو آهي ۽ انکي پنهنجي ڪلام ۾ ڪهڙي انداز ۾ پيش ڪيو آهي. هن انهن جي معاشي ۽ معاشرتي حالتن، جنهن ۾ هو رهن ٿا، کي ڪهڙي نگاهہ سان ڏٺو آهي ۽ هو انهن کان ڪيتريقدر متاثر ٿيو آهي. هڪ عظيم شاعر پنهنجي ديس واسين جي نہ صرف خارجي حالتن جو غور سان مطالعو ڪري ٿو پر انهن جي اندر ۾ جهاتي پائي هنن جي دلين جي مختلف ڪيفيتن، جذبن، امنگن خوشي ۽ غم کي ڏسي ٿو. هنن جي هر ڪيفيت کي پنهنجي ڪيفيت، هنن جي هر جذبي کي پنهنجو جذبو سمجهي نهايت پر اثر انداز ۾ بيان ڪري ٿو. پوءِ اهي ڪيفيتون، اهي جذبا، اهي غم ۽ خوشيون نہ صرف هڪ انسان، نہ صرف هڪ ملڪ پر ساري دنيا ۾ رهندڙ انسانن جا محسوس ٿين ٿا. شاهہ عبداللطيف دنيا جي آفاقي شاعرن مان هڪ آهي. جنهن پنهنجي ديس جي ماڻهن ، محنت ڪش، هارين، ڪورين، مهاڻن، ملاحن، واڍن، لوهارن، ٻڪرارن، ڏنارن، وڻجارن، ڳوٺاڻن، بيراڳين، جوڳين، ساڌن مطلب تہ سنڌ ۾ وسندڙ عوام جي زندگي، انهن جي معاشي ۽ معاشرتي حالتن، هنن جي غمن ۽ خوشين کي نہ صرف غور سان ڏٺو آهي پر هن انهن جي هر ڏک ۽ سک کي پنهنجو سمجهي نهايت اثرائتي انداز ۾ بيان ڪيو آهي. اهو ئي سبب آهي، جو شاهہ جو ڪلام آفاقي ڪلام بڻجي سنڌ جون سرحدون سر ڪري ٻين ملڪن ۾ مقبول ٿي رهيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

شاھہ عبداللطيف کي پنھنجي ڌرتيءَ ۽ ڌرتيءَ جي ماڻھن سان پيار ھو. ھن جي ڪلام ۾ سنڌ جو روح تڙپي ٿو ۽ دل ڌڙڪي ٿي. ھن جي ڪلام ۾ سنڌ جي سر زمين جي مختلف علائقن جي خوشبو ڦهليل آھي. ھن کي پنھنجي سر زمين جي ڍڳن، پھاڙن، ندين، نالن وڻن ٽڻن، جھنگلن، ريگستانن، ڍنڍن، تلائن سان پيار ھو، ھو انھن جو ذڪر اھڙيءَ طرح ڪري ٿو، جيئن ڪو عاشق پنھنجي محبوب جي خدوخال جي مدح سرائي ڪندو آھي.

سنڌ ۾ دنيا جي ٻين ملڪن وانگر قصن ۽ داستانن ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ جو رواج صدين کان ھلندو اچي. قصا شھرن جي پيٽ ۾ ڳوٺن ۾ وڏيڪ ڇاھہ سان بيان ڪيا ويندا آھن ۽ سيني بہ سيني منتقل ٿيندا رھندا آھن. سنڌ جا ماڻھو ڪچھرين ۾ يارن دوستن کي يا پنھنجين جھوپڙين ۾ ويھي پنھنجن ٻارن ۽ گھر وارن کي سنڌ ۾ رونما ٿيل محبت جا داستان، سورھين جي سورھيائيءَ جا قصا ۽ سخي مردن جون ڪھاڻيون ٻڌائيندا رھندا ھئا. اھڙي طرح اھي داستان سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۽ شھر شھر ۾ مشھور ٿي ويا. شاھہ عبداللطيف سنڌ جي مشھور ۽ مقبول انھن محبت، سورھيائيءَ ۽ سخا جي داستانن کي نئين انداز ۾ بطور تمثيل بيان ڪيو آھي. مثلاً سسئي پنھون، عمر مارئي، سھڻي ميھار، ليلا چنيسر، مومل راڻو وغيره. ھن سمجھيو ٿي تہ ھو انھن مقبول عوامي داستانن ذريعي پنھنجي پيغام کي بھتر طريقي سان عوام تائين پھچائي سگھندو ۽ انھن جي دلين ۾ جانشين ڪري سگھندو.

شاھہ عبداللطيف پنھنجي شاعري سان سنڌي زبان کي زنده جاويد ڪري ڇڏيو آھي. شاھہ بيان ۽ اظھار جو جيڪو قرينو سنڌي شاعري کي عطا ڪيو ان جي وڏي ۾ وڏي خوبي اھا آھي، تہ ھن پنھنجي ڌرتيءَ جي عام مروج زبان استعمال ڪئي آھي. ھن جيترا لفظ، محاورا، استعارا ۽ تشبيھون استعمال ڪيون آھن، سي ھن پنھنجي ڌرتيءَ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

عوام کان حاصل ڪيون آهن، مگر هن پنهنجي ڪيمياگريءَ سان انهن ۾ اهو جادو ڦريو آهي، جو صديون گذرڻ کان پوءِ بہ انهن ۾ اهائي تازگي شگفتگي موجود آهي، جيڪا ان وقت هئي، جنهن وقت اهي بيان ڪيا ويندا هئا. لطيف جو روءِ سخن سنئون سڌو عوام سان هو، انڪري هن ٻولي بہ اهائي استعمال ڪئي جيڪا عوام جي هئي. هن ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ عوامي زبان شهد ۽ شڪر کان وڌيڪ شيرين ٿئي ٿي. ان ۾ ڪيتن ۾ ڪلنڊڙ سرنهہ ۽ جهنگلي گلن جي خوشبو سمايل ٿئي ٿي جيڪا حنا ۽ گلاب جي عطر کان وڌيڪ تراوت ۽ راحت بخشيندڙ آهي.

شاهہ عبداللطيف سنڌ جي هر خطي جو سير ۽ سفر ڪيو هو. تنهنڪري هن پنهنجي ڪلام ۾ سنڌ جي هر خطي جي زبان استعمال ڪئي آهي. اتان جا مقامي لفظ استعمال ڪيا آهن، جنهن ڪري شاهہ جو رسالو سنڌي لفظن جو قيمتي خزانو ٿي پيو آهي. جنهن بہ عالم سنڌي لغت مرتب ڪرڻ جي تڪليف ورتي آهي ان لغت جي تيار ڪرڻ ۾ لامحالہ شاهہ جي رسالي کي پنهنجي لغت جو بنياد بڻايو آهي.

شاهہ پنهنجي ڪلام ۾ روميءَ کي پنهنجو پير تسليم ڪيو آهي. هڪ روايت آهي تہ شاهہ عبداللطيف کي مولانا روم سان ايتري عقيدت هئي جو مثنوي جو هڪ نسخو، جيڪو سنڌ جي حاڪم ميان نور محمد ڪلهوڙي کيس تحفي طور ڏنو هو، هيشہ پاڻ سان رکندو هو.

ساري دنيا جي صوفين جي هڪ زبان آهي. هن لاءِ دنيا کي ڪابہ حقيقت نہ آهي، حقيقت صرف حق کي آهي. سيئي صوفيانا خيال هڪ رنگ ۽ ڍنگ جا آهن ۽ ساڳي روحاني تجربي جي عڪاسي ڪن ٿا. اهوئي سبب آهي جو مولاناروميءَ ۽ شاهہ عبداللطيف جي خيالن ۾ هڪ جهڙائي آهي، پر روميءَ ۽ شاهہ جي اندازِ بيان ۾ فرق آهي. مولانا رومي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جي تفسير جي سلسلي ۾ تفسير ابن ڪثير ۾ اچي ٿو تہ الله تعاليٰ پنهنجي پيغمبر حضرت دائود کي هڪ اهو پاڪيزه معجزو عطا فرمايو جو جيئن ئي نغمئہ دائودي فضا ۾ گونجندو هو تہ جبل ۽ پکي وجد ۾ اچي ويندا هئا. اهي حضرت دائود جي آوازَ ۾ آواز ملائي خدا جي ثنا جو ساڳيو نغمو ڇيڙيندا هئا. صحيح حديث ۾ آهي تہ هڪ رات حضرت ابو موسيٰ اشعري قرآن پاڪ جي تلات ڪري رهيو هو جا ٻڌي آنحضرت صلي الله عليه وسلم اتي بيهي رهيا ۽ دير تائين ٻڌندا رهيا پوءِ فرمايائون تہ "ابو موسيٰ اشعري کي نغمئہ دائودي جو ڪجهہ حصو مليو آهي." سمجهہ ۾ ائين اچي ٿو تہ شاهہ عبداللطيف کي بہ نغمئہ دائودي جو ڪجهہ حصو مليل آهي جو اڍائي سو سالن کان وٺي هن وقت تائين جيڪو بشر سندس ڪلام ٻڌي ٿو ان تي خود فراموشي ڇائنجي وڃي ٿي.

. "شاهہ عبداللطيف آف ڀٽ" جي مشهور ۽ معروف مصنف ڊاڪٽر ايڇ. ٽي سورلي 1953ع ۾ ايبرڊن يونيورسٽي پريس مان انگريزي زبان ۾ هڪ ڪتاب "ميوزا پرواڳنس" (Musa Paravagans) شايع ڪيو آهي، جنهن ۾ هن دنيا جي ستن معروف زبانن يوناني، لاطيني، فرانسيسي، اطالوي، عربي، اردو ۽ سنڌي جي مشهور غنائيہ شاعرن جو منتخب ڪلام ڏنو آهي. ان ۾ شاهہ جو ڪلام بہ شامل آهي. شاهہ جو ڪلام پيش ڪرڻ سان گڏ ڊاڪٽر سورلي تعارفي نوٽ بہ تحرير ڪيو آهي، جنهن جو اختصار هيٺ بيان ڪجي ٿو.

"مون شاهہ عبداللطيف آف ڀٽ جي انتساب ۾ ( جو سنڌ جي باشندن جي نالي آهي، شاهہ جي خوبين جو ذڪر ڪندي لکيو آهي.

"No might is here of Rumis verse. No Jamis soul wrapt music swings. No high- turned note of Hafiz wit within your humble ministrel song yet! Strange Paradox it be. That not less Searching is the calm the simple music of his lays. Than deep utterance of Islam.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هو وڌيڪ چوي ٿو:

منهنجي خيال ۾ پاڪستان هڪ ئي عظيم شاعر پيدا ڪيو آهي، جو آهي لطيف ... شاهه انهن تمام شاعرن کان عظيم آهي، جن جو منتخب ڪلام موجوده ڪتاب "ميوزا پرواڪنس" ۾ پيش ڪري رهيو آهيان."

"هن جي شاعري ٻه ٻين سنڌي شاعرن وانگر غنائي (Lyrical) آهي ۽ انکي بخوبي ڳائي سگهجي ٿو ۽ ڳايو به ويجي ٿو. مشرق اجا تائين پنهنجي شاعري کي ترنم ۽ راڳ کان الڳ نه ڪيو آهي، جيڪڏهن ڪنهن کي ان ڳالهه تي يقين نه ٿو اچي ته انکي صرف شاهه جي مزار پٽ شاهه تي وڃڻو پوندو. ان کي ان ڳالهه جي تصديق ملي ويندي."

لطيف حقيقتاً هڪ عظيم شاعر هڪ عظيم مغني هو. در حقيقت هن جي شاعري ۽ موسيقي هڪ جان ۽ ٻه قالب آهي. هن جي ڪلام ۾ صرف موزونيت جي خوبي نه آهي، ۾ موسيقي جو جادو به سمايل آهي، جهڙي طرح امير خسرو هندستاني موسيقي ۾ نظري ۽ عملي انقلاب برپا ڪيو اهڙي طرح شاهه عبداللطيف موسيقي جي دنيا ۾ نئين موسيقي جي روايتن کي جنم ڏنو.

امير خسرو کان چار سئو سال بعد سنڌ جي وادي ۾ شاهه جي نغمن جو آواز ڦهلجي ويو. هو امير خسرو وانگر صوفي به هو ۽ شاعر به هو. هن پنهنجي زبان ۾ موسيقي جي هڪ نئين تحريڪ جو بنياد رکيو.

شاهه عبداللطيف جڏهن ڀٽ تي رهائش اختيار ڪئي، هن موسيقي جو هڪ مستقل ادارو قائم ڪيو. هن هڪ نئون ساز ايجاد ڪيو، جنهن جو نالو "دنبور" رکيو. جيتوڻيڪ هي ساز هندستان جي مختلف علائقن ۾ موجود هو ان ۾ ٽوريون تارون هيون. شاهه پنهنجي نئين ساز کي پنج تارو بنائي ڇڏيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

شاهہ جي زماني ۾ ڀٽ تي هر رات سومهڻي جي نماز کان پوءِ سنگيت جي محفل منعقد ٿيندي هئي جيڪا صبح جي نماز کان اڳ برخاست ٿيندي هئي. هن ۾ شاهہ سائين جا مريد مختلف علائقن کان آيل قوال، موسيقار ۽ راڳ وارا حصو وٺندا هئا. شاهہ پنهنجن عقيدتمندن کي نئين انداز ۾ ڳائڻ جي تربيت ڏني. پنهنجي ڪلام کي نون موضوعن تحت سرن ۾ ترتيب ڏنو ۽ هر ڏن کي ان راڳڻي لاءِ مخصوص ڪيو جنهن ۾ ان جو ڳائڻ مقصود هو. شاهہ جي محفل ۾ عوامي موسيقي کي وڏي مقبوليت حاصل هئي. شاهہ ڪلاسيڪي موسيقي ۽ عوامي موسيقي جي ميل سان سنگيت جي نئين روايت ۽ نئين اسلوب جو بنياد رکيو ۽ موسيقي ۾ نئون روح ڦوڪيو. شاهہ هيٺين عوامي راڳڻين کي اها زندگي عطا ڪئي جو اڄ تائين نہ صرف ڳايون پيون وڃن مگر عوام ۽ خاص ۾ بيحد مقبول آهن. (۱)

(۱) سامونڊي
(۲) آبري
(۳) معذوري
(۴) ڪوهياري
(۵) رائو
(۶) ڪاموڏ
(۷) رپ
(۸) ڏهر
(۹) ڪاپائتي
(۱۰) پرڀاتي
(۱۱) ليلا چنيسر
(۱۲) ڳهاتو
(۱۳) مارئي
(۱۴) ڪارايل

(۱) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پاڪستان جي مختلف خطن جي عظيم شاعرن، جن جي ڪلام جو آواز پنهنجن علائقن جو سرحدون سرڪري ساري پاڪستان ۾ ڦهلجي ويو آهي ڪي اردو ۾ منتقل ڪري بعد ۾ اردو مان پاڪستان جي ٻين زبانن ۾ ترجمي جو ڪم وڏي افاديت ۽ اهميت رکي ٿو. شاعر پنهنجي خطي جي زبان ۽ انهيءَ خطي جي جذبن ۽ خيالن سماجي، تهذيبي، معاشي، معاشرتي حالتن جو ترجمان ٿئي ٿو. ان جي ڪلام جي مطالعي سان هن ملڪ جو عوام پنهنجي ملڪ جي مختلف خطن جي احساسن، جذبن، امنگن ۽ خيالن کان واقفيت حاصل ڪندو، جنهن ڪري نه صرف انهن جي افڪار ۽ نظريات ۾ وسعت پيدا ٿيندي، پر انهن ۾ قربت ۽ يڪجهتي به پيدا ٿيندي ان ڪري پاڪستان جي مختلف زبانون ڳالهائيندڙن ۾ هم آهنگي ابرندي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائي هڪ عظيم شاعر آهي، جنهن جي مقبوليت جو هي حال آهي جو سندس ڪلام جو اثر سنڌوارن جي رڳن ۾ ماءُ جي کير وانگر گردش ڪري رهيو آهي. ادبيات پاڪستان طرفان جڏهن رسالي جي ترجمي جو ڪم منهنجي سپرد ٿيو تڏهن نهايت خوشي ٿي ته رب العزت هي سعادت مونکي نصيب ڪئي. شاهه جي ڪلام جي هم گيري گهرائي ۽ فني خوبين تي جڏهن ويچار ڪيم تڏهن پريشاني محسوس ٿيڻ لڳي دل ۾ چيم ائين نه ٿئي جو اهلِ زبان نه هئڻ ڪري ايتري ضخيم ۽ اهم ڪم جي ترجمي ۾ زبان جي سهو ٿي وڃي ان ڪري ترجمي جي ڪم ۾ پنهنجي دوست ڊاڪٽر وقار رضوي کي شريڪ ٿيڻ جي دعوت ڏنم، جيئن هو منهنجي ترجمي تي نظر ثاني ڪري ۽ نوڪ پلڪ کي سنواريندو رهي. ڊاڪٽر وقار رضوي جيتوڻيڪ سنڌي نه ڄاڻندو آهي، مگر هو اردو، هندي، عربي، پارسي جو عالم آهي، مونکي يقين هو ته هنجي مختلف زبانن ۾ مهارت مذهب ۽ تصوف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جي ڄاڻ، شاهه جي ڪلام کي سمجهڻ ۾ آساني پيدا ڪندي. آءُ شاهه جي بيت جو اردو ۾ ترجمو ڪندو هوس. ان تي ڊاڪٽر صاحب ۽ مان ويچار ڪندا هئاسين جڏهن ڊاڪٽر صاحب کي تسلي ٿيندي هئي ته ترجمو درست ٿيو آهي، تڏهن هو انتي نظر ثاني ڪري ان جي نوڪ پلڪ سنواريندو رهندو هو.

ترجمو اصل جو لاش آهي، تنهنڪري ڪنهن به عظيم شاعر جي ڪلام جو ترجمو ٿي نه ٿو سگهي. اهو چاهي نثر ۾ هجي يا نظم ۾. عظيم شاعر جي ڪلام ۾ جتي خيالن جي گهرائي ۽ وسعت ٿئي ٿي اتي ان جو ڪلام فني خوبين سان پڻ سينگاريل هوندو آهي، جنهن ڪري هنجي ڪلام ۾ اثر ۽ دلپذيري پيدا ٿي ويندي آهي. ترجمي ۾ فني خوبيون منتقل ٿي نه سگهنديون آهن، جنهن ڪري ڪلام جو حسن ۽ دلفريبي، اثر ۽ دلپذيري ختم ٿي ويندي آهي، باقي ڪنهن حد تائين شاعر جو خيال بيان ڪيو ويندو آهي، جيڪو نقاش جي ان تصوير جهڙو هوندو آهي، جنهن جا سڀ رنگ ميسارجي ويا هجن.

شاهه عبداللطيف جي ڪلام ۾ ٻئي خوبيون خيال جي گهرائي ۽ فني خوبيون اعليٰ درجي تي موجود آهن. هنجي فني خوبين ۾ لفظن جو ڪثرت سان استعمال ۽ لطافت اپنن آهي، جيئن سنڌو درياءُ ڇولبون هڻندو هجي ۽ هر بيت جي هر سٽ ۾ صنعت سر حرفي جو استعمال سنڌس ڪلام جي اها خوبي آهي، جنهن سنڌس ڪلام ۾ ڪمال جو حسن ۽ دلڪشي پيدا ڪئي آهي. شاهه جي ڪلام جون فني خوبيون ترجمي ۾ اچي نٿيون سگهن.، تنهن ڪري ترجمي ۾ صرف لطيف جا خيال ئي منتقل ٿي سگهيا آهن. ادبيات پاڪستان طرفان اها پابندي به عائد ڪئي وئي آهي ته هر بيت ۽ وائي جو ترجمو سٽ وار ڪيو وڃي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

شاھ جي بيت ۾ چار سٽون آھن تہ انجو ترجمو ڇھن سٽن ۾ ست وار ڪيو ويو. انڪري بہ ترجمي ۾ ڪافي دقت رسي آھي. بھرحال، اسان ڪوشش ڪئي آھي تہ، شاھ جي ڪلام کي وڌ ۾ وڌ بھتر ۽ خوبصورت انداز ۾ ترجمو ڪريون. اسان ترجمي ۾ پر شڪوھ لفظن بجاءِ سادہ زبان استعمال ڪئي آھي. ڇاڪاڻ تہ جتي پرشڪوہ زبان ھوندي آھي اتي شاعر جو خيال ان گل وانگر ھوندو آھي جو پن ۾ لڪو پيو ھوندو آھي. اسان ترجمي لاءِ صرف ايترو چئون ٿا تہ جيڪي ڪجھ آھي شاھ جو آھي. اسانجي دلي تمنا آھي تہ ھي ترجمو شاھ کي ۽ ان جي پڙھندڙن کي پسند اچي.

ڊاڪٽر اياز قادري

(پاڪستان اڪيڊمي آف ليٽرس اسلام آباد طرفان شاہ جي رسالي جي اردو ترجمي "شاہ ڪا ڪلام" جي مقدمي جو ترجمو.)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# شاھ جي مجازي شاعري
## (سر بروو سنڌي جو اڀياسُ)

هونئن تہ شاھ جي رسالي جي ڪيترن سُرن ۾ عشق جي باھ پڙڪندي، محبت جو مچ مچندو، درد جو دونهون دکندو ڏسڻ ۾ اچي ٿو. مگر سرُ ڪنيات، پورب، رپ ۽ آسا ۾ عشق جا پنيٺ نظر اچن ٿا. شاھ ڪي ڦوھ جوانيءَ ۾ جيڪا عشق جي مهميز آئي هئي، انهيءَ جا سور ۽ سڏڪا، آهون ۽ دانهون، انهن سرن ۾ سرس سمايل آهن.

يوناني متيالاجي ۾ ڪيوپڊ نالي هڪ سهڻو پر انڌو جوان عشق جو ديوتا آهي، سندس هٿ ۾ تير ڪمان آهي، جنهن کي چاهي ان جي سيني ۾ تير هڻي ان جي دل ۾ عشق جو زخم ڏئي ڇڏي ٿو. عشق عجب اسرار آهي. صوفين جو قول آهي تہ، "عشق اُها باھ آهي جا الله انسان جي دلين ۾ دکائي ٿو."

عشق ۽ محبت هن دنيا جي ابتدا کان قائم آهي ۽ هن دنيا جي انتها تائين قائم رهندو. آدم جو اولاد سدائين عشق جي جذبن سان سرشار رهندو، عشق جي چوٽ کائيندو رهندو ۽ هن جا چاڪ چڪندا رهندا.

سر بروو سنڌي شاھ جو اهو سُر آهي، جنهن ۾ دل وٺڻ ۽ دل ڏيڻ، حسن ۽عشق جي وارداتن، ناز ۽ نياز جي نظارن، جفا ۽ وفا جي بيانن، وصل ۽ فراق جي مامرن، سهڻي جي ساراھ، پنهنجي عاجزي، دل ۾ اپرندڙ اڌمن ۽ ذهن جي مختلف ڪيفيتن جي ترجماني ٿيل آهي. ان ۾ ڪو وڏا! ڪونهي تہ شاھ هن سرجي دامن ۾ محبت جي جملي اسرارن ۽ رمزن، وارداتن ۽ ڪيفيتن کي سميٽي ڇڏيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

عشق چا آهي، ان جي شاهه پنهنجي مختلف سرن ۾ اُپٽار ڪئي آهي، جيئن سُر يمن ڪلياڻ ۾ چوي ٿو

(۱) محبت جي ميدان ۾ ڪرڙاڏو پَٽَ
سر سوري، ڏڙ ڪنگرين، مٿان ڪچين ڪَٽَ
عشق نانگ نپٽ، خبر ڪاڏن کي پوي.

(۲) عشق ناهي راند، تہ ڪي ڪنس ڪيرو
جي، جسي ۽ جان جي، ٻيي جو هيڪاند
سي نيزي پاند، اُچل تہ اڏ ٽئين.

هن سر ۾ شاهه عشق جي وصف هيئن بيان ٿو ڪري

عشق اهڙي ذات، جو مانجهي منجهائي
ڏيهان ڏوڙڻ ڏونگرين، رڻ سڄائي رات
اُتي ويٺي تات، ميان! محبوبن جي.

محبوب ِجا دل ڏتارڻ جا پنهنجا طريقا آهن. ڪڏهن اکڙين سان ڪوٺي کهي ٿو ۽ ڪڏهن ڪلي گهائي ٿو رکي، ويچارو عاشق محبوب جي نازو ادا تي دل وڃائي ويهي ٿو رهي.
شاهه پنهنجي دل هيئن هارائي ٿو ويهي.

ڪوٺي ڪنائون، اڄ پڻ اکڙين سان
ماس ورهائي هليا، ڪرنگل ڇڏيائون
مٺي ماريائون، ڪلي گهايو سڄڻين

محبوب نہ صرف دل ڦري ٿو پر ان کي پاڻ وٽ سوگهو ڪري بہ رکي ٿو. شاهه جو محبوب سندس دل ڪيئن سوگهي رکي ٿو ان لاءِ چوي ٿو؛

جنءِ ميه ڪنڌي پور، تيئن دوست وراڪو دل سين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

نہ ان کان وڌيڪ محبت جون ميخون هٽي شاهہ جي دل سوکهي ڪٽي ٿي وڃي شاهہ چوي ٿو:

ڪڙو منجهہ ڪڙي، جنهن لهار لپيٽيو
منهنجو جيءُ جڙي، سپريان سوکهو ڪيو.

سهڻي جي سونهن جي ساراهہ عاشقن ۽ شاعرن جو ڪم آهي، پر جي عاشق شاعر بہ آهي تہ پوءِ محبوب جي حسن جي واکاڻ اهڙن لفظن ۽ اهڙي انداز سان ڪندو آهي جو پڙهندڙ جو هنيون ان جي محبوب ڏانهن هر ڪجي ويندو آهي. شاهہ بہ پنهنجي محبوب جي منهن مهانڊي ۽ هر ادا جو بيان نهايت دلڪش انداز ۾ ڪيو آهي. هو ٻڌائي ٿو تہ سندس محبوب ايترو سهڻو آهي جو هو محبوب جي حسن جي واکاڻ بيان ڪري نٿو سگهي:

ساجن سندي سونهن جي، ڳالهہ ڪريان ڪيهي

سر مومل راڻي ۾ شاهہ مومل جي اکين جي تعريف ڪندي چوي ٿو تہ،

”ڳجر ڪي ڳجميل جيون، تارن ۾ تبرون“

يعني مومل ڪي اکين ۾ ڪهاڙيون هيون جن سان سيني کي وڍي ٿي رکيائين. هن سر ۾ شاهہ محبوب جي اکين سان سندس ڀرن جي تعريف ڪندي ٻڌائي ٿو تہ محبوب جون اکيون تيز تلوارون آهن ۽ سندس ڀرون ڀالا آهن. پنهي جو ڪم آهي عاشقن کي ڦٽڻ.

”نيڻ سجيلا سپرين، ڀوئر ڀرون ڀالا
چڪيا ڦٽ فراق جا اندر ۾ آلا

محبوب جي نور ۽ نلڻ جي تعريف گهڻو ڪري دنيا جي سڀني شاعرن ڪئي آهي ۽ واهہ جا ڪئي آهي پر جنهن انداز سان شاهہ ڪئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آهي اها پنهنجي مٽ پاڻ آهي. محبوب جو ناز مان هلڻ ۽ ڏرتيءَ جو سندس قدمن کي بسم الله چئي چمڻ نازڪ خياليءَ جي انتها آهي، محبوب جي حسن جي حشمت اهڙي آهي جو حورون به حيرت ۾ ان ڏانهن ڏسڻ لڳن ٿيون.

ناز منجهاران نڪري جڏهن پرين ڪري ٿو پنڌ
پون پڻ بسم الله چئي راه چمي ٿي رند
اُپيون ڪُهٽيون ادب سين، حورون حيرت هنڌ
سائين جو سوڳنڌ، ساجن سينيان سهڻو.

فراق ۽ وصل ۾ پنهنجو پنهنجو مزو آهي. سو شاهه هن سر ۾ فراق ۽ وصل جو ذڪر ڪري ٻنهي ڪيفيتن کان مسرور ٿيندو ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

فراق موت کان وڌيڪ سخت آهي. شاهه چوي ٿو ته اها رب جي رضا هئي جو مونکي فراق جو ڦوڙائو نصيب ٿيو هاڻي محبوب جي وڇوڙي ۾ ڏينهن جو راحت ناهي رات جو حيراني آهي.

جڏها نڪره جاني، سڄڻ سانگ سِڌاريا
راتيان راحت ناه ڪا، ڏينهان حيراني
آئون پهجي پرين تان، ڪوڙين قرباني
رضا رباني نه ته ڪريان وس وصال جا

شاه جي دل فرياد ڪرڻ لڳي ٿي،

جڏه پوي ٿي ياد، صحبت سپرين جي
تڏه فريادون فرياد، ناڳاه وڃن نڪريو

وڇوڙي ۾ جڏهن ڪيس يار ياد اچي ٿو ته شاهه جا نيڻ نير هارڻ لڳن ٿا. جيئن مومل چيو هو ته؛

"سودا تو ڳر ساه، نه ته راتا هيا پي راج ۾"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تيئن شاهه ساري لوڪ ڏانهن ڏسي ٿو پر سندس پنهنجي سڄڻ لاءِ جيڪا سڪ آهي سا پوري نه ٿي ٿئي.

اڄ پڻ اکڙين، سڄڻ پنهجا ساريا،
ڳلن تان ڳوڙهن جون بوندون بس نه ڪن،
سندي سڪ پرين، لوڪ ڏٺي نه لهي.

شاهه کي جدائي جون گهڙيون گهارڻ جڏهن اوکيون لڳن ٿيون ته الله در آزي نيازي ڪري محب ملڻ جي مدعا ڪرڻ لڳي ٿو.

(۱) سو يار ميڙين يا لا! جه جي صحبت ڪاڻ سڪي هنيون

(۲) ويئو ڏسان واهَ، اڄ پڻ آيا ڪين ڪي
ساڄڻ ڪاڻِ سڪي گهڻو، ساريو مهجو ساهه
آڻين شال الله، ته اڳڻ ٿينم اُجرا.

شاهه ڪريم چيو آهي "جاڳندي جيئي سُتي پڻ سيئي"
سو لطيف کي جدائي ۾ انئي پهر آتي ويئي پنهن جي سهٽي جي سار رهي ٿي پوءِ سندس محبوب ڪيس خواب ۾ ڏسڻ اچي ٿو ۽ ڪيس خوشي ٿيڻ لڳي ٿي.

پر وَس ٿيم پاڻ، پرين وس نه پهچي،
لڳو ڪنءِ لطيف چئي، چپر چاتيءِ ساڻ،
پرين ڏيکاري پاڻ، خوش ڪري ويا خواب ۾.

اهو عشق ڪهڙو، جنهن ۾ عاشق کي پنهنجي محبوب کان شڪايت نه هجي، شاهه ۾ پنهنجي محبوب کي چت چريو ڪري بي رُخيءَ جو الزام ڏريندي شڪايتي انداز ۾ چوي ٿو:

يلي ڪيئه يلا پرين، هينءَ نه مناسب هوءِ
لائي چت چريو ڪري، پاڻ ڪڍي وئين پوءِ
توڙي حب نه هوءِ، تب هوت نه ڪجن هيڏيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

هي بيت به پنهنجي محبوب کي "ياڪي" يعني منهن مٺڻ جو
مهڻو ڏيندي چوي ٿو ته قضا کي ڪري ساه ساڙي ويو آهين. تو ڪيڏي
منهنجي جيءَ سان جاڙ ڪئي آهي، جو ٻت هٿ ڇڏي ويو آهين ساه ساڻ
وٺي ويو آهين.

ساه وٺي وئين سپرين، ڪري قضاڪي
دلبر دل ڪسي وئين. يار ٿين پوءِ ياڪي
جاڙ مون ضعيف سان، تو جانب ڏس جا ڪي
ٻت رهيو باقي. ساهَ وٺي وڃين سپرين.

شاهه شروع ۾ ته محبوب جي بي رخي جي شڪايت ڪري ٿو.
پر اڳتي هلي محبوب جي جفائن جو ذڪر ته نهايت شد مد سان ڪري
ٿو:

اڄ پڻ انگير انگ هتان حبين جي
جا پر سوٽيءَ سنگ، سا پر ٿي سورن سين.

جفا جي ان ڪان به وڌيڪ شڪايت ڪندي چوي ٿو ته منهنجا
دلبر اها ڪاسائڪي ڪار ڪنهن کان سکيو آهين، جو تکي ڪاتي
هوندي به مڏي ڪاتيءَ سان مارين ٿو.

ڪاتان سکين سپرين، ڪاسائڪي ڪار
تکي ڪاتي هٿ ڪري، مڏيءَ سان مَ مار
چوري چاڪ نهار، جي سورن سانگهيڙا ڪيا.

جتي شاهه پنهنجي جانب جي جفا جو ذڪر ڪري ٿو. اتي ان
جي وفا کي به وساري نٿو. ٻهريان ته محبوب جي عجيب طبيعت جو
ذڪر ڪري ٿو ته منهنجو محبوب ڪڏهن ڪيئن آهي ته ڪڏهن ڪيئن
آهي. ڪڏهن جفا ڪارءِ ڪڏهن وفا شعار. ڪڏهن ته دري به نٿو کولي
ڪڏهن در کوليو رهي. ڪڏهن اچڻ ئي نه ٿو ڏي ڪڏهن سڏن ٻڌان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سڏ ڪيو ڪوليو ولي، ڪڏهن سندس ڳالهائڻ ٻڌڻ لاءِ سڪندو رهان ۽ ڪڏهن ويجهو ويهاري ڳجهاندر ڳالهيون ڪري ٿو.

ڪڏهن طاقيون ڏين، ڪڏهن ڪلن در دوست جا
ڪڏهن اچان اچڻ نہ لهان، ڪڏهن ڪوئيو نين
ڪڏهن سڪان سڏ کي، ڪڏهن ڳجهاندر ڳرهين
اهڙائي آهين، صاحب منجها سپرين

محبوب جي جفا جي ذڪر ڪان پوءِ هو سندس وفا جو ذڪر بہ ڪري ٿو. محبوب جي وفا جي تعريف ڪندي چوي ٿو تہ سندس محبوب پاڻ ئي پرچڻ جون ڳالهيون ڪري ٿو. جاڪاڻ تہ سندس دستور ۾ ياري رکي پوءِ ڇني ڇڏڻ جي ڳالهہ آهي ئي ڪانہ.

ڏاتر مون ڏيکاريو، هوتن جو حضور
پرينءَ پرچڻ جي ڪئي، موتائي مذڪور
اي دوستن جو دستور، جنءَ ڇني ڇڏن ڪين ڪي

سر ڪاموڏ ۾ شاهہ جي سورمي نوريءَ کي اهو فڪر آهي، تہ متان سمو ڄام سندس اڪيچار عيب ڏسي هن کان منهن موڙي نہ وڃي تنهنڪري هر وقت هيڻن ليلائيندي ٿي رهي تہ.

تون سمو آءٌ گندري مون ۾ عيبن لک
هن منهنجي حال جي توکي سڀ پرک
ڪارڻ رب الڪ، متان ماگر متين.

پر هن سر ۾ شاهہ پنهنجي محبوب جي وفا جي واکاڻ ڪندي چوي ٿو، جيتوڻيڪ سندس محبوب کي سندس مدائن جي ڪل پئي پر هن ڪاوڙ ۽ ڏمر ڪرڻ بجاءِ اوڳڻ اکلايون ۽ مديون معاف ڪري ڇڏيون.

منهنجي مدائن جي، ڪل پريان پيئي
ڪڏهن ڪوسا نہ ٿئا، ڏورايا ڏيئي
ساجن سيئي، ڏکيم ڏول ڏلايون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

فراق، شڪايتون، جفا ۽ وفا جي بيان کان پوءِ شاهه وصل جي واٽ ڪي به وساريو نه آهي. جدائي جي جلائيندڙ گهڙين کان پوءِ شاهه جو محبوب سنڌس اڱڻ اچي ٿو، جنهن ڪري سنڌس سور سنڌيون ڪري هليا وڃن ٿا.

اڄ پڻ جڙيم جوڙ، دوس پيهي در آيو
سڪن اچي ڏکن کي محڪم ڏني موڙ
جا پڙ ڪئي ڪوڙ، سا پر سورن ساڻ ٿي

ڪڏهن ايئن به ٿيندو آهي، ته وصل جي واٽ نهاريندي، نهاريندي عاشق جا پساهه پورا ٿي ويندا آهن، پر شاهه جي پاڪن پلايو آهي جو محبوب جو وصل ڪيس نصيب ٿيو آهي.

شاهه محبوب جي جيئري ميلاپ تي ڏاڍي ۽ در شڪر ڪري ٿو ۽ واحد کي وينتي ڪندي چوي ٿو ته هاڻي وري اسان ۾ جدائي نه ڪج.

شڪر ملياسين سپرين! جيري جاني يار
ويڻي جن جي وٽ ۾، ڪوڙين ٿيا قرار
ڏيم! ڪَرِ مَ ڌار، پاڙو تن پرين کان

جتي گل اتي ڪنڊي جو هئڻ لازمي آهي. جتي عاشق ۽ معشوق اتي رلڻي رقيب جي فتنہ انگيزيون ڪتي ٿيون ماٺ ٿين. سو هن سر ۾ شاهه ڪر جو به ذڪر ڪيو آهي. شاهه رقيب کي ڪر جي يعني ڪاريندڙ، جي لقب سان نوازيو آهي. سر آسا ۾ شاهه ڪيترن بيتن ۾ رقيب جو ذڪر ڪيو آهي.

آسا جي هڪ بيت ۾ شاهه کي انهيءَ ڳالهه تي ڪاوڙ ٿي لڳي ته رقيب سنڌس ۽ محبوب جي وچ جي ڳالهيون ٿين ٿيون سي اونائي رهيو آهي، تنهن تي هن کي پڪي چئي ٿو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪر ڪي ڪَپـَر ڪاءِ، نانگ، مٺارو نڪري
اُپو جو اوناءِ، سر پر سندي سڄڻين

هن سر ۾ شاهه محبوب جي اڳيان مجبور آهي، انڪي چوي ٿو ته تنهنجي ڪري ٿي ڪر ڪي ڪيڪاري رهيو آهيان.

ساڄن سِپاهي، آءٌ اوهان جو آهيان
اڄان ويل سـب ڪهين، وڃا واجهائي
لالن تو لاءِ، ڪيڪاريـر ڪرن ڪي

مجازي عشق حقيقي عشق جي ڏاڪڻ آهي. شاهه مَجازي عشق ڪندي محسوس ڪري ٿو ته هن دنيا جي سهڻن جو عشق اجايو آهي، صحيح ۽ سچو عشق الله جو آهي. هن دنيا جا سهڻا سچو سور آهن. جي انسان چاهي سوکو رهي ته هنڪي الله سان عشق ڪرڻ گهرجي. تنهن ڪري نصيحت ڪندي چوي ٿو.

ڇاڪي وجي ڇـو ٻـيلي ٻـين جو ٿين
وَتُ ڪنجڪ ڪريم جي، جڳ ڄو والي جو
سوکو هوندو سو، جنهن جو عشق َالله سين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# شاهه جو رقيب

محبوب جي معاملي ۾ عاشق ڏاڍو حساس ٿئي ٿو. عاشق جي دل ۾ پنهنجي محبوب لاءِ هزارين خواهشون، امنگون ۽ تمنائون ٿين ٿيون. هو هر وقت محبوب جي پيار، وفا ۽ عنايت جو طلبگار رهي ٿو ۽ هو چاهي ٿو ته هن جو محبوب سڄو سارو هن جو فقط هن جو هجي. پر جتي گل آهي، اتي خار به ٿئي ٿو، جتي محبوب آهي، اتي رقيب به ٿئي ٿو، جو عاشق جي دل جو آزار ٿي پوي ٿو ۽ هميشه عاشق جي خلاف سازشون سٽيندو رهي ٿو. ڪڏهن محبوب جي رشتيدارن، لڳ لاڳاپا رکندڙن کي برغلائي عاشق ۽ محبوب جي ميلاپ ۾ رنڊڪون وجهرائي ٿو ۽ ڪڏهن محبوب کي عاشق بابت غلط سلط ڳالهيون ٻڌائي سندس ڪن ڀري عاشق جي خلاف ڪري ٿو ڇڏي. عاشق محبوب جي بيوفائين، ڪج ادائن ۽ جفائن جو سبب محبوب جي رقيب سان رغبت کي ٿو سمجهي. عاشق رقيب جي معاملي ۾ ايترو حساس ٿئي ٿو جو محبوب جو رقيب سان ملڻ، ڪلڻ، ڳالهائڻ ته ڇا پر هن ڏانهن محبوب جي ڏسڻ کي به ڏکيو ٿو سمجهي. هو محبوب جي اهڙي روش کي پنهنجي دل آزاري ٿو سمجهي. جيئن ته عاشق محبوب جي هر ظلم ۽ ستم، فريب، نموني بازي، ڪوڙ، بي رحمي ۽ دل کي ڏکوئڻ رقيب جي چالبازي ڄاڻي ٿو ۽ هن کي اهو يقين آهي ته جي رقيب سندس محبوب جا ڪن نه ڀري ته سندس محبوب اهڙي پر جفا روش اختيار نه ڪري. عاشق پنهنجي رقيب تي پنهنجي دل جي غبار ڪڍڻ ۽ جوهه چنڊڻ لاءِ ڪيس ڪهڙ وڏ ڳالهائي ٿو ۽ ڪيس فتنه باز، فتنه ساز، منهڪارو، مڪار،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

شيطان ۽ ابليس جهڙن لقبن سان ياد ڪري ٿو ۽ پنهنجي سڙيل دل کي ٿارڻ لاءِ ڪيس پٽي ۽ پاراتا ڏئي ٿو. عاشق جي شاعر ۾ آهي ته رقيب جي جملہ فتنہ انگيزين جو بيان ذري پُرزي ڪري ٿو ۽ جيڪڏهن محبوب عاشق تي مهربان ٿئي ٿو ته ان تي رقيب کي جيڪي حسد ٿئي ٿو ۽ رقابت جي جنهن باهہ ۾ سڙي ٿو، تنهن جو بيان بہ لاهي چاڙهي ڪري ٿو.

پارسي شاعرن پنهنجي ڪلام ۾ رقيب جي فتنہ انگيزين جي ڳالھہ نهايت تفصيل سان ڪئي آهي، جنهن ڪان متاثر ٿي سنڌ جي غزل گو شاعرن پنهنجن غزلن ۾ رقيب کي دل کولي لوئيو ۽ پارسي شاعرن ڪان وڌ ڪيس گهٽ وڌ ڳالهايو آهي. پٽون ۽ پاراتا ڏنا آهن. خليفو قاسم رقيب کي گهٽ وڌ ڳالهائيندي هيئن بد دعا ڏئي ٿو.

جي رعونت ٿا رکن مون سان رقيب،
شوم، شر شل ترت سي ٿيندا تباهہ.

۽ غلام محمد شاهہ گدا رقيب جي ڪوسڻ تي پاراتو ڏيندي چوي ٿو:

مون سان ڪونسي ٿو رقيب خبيث
لال شهباز ڪا وجهيس چٽي.

سنڌي شاعري ۾ پهريان پهريان جنهن شاعر رقيب جو ذڪر ڪيو آهي، اهو شاهہ عبداللطيف آهي. شاهہ ڪان اڳ وارن شاعرن جو ڪلام گهڻي قدر صوفياڻو آهي، تنهن ڪري انهن وٽ رقيب جو ذڪر نٿو ملي. شاهہ کي عشق جي مهميز ملي هئي، تنهنڪري سندس ڪلام دو آتشہ آهي، جنهن جو هڪ رخ مجاز ۽ ٻيو رخ تصوف آهي. محسوس ائين ٿو ٿئي تہ محبت جي وادي ۾ شاهہ جو واسطو رقيب سان پيو آهي، جنهن کي هو ڪر ٿو ڪولي ۽ جنهن جو ذڪر هن سڙيل دل سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اڄ پڻ اچائي چوڏهي ماه چنڊ جي
مون گهر مون پرين جي اچڻ جي وائي
مون گهر واڌائي، پيئي ڪام ڪرن ۾

رقيب جي اها فطرت آهي، تہ هو اهڙيون سازشون ڪري جيئن عاشق ۽ معشوق هڪ ٻئي سان ملي نہ سگهن. شاهہ جي رقيب ڪي بہ اها ڳالهہ نتي وٽي تہ شاهہ جو محبوب، شاهہ سان ملندو رهي، تنهن ڪري هو ڪا اهڙي سٽ سٽي ٿو، جيئن شاهہ جو محبوب شاهہ سان ملي نہ سگهي. ڪر پنهنجين سازشن ۾ ڪامياب نہ ٿو وڃي، رهندو پاڻ پنهنجين سازشن جو شڪار ٿي ٿو وڃي. شاهہ ڪر جي انهن سازشن تي ڏڪوئجي ڪيس غيبتي ڪوئيندي سندس پنهنجي ڪوٺيل ڪڏ ۾ ڪرڻ جو ذڪر هيئن ٿو ڪري:

ڪر جا ڪڏ ڪنئي، پوڻ ڪارڻ پرينءَ جي
تنهن ۾ پاڻ پئي، غيبتي ڳار ٿيو.

مگر ڪر پنهنجين خرابين کان ڪٿي ٿو مڙي. هو پنهنجيون سازشون ۽ فتنہ انگيزي ڪري شاهہ جي محبوب جون شاهہ ڏانهن وڃڻ جون واهون بند ڪرائي ٿو ڇڏي. شاهہ کي سندس محبوب جو اچڻ وڃڻ جو رستو بند ٿي وڃڻ سخت ناگوار ٿو لڳي، هو ان ڳالهہ تي ڏمرجي ڪر ڪي ڳهٽ وڌ ڳالهائيندي بد دعا ڏيندي چوي ٿو:

ڪر خراب ٿئين، هيا! هچارا
پوراي‍ءَ پرين جا، چوڙاري چارا
مرين مہ ڪارا، سڙي انهيءَ سور ۾

شاهہ جاتي ٿو تہ محبت سٽري نہ آهي. محبت ڪندڙن تي لازم آهي، تہ محبت جي معاملي کي جيتريقدر راز ۾ رکجي اوترو بهتر آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جي محبت ڪندڙن جي محبت جي ڪرن کي خبر پئي ته خواه مخواه ڳالهه مان ڳالهوڙو ڪندا. فتنه انگيزي ۽ سازشون ڪندا. محبتن جي راهه ۾ رنډڪون وجهندا تنهنڪري پنهنجي محبوب کي چوي ٿو.

سک سڪائي سک، سک نه آهي سٽري
لڪ لڪوئي لِڪَ، ته ڪرن خبر نه پوي.

ان ڳالهه کي وڌيڪ واضح ڪندي پنهنجي محبوب کي سمجهائيندي چوي ٿو ته پنهنجي ڪنهن به ڳالهه جي خبر ڪرن کي نه ڏي، ايئن نه ٿئي ته ڪرن جي فتنه انگيزيءَ ڪري وصل واري رات هڪ ٻي کي ڏک ڏوراپا ڏيندي گذري وڃي.

ڪران وجهه م وات، ڍول ڌماري ڳالهڙي
محبت رتي رات، اورڻ ۾ اولهي رهي

ڪر پنهنجي عادت، بچڙائيءَ، ساڙ، بغض ۽ ڪيني ڪان مجبور ٿي عاشق ۽ معشوق جيڪي هڪ ٻئي سان ڳالهيون ڪري رهيا آهن، ڪنائي ٿو. سنڌس اها بڇڙي ڳالهه شاهه کي نٿي وڻي. هو چاٺي ٿو ته ڪر سنڌس ۽ پرين جي وچ ۾ جي ڳالهيون ٿين ٿيون سي ٻڌي وڃي ڪو فتنو پيدا ڪندو تنهن ڪري ڪاوڙ جي ڪيس بد دعا ڏيندي چوي ٿو.

ڪر کي ڪپر ڪاءِ، نانگ مٺيارو نڪري
اچي جو اوناءِ سر پر سنڌي سڄڻين

وري به شاهه پنهنجي دل کي آٿت ڏيندي چوي ٿو ته جي ڪرن کي سنڌس محبت جي خبر پئي ته هو ڪيس ڇا ڪندا. محبوب جو ديدار ڪرڻ ڪو ڏوهه ڪونهي، سنڌس محبت ڪا عام رواجي نه آهي. هن جي اندر ۾ محبت جون مضبوط ميخون لڳل آهن، جنهن ڪري هن جا نيڻ رت جا ڳوڙها ڳاڙي رهيا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

غزل گو شاعرن ڪيو آهي. ان جو سبب اهو ٿي ٿي سگهي ٿو ته رقيب کهڙو ٿي هجي. ڪنهن جو ٿي هجي ان کي محبوب جي ويجهو برداشت ڪرڻ عاشق لاءِ ڏکيو آهي ۽ رقيب جتي به هوندو پنهنجين شرارتن کان بس نه ڪندو. هن کان عاشق ۽ معشوق جي رس رهاڻ، قرب جو ڪاڏو ۽ هڪ ٻئي سان لڳ لاڳاپو ڪٿي ٿو برداشت ٿئي. تنهنڪري هو پنهنجين بڇڙاين ۽ براين کان بس نٿو ڪري سگهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# شاهہ ۽ سنڌ جي سياست

هي دور جنهن ۾ اسان رهون ٿا سياست جو دور آهي. هر ننڍي کان وڏي تائين هر ڪو سياست جون ڳالهيون ڪندو نظر ايندو. ملڪ ۾ چا وهي واپري پيو. اسان سان ڪهڙا نياء ۽ انياء ٿي رهيا آهن. اسان جا رهبر ۽ رهنما ڇا ڪري رهيا آهن. ڪرسين حاصل ڪرڻ لاء ڪهڙي سودي بازي ٿئي پئي، عوام ۽ سنڌ جو نيلام ڪيئن پيو ٿئي. اسان جي حقن تي ڪهڙا ڌاڙا پيا لڳن. مطلب ته اڳ ماڻهو حقيقتي عشق جون ڳالهيون ڪندا هئا. پوء ماڻهن مجازي عشق جون ڳالهيون ڪيون ۽ هاڻي ماڻهو صرف سياست جون ڳالهيون ڪن ٿا. شاه جي ڪلام جي تشريح پهريان حقيقي عشق جي حوالي سان ڪئي ويندي هئي، پوء انکي مجازي رنگ ۾ پيش ڪيو ويو ۽ موجوده دور ۾ شاه جي ڪلام کي وقت به وقت سياسي انداز ۾ بيان ڪيو ٿو وڃي.

شاهہ جو ڪلام ڪڏهن کان وٺي سياسي انداز ۾ بيان ٿيڻ شروع ٿيو اهو تحقيق طلب مسئلو آهي.

انگريزن جي حڪومت جو زمانو هو. سموري هندوستان ۾ ڌارين حڪمرانن خلاف نفرت هئي، ماڻهن چاهيو ٿي ته انگريز ملڪ ڇڏي هليا وڃن، هن ملڪ جي ماڻهن کي آزادي ملي. هو پنهنجي ملڪ جا پاڻ حڪمران هجن. اسان ننڍا هئاسين. تڏهن اسڪول ۾ پڙهندا هئاسين. اسان جا استاد شاگردن ۾ سياسي سجاڳي پيدا ڪرڻ لاء شاه جي هڪ بيت جي سٽ:

"ستا اٿي جاڳ ننڊ نه ڪجي ايتري"
"سلطاني سهاڳ ننڊون ڪندي نه ملي"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جي ماڻهن کي ايوب سرڪار کان نفرت ۽ حقارت پيدا ڪري بغاوت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

جنرل ضيا جي دور جي ڳالهه آهي. جڏهن ذوالفقار علي ڀٽي کي ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويو هو ۽ بيگم نصرت ڀٽو ۽ بي نظير ڀٽو نظر بند هيون. اسان کي هڪ شاه عبداللطيف ڀٽائي ڪانفرنس ۾ وڃڻ جو اتفاق ٿيو جنهن جو انتظام سرڪاري ڪامورن ڪيو هو. جڏهن سنڌ جا اديب ۽ شاهه جا شيدائي اچي ڪانفرنس ۾ پهتا ته هر هڪ کي فردن فردن گذارش ڪئي وئي ته ڪين جيڪي ڪجهه ڳالهائڻو آهي سو ڳالهائي مگر سر ڪلياڻ جي سوري واري ڳالهه ۽ سر مارئي ۾ جيڪو مارئي جي قيد ۽ بند جو ذڪر آهي اهو بيان نه ڪن. ڇاڪاڻ ته توهان ته پنهنجا چوهه ڇنڊي ويندا پر اسان جون نوڪريون خطري ۾ پئجي وينديون.

ملڪ جو ورهاڱو ٿيو پاڪستان وجود ۾ آيو ملڪ ۾ لڏپلاڻ شروع ٿي. سنڌ جا اصلوڪا رهاڪو وطن جا وڻ ڇڏي پنهنجي ڌرتيءَ کان ڌار ٿي ٻي ملڪ هليا ويا ۽ انهن جي جاءِ تي ٻي ملڪ کان ماڻهن جون ڀيرون آيون ۽ اچي سنڌ ۾ آباد ٿيڻ لڳيون انهيءَ واقعي کي سنڌ جي ماڻهن سياسي طور هيئن بيان ڪيو.

ويا مور هلي. هنج نه رهيو هيڪڙو
وطن ٿيو وري ڪوڙن ڪانيرن جو

جيڪي جايون. گهر. مڪان ۽ ماڳ سنڌ واسي ڇڏي ويا تن تي ٻاهرين ماڻهن اچي قبضو ڄمايو ۽ انهن جا مالڪ بڻجي ويٺا ته ان جو بيان هيئن ڪيو ويو.

سر اهي ئي ساڳيا. پکي ٻيا ٻيا
جن لميو تي لاتيون ڪيون. سي ويچار ويا
پائو ندر پيا. وڃي ڪينجهر ڪنڌين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪير ڪاهوڙين سان، وڏو وڏو تي وير
نانگ نہ ويندين نڪري، تو ڏر مٿي آ پير
هي تني جو دير، جن جهونا ڳڙهہ جلائيو.

سنڌين جي آهہ جو اهو اثر نڪتو جو ضيا پنهنجي ساٿين سميت سڙي ٻري ويو جو سندس مڙهہ بہ سلامت نہ مليو.
اسانکي ننڍپڻ ۾ اهو سياسي سبق ڏنو ويندو هو تہ.

سلطاني سهاڳ ننڍون ڪندي نہ ملي

مگر اڄ جو نوجوان سياسي طرح زيادہ سجاڳ، عمل پسند آهي ان ڪري موجودہ دور جي نوجوان جو پنهنجن حقن حاصل ڪرڻ لاءِ سياسي نعرو آهي.

سورهيہ مرين سوپ کي، دل جا وهم وسار
ڪڻ ڀالا وڙہ ڀاڪرين، آڏي ڍال ۾ ڍار
مٿان تيغ ترار، مار تہ مٿارو ٿئين.

اڄ ڪليہ جلسن ۾ سنڌ جي ننڍي وڏي، عورت مرد هر هڪ جي دل جو آواز شاهہ جي هي دعا آهي تہ

سائين سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪار
دوست مٺا دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جڏهن ڪنهن بيماري يا مرض ۾ مبتلا ٿيندا آهيون ته ليلائڻ لڳندا آهيون.

تون حبيب تون طبيب تون درد جي دوا
جانب منهنجي جيءَ ۾ آزار جا انواع
صاحب ڏي شفا، ميان مريضن کي.

۽ ڪڏهن ڪڏهن اسان جي التجائن قبول پوڻ ۾ دير ٿيندي آهي ته پوءِ ليلا جي هڻ لفظن سان پاڻکي آٿت ڏيندا آهيون.

جي ليلائي نه لهين ته پڻ ليلائج
آسر ۾ لاهيج سڄڻ پاڇهندڙ ڪهڙو.

مطلب ته شاهه جو تمام گهڻو ڪلام سنڌ وارن جي مختلف جذبن جي عڪاسي ڪري ٿو ۽ اهو سنڌ وارن جي دل ۽ دماغ ۾ بيحد سمايل آهي ۽ سنڌ وارا انڪي وقت به وقت مختلف موقعن تي پهاڪن طور استعمال ڪن ٿا. ڪجهه وڌيڪ مثال بيان ڪجن ٿا. جي مختلف موقعن تي استعمال ٿين ٿا.

١ـ ڪي اوڏا به ڏور، ڪي ڏور به اوڏا سپرين
٢ـ سنڌي سڪ پرين لوڪل ڏٺي نه لهي،
٣ـ ماڻهو ڪهڙن مال آءُ سدا ڪهران سپرين
۴ـ وکر سو وهاءِ جو پٽي پراڻو نه ٿئي.
۵ـ اکهيو ڪاٺو کچ ماڻکن موت ٿي
٦ـ ڏڪاريا ڏيهه مان موذي شال مرن
٧ـ ايءُ نه مارن ريت جيئن سين مٽائين سون تي
٨ـ ڏاتار نه تون پيا مڙيئي مڱتا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# شاهه ۽ قسمت

ڪجهه ڏينهن اڳ جي ڳالهه آهي ته مون کي هڪ لطيف ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ جو شرف حاصل ٿيو. ڪانفرنس ۾ هڪ نوجوان جو ڪنهن ڪاليج جو شاگرد ٿي معلوم ٿيو. تنهن شاهه جي شاعري ۽ خيالن تي تقرير ڪئي. هن نهايت جوشيلي ۽ زوردار لفظن ۾ شاهه جا بيت پڙهيا بيت بيان ڪندي چيو ته شاهه ۽ قسمت، تقدير ۽ جبر جو قائل آهي،

"قيد الماء" ڪهن جو، سو مون پاند پئو،
جف القلم بما هوَ ڪائن، وهي قلم ويو،
اي قضا ڪم ڪيو، جنءِ ٿر مارو آن مارئين
(مارئي)

نه ڪاني نه ڪانهه، نه ڪو ڏوهه قلم جو،
انگ اُتيئي لکيو، جتي رسي نه پانهن،
ڪنهن کي ڏيان ڏانهن، قضا قلم وهائيو
(سهڻي)

لکيو جو نراڙ، سو انگ ڪيائي نه وهي،
پاڙيو ويئي پاڙ، جيڪي لالن لکيو
(سسئي)

هن وڌيڪ چيو ته جيڪي ماڻهو قسمت ۽ قضا جا قائل ٿين ٿا، اهي فردن ۽ قومن کي قسمت تي ڀاڙي ويهڻ جي تلقين ڪن ٿا ۽ ٻين کي به قسمت جو لکيو لوڙڻ جي تلقين ڪن ٿا. جيئن شاهه چوي ٿو "جهڙا اڄن ڏينهڙا تهڙا ويئي گهار".



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

وچ جهڙي طرح هي باغ نہ تنهنجو نہ منهنجو ساڳي طرح هيءَ رسي بہ خدا جي، هي ڏنڊو بہ خدا جو تنهنجو جسم بہ خدا جو. سڀ ڪجھہ انهيءَ جو ئي آهي منهنجو تنهنجو ڇا آهي؟ مان جيڪو خدا جي حڪم جو بندو آهيان سندس حڪم موجب عمل ڪري رهيو آهيان. خدا جو ڏنڊو خدا جي ڏنل جسم تي هلي رهيو آهي. تون خواہ مخواہ شڪايتون پيو ڪرين."

ان ۾ شڪ ڪونهي تہ شاهہ قسمت، قضا، تقدير ۽ نڪتي جو قائل آهي. هو چوي ٿو تہ انسان جي قسمت ۾ جيڪي ڪجھہ لکيل آهي اهو اوس ٿيڻو آهي. جو لوح محفوظ ۾ لکيل آهي اهو ضرور ٿيندو. هو پنهنجي ڪن فعلن ۾ مجبور آهي انهن کان ڪنڌ ڪڏي نٿو سگهي انهن ۾ هو بي وس آهي. پر هن کي قضا ۽ قسمت، کي قبول ڪري ويهڻ نہ گهرجي جيڪڏهن هن قضا ۽ قسمت کي قبول ڪيو ۽ اهو چئي ويهي رهيو تہ منهنجي نسبت جيڪي ٿيڻو آهي سو ٿئي تہ هميشہ پنهنجي مطلب ۽ مقصد کان پري ڏکن ۽ ڏولائن ۾ رهندو. پر جي هن همت ڪئي ۽ قسمت، ۽ تقدير سان مهاڏو اٽڪايو تہ هو ستارن جي لکئي کي مٽائي سگهي ٿو. آسمان جي روش کي بدلائي سگهي ٿو، تقدير جي نتيجن کي پنهنجي همت ۽ جوانمردي سان پنهنجو طابع ڪري سگهي ٿو. انسان پنهنجي تقدير جون رزلٽ پاڻ بڻائيندڙ آهي. جوان همت انسان پنهنجو لکيو پاڻ بنائيندا آهن. اهو ئي سبق آهي جيڪو شاهہ سهڻي مارئي ۽ سسئي جي ڪردار مان اسان کي ڏئي ٿو. هو ڏيکاري ٿو تہ سندس نامور سورمين تي قسمت ۽ قضا پنهنجا وار ڪري ٿي پر هو ان سان مهاڏو اٽڪائين ٿيون سندن راهن ۾ تقدير تڪليفون پريشانيون پيدا ڪري ٿي مگر هو انهن کان بي پرواهہ سر ۽ ساهہ جو سانگو لاهي پنهنجي منزل ڏانهن وک وڌائينديون رهن ٿيون ڇا ڪاڻ تہ کين اهو پڪو يقين آهي تہ هو پنهنجين ڪوشش ۽ عمل سان پنهنجي تقدير جي نتيجن بدلائڻ ۾ ڪامياب ٿينديون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جتي جيتريون، لکيون لوح قلم
تتي تيتريون، ڳهڙيون ڳهارڻ آئيون

۽ سسئي پنهنجي سرتين کي پنهونءَ جي هليو وڃڻ ۽ ان جي جدائي بابت سمجهائيندي چوي ٿي اهو قسمت جو ڪم هوجو پنهوُن مون کان ڌار ٿيو

ڳالا ڪام ڪري، لکئو تان نہ ٽري
مهجي وو شهر ڀنڀور ٻر
قضا جا ڪرير جي، ڪه تان ڪين ٽري
مهجي وو شهر ڀنڀور ٻر
جيڪي لکيو لوح ٻر، ٻاڙيان سو ٻڙي
مهجي وو شهر ڀنڀور ٻر

جڏهن سسئيءَ جون سرتيون پنهونءَ، ڏيرن ۽ ڏاڳهن جي شڪايت ڪرڻ لڳن ٿيون تہ هوءَ کين سمجهائيندي چوي ٿي تہ پنهونءَ، ڏيرن ۽ ڏاڳهن لاءِ ڪجهہ بہ نہ چئو اهو منهنجي لکئي ۽ قسمت جو ڪم آهي جو مون کان منهنجو جاني جدا ٿي ويو آهي.

ڄا جا ڏانگا ڏير، مهجو ڏيه ڏنگو مَ ٿئي
اَٿن اولـيـئـرن، ڄا وهيـٺـو ويز
دي ڪميٽي ڪير، جا امر کي آڏو اچي.

---

اديون آءٌ نہ ٿي، جي ٻريٺـو ٻرينءَ سين
ٻڌي ستيس سوکهو، ڇلور ڇاتي سين
نہ ڪيچي ڪاهي ڪرڌا، مهان وڃن کي
ڏوهہ مهجي ڏيه، ٻنهونءَ کي ڪامَ چوي

مگر سسئي پنهنجي لکئي کي قبول نٿي ڪري، پنهونءَ جي جدائي کي قسمت جي راند سمجهي ائين جٺي بس ڪري صبر سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

لڙ ۾ لاڙائو ٿـيـــو، هلي ڪر همت
سچ سـامهون مهـ ۾، متان ڪرين ڪت
سـريان جي سـٽ، ڳاڙهي سچ ڳالهه مڙين

باهمت ســسئي جي قسمت ائين بدلي جو هنجي قبر جي مٿان پنهون اچي پهتو قبر ڦاٽي ۽ پنهي جو ازل تائين هڪ قبر ۾ وصل ٿيو. شاهه ســئي جي قسمت تي سوڀ جو ذڪر هيئن ٿو ڪري

ويئين ناهه وراڪو، ســتين ڪونـهـ سنگ
هوت هلندن ڪٿـو، جن انگن چاڙهئو انگ
ٻاسي ٻني ٻنگ، رڙهي چام رســيـــون.

شــاهه جي ڪلام جي مطالعي مـان اهو ظاهر آهي تہ شـاهه قـسمت جو قائل آهي پر هو ٻڌائي ٿو تہ اهو سندس اختيار ۾ آهي تہ انــسان قـسمت جي لکئي سان ويڙهہ ڪري پنهنجي تقدير جي اٽڪن کي مٽائي سگهي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# سارنگ جي سورمي

هڪ عظيم شاعر جي بزرگي ۽ بلندي جو اندازو ان ڳالهه مان لڳايو ويجي ٿو تہ هن پنهنجي ڌرتيءَ تي رهندڙ پاڻ جهڙن انسانن جي زندگيءَ جو ڪهڙو ۽ ڪيترو گهرو مشاهدو ۽ مطالعو ڪيو آهي ۽ ان کي ڪهڙي انداز ۾ پيش ڪيو آهي. هن انهن جي حالتن جنهن ۾ هو رهن ٿا کي ڪهڙي نگاهہ سان ڏٺو آهي ۽ اهو ٻڌايو آهي تہ انهن سندن زندگيءَ کي ڪهڙي طرح متاثر ڪيو آهي. هڪ عظيم شاعر پنهنجي ديس واسين جي نہ صرف خارجي حالتن جو غور سان مطالعو ڪري ٿو پر هو انهن جي اندر ۾ جهاتي پائي هنن جي مخلف ڪيفيتن، جذبن امنگن خوشي ۽ غم کي ڏسي ٿو. انهن جي هر ڪيفيت کي پنهنجي ڪيفيت، هنن جي هر جذبي کي پنهنجو جذبو سمجهي نهايت پر اثر انداز ۾ بيان ڪري ٿو. پوءِ اهي ڪيفيتون، اهي جذبا، اهي غم ۽ خوشيون نہ صرف هڪ انسان، نہ صرف هڪ ديس پر ساري دنيا ۾ رهندڙ انسانن جا محسوس ٿيڻ لڳن ٿا. شاهہ عبداللطيف دنيا جي انهن عظيم شاعرن مان هڪ آهي. هن سنڌ جي ڌرتي تي وسندڙ ماڻهن جي زندگيءَ انهن جي معاشي ۽ معاشرتي حالتن، هنن جي اندر جي ڪيفيتن، غمن ۽ خوشين کي نہ صرف غور سان ڏٺو آهي پر هن انهنجي هرهڪ ڳالهہ کي پنهنجو سمجهي پر اثر انداز ۾ پنهنجي ڪلام ۾ بيان ڪيو آهي. اهوئي سبب آهي جو شاهہ جي ڪلام کي ايتري مقبوليت حاصل آهي. شاهہ عبداللطيف جو سر سارنگ بہ اهڙن عالمي جذبن سان ڀريل آهي. هڪ عام ماڻهو سرسارنگ جي مطالعي ڪرڻ وقت سارنگ جي رنگين منظرن، تاڙي جي تنوار، ڪڪرن جي ڪيهن، ڪوڏن جي ڪيلن ۽ مينهن جي وسڪاري، ٻلر جي پالوٽ ۾ ٿي گم ٿي ٿو وڃي پر سارنگ ۾ صرف ساوڻ جا ساٿ نہ آهن ان ۾ هڪ اهڙي عورت بہ ڏسڻ ۾ اچي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# منو آهين مڇ

شيخ فريد الدين عطار پنهنجي ڪتاب منطق الطير ۾ هڪ واقعو بيان ڪيو آهي ته، هڪ شخص ڪنهن پوڙهي قبر کوٽيندڙ کان پڇيو. "يار! سڄي عمر تو قبرون کوٽيون آهن. پڌاءِ ته ان عرصي ۾ تو ڪهڙا ڪهڙا عجائب ڏٺا؟" پوڙهي جواب ڏنو ته "منهنجا ستر سال قبرن کوٽڻ ۾ گذريا آهن ان عرصي ۾ سڀ کان زياده اهما عجيب شي ڏٺي اٿم جو نفس سرڪش هڪ گهڙيءَ لاءِ به مرده نه ٿيو ۽ هڪ ساعت به خدا جي فرمانبرداريءَ ۾ نه گذاريائين."

انسان جي دلين تي نديڻ کان وٺي آخري وقت تائين نفس جو ايترو قبضو رهي ٿو جو انسان نفساني خواهشن جي هوائن ۾ خزان جي ڇنيل پن وانگر اڏامندو ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ نفس من کي ڪڏهن هيڏانهن ڪڏهن هوڏانهن ڪهليو پيو وجهي ۽ انسان هڪ فرمانبردار ٻانهي وانگر من جي حڪم جي بجا آوري ۾ مشغول ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جو انسان نفس جو مريد ٿئي ٿو اهو الله تعاليٰ جي ٻانهپ کان گهڻو پٺتي رهجي وڃي ٿو. قرآن شريف ۾ اچي ٿو. "اي انسان تون پنهنجي رب تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪرين ٿو. پوءِ تون ان سان ملندين مگر ان لاءِ نفس کي مارڻو ۽ حرص هوا تي پابندي رکڻي پوندي."

اهوئي سبب آهي جو انهن صوفين، جي حق جا طالب آهن. تن پنهنجي نفس اماره کي مات ڪرڻ جي جدوجهد ڪئي آهي ۽ ٻين کي ٻڻ اهڙي تلقين ڪئي آهي. شاهه عبداللطيف جي ڪلام ۾ پڻ اهڙي تلقين بار بار ملي ٿي.

لطيف من جي سڌن کي مارڻ تي گهڻو زور ڏنو آهي ۽ انسان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

"بيشڪ دوزخ اوسيئڙي ۾ آهي (يعني) سرڪشن جو اهو ٺڪاڻو آهي. ان ۾ اهي مدتون پيا هوندا. اتي نہ ٿڌاڻ جو مزو ماڻيندا ۽ نہ ڪين پيئڻ نصيب ٿيندو. مگر گرم پاڻي ۽ وهندڙ غلاظت. (هي) بدلو آهي پورو پورو. اهي ماڻهو آخرت جي اميد ئي نہ رکندا هئا ۽ اسانجي آيتن کي ڪوڙ سمجهي ڪوڙو ڪندا هيا. اسان هر چيز لکي ڇڏي آهي. سو ڏاڍي مزو چکو اسان توهان تي عذاب ئي وڌائيندا وينداسين."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سڪا منهن سندان پيرين پراڻا ڪيترا
سڪا سنڌ ڪڇن ۾، ڪرڪٽا پيرن
ٿمندي نيٽن آن ڪي، ڪاهوڙي ڪڏيا.

جهڙي طرح شاهه سر مارئي ۾ مارن بابت ٻڌائي ٿو ته سخت محنت ۽ پورهئي سبب سندن پير ڏوڙ سان ڀريا رهن ٿا.

مٿن ٽيڪ ٽيڪڙا، ڇڪندڙا اڇن
ڪڙيون ڪيئي ڀڪليون ڀڳهر سر ٻيرن
اي وڙ ويڙهيچن، مون لوڏان ٿي لڪيا

ساڳي طرح ڪاهورين جو سارو جسم جبلن ۾ رلندي ڏوڙ ۾ ڏوڙ ٿي ٿو وڃي.

ڀڪليا ڀولڻ، ڏڙڪي ڪڏيو ڏوڙ ۾
مون ڪاهوڙي لڪيا، ڪهرين نه ڪنهارين

جبلن ۾ هو ڪٿ ڪٿ ڏٽ جي تلاش ۾ وڃن ٿا ۽ ڪٿان ڪٿان ڏٽ چونڊي اچن ٿا انهن جو ذڪر ڪندي شاهه چوي ٿو ته ڪاهوڙي اوراهين پنڌ تان ڏٽ ڏورڻ وارا نه آهن انهن جا پيچرا پري تا وڃن.

ڏٽ ڪهٿائي ڪن، ان اوراهين پنڌ جو
سدا ڪاهوڙين پري سڄن پيچرا

ڏونئين جي ڏٽ چونڊڻ واري منزل ايتري ته مٿي ۽ اوکي آهي جتي انسان ته ڇاپر پکين جو به پير ڪونهي.

ڏيهه ڏيهائي ناهه، جتي پير نه پکيان
تتي ڪاهوڙيان، ور ڏيئي وڻ چونڊيا

---

جت نه پکيءُ پير، تت ٿمڪي باهڙي
هيو ٻارينڊو ڪير، ڪاهوڙي ڪير ري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

اھو اھڙا مقام آھي جنھن بابت ڪنھن پڌو آھي ۽ نہ ئي وري انڪي ڪنھن ڏٺو آھي.

ڏوئي سا ڏورين، جا جاءِ سڀئي نہ پڌي

شاھ ان جاءِ کي نھايت واري جاءِ ڪوٺي ٿو.

ويا ات رھي، جت نھايت ناھ ڪا.

ڪاھوڙين کي ان ھوندي بہ جو وڏيون ۽ سخت تڪليف واريون منزلون ڪرڻيون پون ٿيون پر ھو باھمت رھي ڪري ڏٿ ڏور ايندا رھن ٿا. ھن کي پنھنجي مقصد حاصل ڪرڻ ڪانسواءِ آرام نہ آھي.

مون ڪاھوڙي لکيا، آئين نہ آرام
ڪيائون تن تمام، جہ ڏو تي ڏٿ ڳڏ ڪيا

---

مون ڪاھوڙي لکيا، ڪھرين نہ ڪھارين

---

ھو ڏوئي ھو ڏيہ، ھو ڏونگر ھو لکيون
ڪہ جہ لڌا نيہ، پٺا لوڻ لڪ پر.

پورھيت جو ڪم سستي، غفلت ۽ آرام نہ آھي. جيڪڏھن پورھيت ٿوري ئي غفلت ڪئي تہ ھو پنھنجو رزق وڃائي ويھندو ۽ وڏي ڇيھي پر پئجي ويندو. پورھيت کي تتيءَ تڏيءَ، صبح شام نيٺين ننڊ اکوڙڻي پنھنجي پورھئي جي پوئواري ڪرڻ ڳھرجي. سر مارئي پرشاہ مارن جي اورچائي ذڪر ڪندي چوي ٿو.

آڏي اٿين تي، جيلاه پاٽي پاتار پر
وارو ويرين کي، ڏيھا ڪونہ ڏئي.

شاھ سر سامونديءَ پر ملاح کي ڇيبندي سستي ۽ ننڊ ڪان پاسو ڪرڻ جي تلقين ڪندي چوي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# جي پائنئين جوڳي ٿيان ...

سر رامڪلي جوڳين جي جوڳ ۽ ويراڳين جي ويراڳ جو سُر آهي، هن سُر ۾ لطيف حق ۽ حقيقت جي متلاشين جو بيان ڪيو آهي، جي دنيا ۽ جهان جا سڀ آسانگا ڇڏي، پوري عشق ۽ ارادي سان، پنهنجي جان ۽ جسم کي بکن ۽ ڏکن جو عادي ڪري، تن کي تپيا ڏئي من ماري خودي، کي ڪاٽي ائين پهر پنهنجي ڏئي، جي ڏيان ۾ گم رهن ٿا. هو جز آهن، ڪل سان هڪ ٿي وڃڻ چاهين ٿا. هو قطرو آهن، سمنڊ ۾ سمائڻ گهرن ٿا.

شاهه لطيف کان اڳ وارن شاعرن پنهنجي ڪلام ۾ هڪ اڌ هنڌ جوڳين جو تمثيلي طور ذڪر ڪيو آهي. قاضي قاضن چوي ٿو.

جوڳي جاڳايوس، سُتو هئس ننڊ ۾
تهان پوءِ ٿئوس، پربان سندي پيچري.

مخدوم نوح چوي ٿو:-

نہ سي جوڳي جوءِ ۾، نہ سا سڱي چاٽ
ڪاپڙين ڪنوات، وڏي ويل پلاڻيا.

ميون شاهہ عنايت چوي ٿو:-

تن سامين، ساجهر چڏئو، جوڳين جاڳي لو
تن کي لنگ لنگوٽا جان تي، ڪونهي ڪبيلو
جن جو هِت هي حيلو، هُتِ ڪُر ڪروڙين ڪڏ ٿا.

لطيف سچا سارا ٽي سال سندن سنگت ۽ صحبت ۾ رهيو ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سائن گڏ گهڻو وقت گنجي ٽڪر تي گذاري سائن گڏ مختلف ماڳن تي ڦرندو رهيو. هنگلاج، ناني، لاهوت لکپت. جهونا ڳڙهه ۽ ٻين مختلف هنڌن تي سنڌن تيرٿن ۽ ٽڪين تي به ويو. اهڙيءَ ريت هن سنڌن عادتن، ريتن رسمن، پوڄا، رياضتن جو مشاهدو ۽ ڄاڻ حاصل ڪئي. هن سُر رامڪلي ۾ گهڻن سادن جا نالا وٺي انهن جي عادتن ۽ عبادتن جو ذڪر ڪيو آهي.

لطيف جي جواني جو زمانو هو. هنکي عشق جي چوٽ لڳي هئي، جنهن لاءِ پاڻ چوي ٿو. "عشق نانگ نپٽ خبر ڪاڏن ڪي پوي" هن جي اندر ۾ عشق جي ٻاهه اهڙو پڙڪو ڪاڏو جو هن جي من کي رک ڪري ڇڏيو. هن دنيا جا لڳ لاڳاپا لاهي اڪيلائي اختيار ڪئي. هو پنهنجي ان وقت جي حال جو بيان هيئن ڪري ٿو.

مونکي ماءُ مجاز پڄاري جيئن پڄئو
ورد وظيفا وسريا، رهي ڪانه نماز
هيئڙو بحري باز، چائي چنبن ۾ ڪئو.

شاهه کي عشق جي اندوه وطن ۾ ويهڻ نه ڏنو. پنهنجي واهڻ جا وڻ ڇڏي نڪري پيو ۽ اچي گنجي ٽڪر تي نڪتو. جتي هنکي سنياسين جي صحبت ۽ جوڳين جو سنگ حاصل ٿيو. مجاز حقيقي عشق جي ڏاڪڻ آهي. هاڻي هن مجاز ڪان مٿي وڃڻ تي چاهيو.

فريد الدين عطار پنهنجي مشهور مثنوي "منطق الطير" ۾ حق (سيمرغ) تائين پهچڻ جون ست واديون بيان ڪيون آهن. جن کي طئي ڪرڻ ڪانپوءِ ئي ڪو سيمرغ جي درگاهه ۾ رسائي حاصل ڪري سگهي ٿو. جنهن مان پهرين وادي طلب جي آهي. فريد الدين عطار طلب جي وادي متعلق هڪڙي پکي جي پڇيل سوال جي جواب ۾ ٻڌائي ٿو:

"جڏهن تون طلب جي وادي ۾ داخل ٿيندين. تڏهن توکي هر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ٿين نصيحت اها آهي تہ جڏهن دنيا جا لڳ لاڳاپا ڇڏين، پنهنجي من ۾ خدا جي محبت پيدا ڪرين تہ پوءِ مرشد جي هدايتن تي عمل ڪر. رب جي راهہ تي رمندي من جون سڀ سڌون ماري ڇڏ ۽ پنهنجي ڏيل جي ڏکن سان ڏيٺ ڪر.

جي پايين جوڳي ٿيان، تہ پر ڳروءَ جي پار
هوائون هنگلاج ڏي، ويندي سڀ وسار
نانگا! ناٿ نهار، سامي وڏي سڪ سين.

جي پايين جوڳي ٿيان، تہ ٿي ڳروءَ جي ڪسِ
ڏک پاڻ کي ڏسِ، سامي وڏي سڪ سان.

انهن ڪانپوءِ جوڳي ٿيڻ لاءِ هن کي جيڪي شرط وڏا وڃن ٿا ۽ هدايتون ڪيون وڃن ٿيون تن ۾ ڪيس چيو وڃي ٿو تہ جي پايين جوڳي ٿيان تہ طمع کي ترڪ ڪَرِ پاڻ کي ڪُهہ بلڪ ڪولن جي ڪولَن جو غلام بڻاءِ، صبر اختيار ڪري ڪيني کي قتلام ڪَر. هر وقت پنهنجي دل ۾ پنهنجي مالڪ کي ياد ڪندو رهہ. "آئون" واري وائي وڃائي ڇڏ. ڪين جو پيالو پي ۽ پنهنجو لباس مٽائي فقيرائو لباس پاءِ، جي تو ائين ڪيو تہ طالب تون وحدت جي وي وڃين پهچندين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# شاهہ عبداللطيف

# ۽ ڪربلا جو قضيو

اسلامي تاريخ ۾ امام حسين عليہ السلام جي شخصيت کي جو مٿاهون درجو ۽ رتبو حاصل آهي، تنهنجي تعريف ۽ واکاڻ چوڏنهن سو سالن کان وٺي هن وقت تائين جاري آهي. هو پنهنجي خدا جو سچو ٻانهو ۽ پنهنجي رسول جو صدق دل سان پيروي ڪندڙ هو. هن الله جي احڪامن ۽ پنهنجي رسول جي پيغام کي بحال ۽ برقرار رکڻ لاءِ سوين سور ۽ سختيون سٺيون، پنهنجي اولاد، پنهنجي عزيزن ۽ ساٿين جي جان جي قرباني ڏني. اسلام جي حفاظت لاءِ پنهنجو سڀ ڪجهہ قربان ڪرڻ جو عظيم مثال سندس شهادت مان ملي ٿو.

هڪ مومن جي زندگي جو مقصد هن دنيا جي جاهہ و جلال ڌن ۽ دولت، عيش ۽ عشرت کي ٺڪرائي حق جو ساٿ ڏيڻ ۽ سچ جي راهہ اختيار ڪرڻ آهي. امام حسين عليہ السلام جو ڪردار ان نقطہ نگاهہ کان نہ رڳو اسلامي دنيا لاءِ پر سموري انسان ذات لاءِ مشعل راهہ آهي. هن پنهنجو سڀ ڪجهہ لٽائي اهو ٻڌايو تہ حق جي راهہ ۾ پنهنجو سر ڪٽائي ڇڏجي. ٿي سگهي ٿو تہ سچ کي عارضي هار حاصل ٿئي پر اڪثر ڪري آخر فتح حق جي ٿيندي آهي. اهوئي سبب آهي جو هو بي سرو ساماني جي حالت ۾ پنهنجو وطن ڇڏي پنهنجن ٿورن عزيزن ۽ ساٿين جي قافلي سان ڪربلا جي ميدان ۾ اچي پهتو. امام حسين عليہ السلام ڪربلا ۾ پنهنجن ٻارن، ٻاتين، عزيزن ۽ رفيقن جي شهادت کان پوءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جڏهن يزيدي لشڪر جي مقابلي لاءِ اُسهي ٿو تڏهن سندس لبن تي هيءَ مناجات جاري آهي، " منهنجا پالڻ وارا مان پنهنجي زندگيءَ کان ان موت کي پسند ٿو ڪريان، جيڪو تنهنجي راهه ۾ ٿئي. منهنجا مولا! مونکي ان ۾ خوشي محسوس ٿي ٿئي ته مان ستر پيرا تنهنجي راهه ۾ شهيد ڪيو وڃان ۽ ان قتل تي فخر ڪيان، جنهن ۾ تنهنجي دين جي نصرت جو راز سمايل هجي."

دنيا ۾ جيڪي جنگيون ٿيون آهن، تن ۾ ڪربلا جي جنگ جو مثال ڳوليو نه ملندو. صديون گذري چڪيون آهن، پر ڪربلا وارو واقعو اڄ به هر مسلمان جي دل ۾ تازو آهي. ڪابه اهڙي اک نه آهي ۽ ڪابه اهڙي دل نه آهي جا امام حسين عليه السلام ۽ سندس عزيزن ۽ ساٿين جي شهادت تي ماتمدار نه آهي.

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي کي به امام حسين عليه السلام سان بي انتها محبت ۽ عقيدت هئي هو امام حسين عليه السلام سان پنهنجي محبت جو اظهار ڪندي چوي ٿو.

حسن مير حسين جو جنين نه هيڙي جارُ،
خالق رب جبار، ڪين مرهيندو تنکي.

مير عبدالحسين سانگي "لطائف لطيفي" ۾ ڄڻائي ٿو ته، حياتيءَ جي پوين ڏينهن ۾ شاهه عبداللطيف جي دل ۾ امام حسين عليه السلام جي اُڪير اچي پيدا ٿي. امام حسين عليه السلام جي روضي جي زيارت خاطر ڪربلا معليٰ سنيري نڪتو. واٽ تي هڪڙو خدا رسيدو مريد مليس جنهن چيس، "قبلا هي ڇا؟ ماڻهن کي چوندا ٿا وتو ته اوهان جو ڪفن دفن ڀٽ تي ٿيندو ۽ هاڻ وري ڀڄاڙي جي وقت نڪتا آهيو وڏي سفر تي." انهن اکرن لطيف تي گهرو اثر ڪيو. ڪربلا وڃڻ جو ارادو ترڪ ڪري واپس ڀٽ ڌانهن موٽي آيو. ڀهچندي شرط ويس ڪٽي ڪارو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڏيکيائين ۽ امام حسين عليہ السلام ۽ ڪربلا جي شهيدن جي ياد ۾ سر ڪيڏارو چيائين. هو ڪارن ڪپڙن پائڻ بابت چوي ٿو.

ميـر مدينـا نڪري، آيا نہ موٽي،
ڪارا رڳج ڪپـڙا، ادا نيـروٽي،
آن تنين لاءِ لوٽي، جي مير مسافر رانئيا.

سر ڪيڏاري جو مطالعو ڪندي اهو معلوم ٿئي ٿو تہ لطيف هن سر ۾ نہ صرف امام حسين عليہ السلام سان محبت ۽ عقيدت جو اظهار ڪيو آهي، پر ڪربلا جي سموري قضئي کي امام حسين عليہ السلام جي مديني مان اُسهڻ کان وٺي سندس ڪربلا ۾ آمد ۽ پنهنجن عزيزن ۽ سائين سميت شهيد ٿي وڃڻ جو ذڪر ڪيو آهي.

معاويہ جي وفات کان پوءِ جڏهن يزيد خلافت تي قبضو ڪيو تہ هن وڏ ۾ وڏ ڪوشش ڪئي تہ ڪنهن نہ ڪنهن نموني امام حسين عليہ السلام کان پنهنجي بعيت حاصل ڪري جيئن امام حسين عليہ السلام جي بعيت ڪرڻ ڪري عام مسلمانن تي هن جي فائدي ۾ چڱو اثر پوي. ڇاڪاڻ تہ يزيد بدڪردار هو ۽ اسلام جي پوري پابندي نہ ڪندو هو تنهن ڪري امام حسين عليہ السلام هن جي بعيت ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. يزيد کي ان ڳالهہ تي نهايت پريشاني ٿي. هن مديني جي حاڪم وليد بن عتبہ کي لکي موڪليو تہ يا تہ امام حسين عليہ السلام کان بعيت وٺو يا سندس سر مون ڏانهن ڏياري موڪليو. لطيف يزيد جي ان روش ڏانهن اشارو ڪندي چوي ٿو.

سختي شهادت جي، سُڻ! شادي، جو ڏيهہ
ذرو ناہ يزيد کي، نـورو ٿي نيـهہ،
مرگ آهي ميـهہ، عليءَ جي اولاد کي.

يزيد مديني جي حاڪم وليد بن عتبہ جو خط امام حسين ع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڏانهن موڪليو. امام حسين عليہ السلام خط پڙهڻ ڪانپوءِ اهو بهتر سمجهيو تہ مديني مان ڪوچ ڪري سلامتي واري شهر مڪي ڏانهن وڃجي، تنهنڪري امام حسين عليہ السلام پنهنجي اهل و عيال سان مڪي شريف ڏانهن روانو ٿيو. مديني ڇڏڻ جو ذڪر لطيف ڏک سان هيئن هڪ وائيءَ ۾ ڪري ٿو:

آج مير مومن جا، مدينو ڇڏجي هلئا.
مدينو ڇڏي هلئا، سي مدينو لڏي هلئا،
هيءَ! هيءَ! مدينو ڇڏي هلئا!
سج چنڊ مصطفيٰ ڏي، يڪدل گڏي هلئا.
هيءَ! هيءَ! مدينو ڇڏي هلئا!
هيءَ! حي! انڌارو ٿيو، آن ري، تارا لڏي هلئا.
هيءَ! هيءَ! مدينو ڇڏي هلئا!

۽ شاه پنهنجي هڪ بيت ۾ امام حسين عليہ السلام جي قافلي جي مديني مان رواني ٿيڻ جو بيان ڪندي چوي ٿو:

مير مدينئا نڪري، رڙهيا مٿي رند.
گهوڙا تن گهوٽن جا، پرئا مٿي پند.
جتي رهئا راتڙي، سي سونهارا هند.
ڪلا، ڪرنگر ڪند، جهرن جونجهارن جا

امام حسين عليہ السلام جڏهن مڪي پهتو تہ مڪي شهر جي مائهن جا ٽولن جا ٽولا سندس خدمت ۾ حاضر ٿيڻ لڳا. مڪي جي والي سعد بن عاص يزيد ڏانهن لکي موڪليو تہ. "مائهن جو لاڙو امام حسين عليہ السلام ڏانهن اهڙو تڪڙو وڌي رهيو آهي، جنهن جو ڪو جواب ئي ڪونهي." انهيءَ تي يزيد امام حسين عليہ السلام کي مڪي ۾ شهيد ڪرڻ جون سازشون ڪرڻ لڳو ۽ ٻي طرف ڪوفين طرفان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

امام حسين عليہ السلام مدينو ڇڏي مڪي انڪري آيو هو تہ اتي سندس جان بچي ويندي، مگر هن کي مڪي معظم ۽ ڪعبہ محترم ڇڏڻ تي بہ مجبور ڪيو ويو. ايتري قدر جو پاڻ حج بہ نہ ڪري سگهيا حج کي عمره ۾ بدلي مڪي مان روانا ٿيا. شاهہ امام حسين عليہ السلام جي مڪي مان رواني ٿيڻ جو ذڪر ڪندي چوي ٿو تہ. مڪي جا ماڻهو امام عليہ السلام جي رواني ٿيڻ تي روئي رهيا هئا. مگر الله جو حڪم هو، تنهنڪري امام حسين عليہ السلام وڃي رهيو هو.

ڏنو محرم ماه، سنڪو شهزادن ٿيو.
مڪي مديني ماڻهين، رونو مٿي راه،
ته واحد کي واه، ـڪم مهرائي ڪري.

جڏهن مڪي جي ماڻهن امام حسين عليہ السلام کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي تہ پاڻ چيائون، "جي مان ڪول جي ٻر ۾ ڇپي وڃان تہ بہ مونکي ڳولي قتل ڪيو ويندو ۽ ٻڌو منهنجي ناني چيو آهي تہ، مڪي جي حرمت هڪ دنبي جي قتل سان برباد ڪئي ويندي. ڊڄان ٿو تہ اهو دنبو مان ئي نہ ڪوٺيو وڃان. منهنجي خواهش آهي تہ مڪي کان ٻاهر چاهي اها گراٺ پري هجي قتل ڪيو وڃان."

يزيد سمجهيو ٿي تہ مڪي ۾ امام حسين عليہ السلام جي حج جي موقعي تي قتل ٿيڻ سبب وڏو هنگامو برپا ٿي پوندو ۽ بدنامي بہ گهڻي ٿيندي، پر جي امام حسين عليہ السلام ڪوفي ويو تہ اتي سندس قتل آسان ٿي پوندو. امام جسين عليہ السلام کي ڪوفي ڏانهن ويندي واٽ تي خبر ملي تہ ڪوفي غداري ڪري ڦري ويا آهن ۽ هتي سندس موڪليل قاصد مسلم بن عقيل ۽ سندس ٻن معصوم ٻچن کي قتل ڪري ڇڏيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

محرم جي پهرين تاريخ امام حسين عليہ السلام جو قافلو سفر ۾ روان هو تہ پريان سوارن جو ٽولو ايندو نظر آيو. ان ٽولي جو مهندار حر بن رياحي هو. هو امام حسين عليہ السلام جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ چيائين تہ ڪيس حڪم آهي تہ "آءُ اوهان کي گرفتار ڪري ابن زياد وٽ حاضر ڪيان". امام حسين عليہ السلام چيو تہ "منهنجي جيئري تہ ائين ٿي نٿو سگهي" پوءِ حُر امام حسين عليہ السلام کي مشورو ڏنو تہ رات جي وقت ماٺ ميٺ ۾ ڪنهن پاسي هليا وڃو. صبح جو وري حر کي پنهنجي پٺيان ايندو ڏسي امام حسين پڇيو تہ "هاڻي وري ڇاهي؟" حر وراڻيو. "ڪنهن جاسوس چغلي هنئي آهي. هاڻي مونکي حڪم آهي تہ مان اوهان کي ڪنهن سُڃي هنڌ تي روڪي ڇڏيان. هو گفتگو سان گڏ هلي بہ رهيا هئا ٦١ هجري ٽين تاريخ ڇنڇر جو ڏينهن هو. امام حسين عليہ السلام هلندو فرات ندي جي ڪناري ماريہ جي ميدان ۾ اچي پهتو. اتي عمر بن سعد چار هزار سپاهي وٺيو اڳ ئي ويٺو هو. اوچتو امام حسين عليہ السلام جي گهوڙي هلڻ کان قدم روڪي ڇڏيو. پاڻ ماڻهن کان پڇيائون "هن زمين کي ڇا چوندا آهيو؟" ماڻهن ٻڌايو "ڪربلا". اهو ٻڌي امام حسين عليہ السلام چيو هي "ڪرب ۽ بلا" جي زمين آهي. هتي قضا الاهي اسان کي ڳلي لڳائيندي."

جڏهن امام حسين عليہ السلام کي يزيدي لشڪر فرات ندي کان پري خيمن کوڙڻ تي مجبور ڪيو تہ عمر بن سعد کي جنهن کي امام حسين عليہ السلام سان جنگ جوٽڻ ۽ امام حسين عليہ السلام کي شهيد ڪرڻ جو ڪم سونپي لشڪر جو مهندار بڻائي موڪليو ويو هو ابن زياد جو خط پهتو تہ امام حسين عليہ السلام تي بعيت جي سختي ڪر جيڪڏهن هو نہ مڃي تہ سندس پاڻي بند ڪري ڇڏ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

امام حسين ميدانِ جنگ ۾ آيو تہ يزيدي لشڪر امام حسين تي حملا ڪرڻ شروع ڪيا. ان جي باوجود جو امام حسين عليہ السلام پنهنجي عزيزن جي شهادت جي غم ڪان چور هو ۽ ٽن ڏينهن جو اڃايل هو. مگر عليءَ رضہ جي اولاد هو وڏي بهادري ۽ همت سان يزيدي فوج جو مقابلو ڪرڻ لڳو. شاهہ امام حسين عليہ السلام جي لڙائي جو منظر هيٺن بيان ڪري ٿو:

پاونگ ايـــــو پڙ ۾، هٿي هزاري هول،
جوهرَ ۽ جڙاءِ سين، ڪامل ســر ڪنگول،
رتو رتِ رتول، مـولهـيـو سَر حُسين جي.

امام حسين جي جنگ ڏسي عمر بن سعد لشڪر کي گڏجي حملي ڪرڻ جو حڪم ڏنو. امام حسين عليہ السلام جي جسم تي تيرن، ڀالن ۽ تلوارن جا تمام گهڻا زخم رسيا. سندس خون سان ڪربلا جي زمين ۽ سندس گهوڙي جا پير رڱجي لال ٿي ويا.

ڪربلا ڪـڪـــوري، ڏلـــڏلِ رتا پيـــر
ســتون ڏيندي شـيـر، متاءِ سڄ مرڪيو.

ٽيهري جو وقت اچي ٿيو. امام حسين گهوڙي تان هيٺ پٽ تي ڪري پيو. شمر ڪيس شهيد ڪرڻ لاءِ ٽپ ڏئي وڃي ڇاتيءَ تي ويٺو. امام حسين چيس، "ٿورو صبر ڪر، نماز جو وقت ٿيو آهي. مهلت ڏينم تہ پنهنجي مالڪ جي حضور ۾ آخري سجدو ڪري فرض پورو ڪري وٺان." شمر امام حسين عليہ السلام جي سيني تان لهي هيٺ ٿيو. امام حسين عليہ السلام نماز پڙهڻ شروع ڪئي ۽ سجدي ۾ ويو تہ شمر خنجر سان سندس سر مبارڪ ڌڙ ڪان ڌار ڪري ڇڏيو.

دوست ڪهـائي دادلا، محب مـارائي،
خاص خليلن کي، سختيون سهائي،
الله الصمد بي نياز، ساڪري جا حال
انهيءَ منجهہ آهي، اونهي ڳالهہ اسرار جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

شاهہ امام جي قلم ڪيل سر جو نهايت دلسوز منظر بيان ڪيو آهي.

ڏاڙهي رت رتياس، ڏند تہ ڏارهون گل جين،
چوڏهي ماه چنڊ جين، پڙ ۾ پاڳڙياس،
ميڙي ۾ محمد جي، مڙ مرڪي ماس،
تنهن سورهيہ کي شاباس جو متي پڙ پرزا ٿئي.

امام حسين جي شهيد ٿيڻ سان خيمن ۾ ماتم پئجي ويو. بيبيون پار ڪڍي اوسارڻ لڳيون. شاهہ چوي ٿو:

مہ متاهان جن جا، سي پٽيو ڪڍن پار
جيڏيون جن جهنجهار، اجاري سڀ اجا ڪئا.

نہ صرف خيمن ۾ پر امام حسين عليہ السلام جي شهادت تي زمين آسمان ۾ ماتم پئجي ويو. ساري ڪائنات ۾ امام جو غم ڇانئجي ويو پکي، جانور، ماڻهو، ملائڪ سڀ هن ڏک ڀري قضئي تي روئڻ لڳا.

حسن مير حسين کي، رنو ٿن ٽولن،
ڪهر مانهنين،جهنگ مروئين، اين ۾ ملڪن،
پکن پاڻ پڇاڙئو، تہ لڏئو هوت وڃن،
الا شهزادن، سويون ڏين سچا ڏٺي.

ڪربلا جي قضئي جي خبر ساري جهان ۾ پکڙجي وئي. امام حسين عليہ السلام پنهنجي قرباني ڏئي پنهنجن وڏن جو مان ۽ مرتبو قائم رکيو.

حسن مير حسين جي سٽي جَنگ جَهان،
اَڏاٿا اور ڪري، ڪارين پکين ڪان،
پي ڏاڏاٿا پاڻ، سيد سڀ ملهائيا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

شاهه عبداللطيف امام حسين جي شهادت تي حيرت جو اظهار ڪندي چوي ٿو ته ھي سختي جيڪا الله جي پاران پنهنجي پياري ھاٿهي امام حسين عليه السلام جي سرتي آئي، جنهن مرڪي الله جي راھه ۾ پنهنجو سڀ ڪجهه لٽايو. ھڪ الاھي راز آھي. ان راز کي عام ماڻهو نه پر الله جا رند ئي رسي سگهندا.

سختي شهادت جي، نورو ئي ناز،
رند پروڙن راز، قضئي ڪربلا جو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪاوڙجي پيا. شاهه عبداللطيف ۽ سندس عزيزن کي آزارڻ لڳا ايتري قدر جو هو مرزا مغل بيگ جي حويلي وٽان لنگهي به نه سگهندا هئا لاچار پنهنجي ڳوٺ ڪوٽڙيءَ مان لڏي ٿورو پريرو جدا پاڙو ٻڌي وڃي ويٺا. شاهه عبداللطيف جي لڏ پلاڻ کان ٿورو عرصو پوءِ ڪي دل ذات جا ڏاڙيل مرزا مغل بيگ جي گهر ۾ گهڙي سندس سمورو مال متاع ڪٽي ويا. مرزا مغل بيگ کي ان واردات جو پتو پيو ته هن پنهنجا ماڻهو ساڻ ڪري ڏاڙيلن جي پٺيان وڃڻ لڳو. جڏهن مرزا مغل بيگ شاهه عبداللطيف جي ويڙهي وٽان اچي لنگهيو ته شاهه عبداللطيف پنهنجي ماڻهن سميت سندن سات ڏيڻ جي آڇ ڪئي. مرزا مغل بيگ کي شاهه تي خار هئي سو هن نه صرف مدد وٺڻ کان انڪار ڪيو بلڪ شاه عبداللطيف کي گهڻو گهٽ وڌ ڳالهيائين. شاهه عبداللطيف کي سندس اڻ ڏنگي هلت ۽ لفظن تي ڏاڍو رنج پهتو ۽ سندس زبان مان بي اختيار هي پاراتو نڪتو.

بيگ تنهنجي بيگي ڪوٽڙيءَ ۾ ڪان

اٿم آس الله ۾، دل ماريني مانَ

ان پاراتي جو اثر اهو نڪتو جو مرزا مغل بيگ ۽ سندس ساٿي دل ڏاڙيان جي مقابلي ۾ مارجي ويا.

ڳلان نالي عورت لاءِ شاهه عبداللطيف جي دعا وارو واقعو هن ريت بيان ڪيو ٿو وڃي ته ڳلان نالي هڪ سهڻي نوجوان عورت شاهه جي مجلس ۾ حافظ جو هي غزل جنهن جو مطلع آهي.

دل مي رود زدستم صاحبدلان خدارا

دردا ڪه راز پنهان خواهد شد آشڪار

(منهنجي دل قابو ڪندڙ منهنجي دل منهنجي هٿن مان وڃي رهي آهي افسوس منهنجي دل جو لڪل راز پڌرو ٿيڻ وارو آهي).



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سسئي وقت به وقت انهن ٽنهي جي شڪايت نهايت ڏک ڀري انداز ۾ ڪندي رهي ٿي.

١- ڏاگهن ڏيرن، ڏونگرن، ٽنهي ڏنم ڏک

٢- ڏاگهن ڏيرن، ڏونگرن ڏکن آءُ ڏڏي

سسئي جو عشق عام رواجي نه پر اوچي ۽ اعليٰ درجي جو آهي. هوءَ پنهونءَ جي عشق ۾ ايتري سرشار آهي جو جتن، ڏاگهن ۽ ڏيرن جي سندس پنهونءَ کي زوري ۽ چوري وٺي ويا تنهن کي به پٽ پاراتو نه ٿي ڏي هر هڪ جي ڏاڍ جي شڪايت ته نهايت ڏک ۽ درد ڀري انداز ۾ ڪري ٿي پر پوءِ به ور ور ڪين دعائون ڪندي رهي ٿي. ٽنهي کي دعا ڏيندي چوي ٿي.

اس مَ لڳي اوٺيين، ليڙان لڪُ ۾ لڳ
الله آريچن کي ڪوسو واءُ مَ وڳ
جت جهجها ۾ جڳ، پر منهنجي پرت پنهونءَ سين

سسئيءَ کي پڪو ويسهه آهي ته مون سان دوکو ۽ جاڙ جتن ڪئي آهي. انهن جي شڪايت ڪندي چوي ٿي ته ڇاڪاڻ ته جت مون جارت ڀائي نه هئا ڌاريا هئا تڏهن ته هو مون کي ڇڏي پنهونءَ کي ڪٺي ويا.

جت نه ڀائي رت، ڌاريا ڌاري ڏيهه جا
آءُ ستي هو هليا، پلاڻي پربت
اکين جي آهت، ڪٺي ڇلايس ڇپرين

هوءَ چوي ته جيئن ته هوءَ پنهونءَ جي وني هئي تنهن ڪري جتن کي لحاظ رکي اٿين نه ڪرڻ ڪپندو هو. مون ته جتن جي پنهونءَ جي ڪري وڏي خوشامد ڪئي هئي تن جتن مون سان قرب ۽ دوستي جو ناتو نه نڀايو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

يعني اي مگٿهار شال وري تون هن جوء ۾ موٽي نہ اچين جو هر گهڙي تون اجل اجل ڪندو ٿو وتين تو وڏا وڏا تاج ۽ تخت جا مالڪ ماري ڇڏيا آهن.

امام حسين جي شهادت وارو واقعو اهڙو الم انگيز ۽ ڏک ڀريو آهي جو صديون گذرڻ ڪانپوءِ بہ اهو مسلمانن جي دلين ۾ تازو آهي ۽ عالمِ اسلام جون اکيون ان ڏک ڀرئي واقعي تي ڳوڙها ڳاڙينديون رهيون آهن. اسان جي پياري نبي جي ڏوهٽي اسانجي سائڻ خاتون جنت حضرت فاطمه جي لاڏلي خيبر جي فاتح صوفين جي سرواڻ حضرت علي جي نور نظر حضرت امام حسين ۽ سندس اولاد. ڀائرن ۽ ڀائٽين ۽ ساٿين کي يزيد جي لشڪر جنهن بيدرديءَ سان قتل ۽ بي رحميءَ سان سندن خيمن کي لُٽيو ۽ ساڙيو ۽ سندن پاڪ لاشن کي پنهنجي ناپاڪ گهوڙن جي سنبن هيٺ پائمال ڪيو. جنهن نموني ڪربلا جي ميدان ۾ سندن لاشن کي بي گور بي ڪفن ڇڏي ويا جو داستان پڙهي هر مسلمان جي دل ۾ امام حسين سان محبت ۽ يزيد ۽ سندس ساٿين سان نفرت جو جذبو بيدار ٿئي ٿو. دنيا جي ڪيترن شاعرن ان غم ۽ رنج ڀري واقعي کان متاثر ٿي ان تي هنجون هاريون آهن ۽ امام حسين سان پنهنجي محبت جو اظهار ڪندي سندس خدمت ۾ عقيدت جو نذرانو پيش ڪيو آهي ۽ يزيد سان سندس اهڙي ظالمانہ حرڪت تي نفرت ڪئي آهي. شاهہ عبداللطيف حضرت امام حسين سان پنهنجي عقيدت ۽ محبت جو اظهار سر ڪيڏاري جي صورت ۾ ڪيو آهي. ڪيڏاري جي شروعات ان غم ڀري سٽ سان ٿئي ٿي "موٽي محرم آيو آيا تان نہ امام." شاهہ عبداللطيف امام حسين سان پنهنجي محبت ۽ عقيدت جو اظهار هنن لفظن سان ٿو ڪري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مـيـر مـدينا نكـري آيا نـ مـوتي
ڪارا رڳج ڪپـڙا ادا نيـروتي
آءُ تنين لاءِ لوتي، جي مير مسافر راتيا.

نـ صرف ايترو بلڪـ هو چوي ٿو تـ جنهن بـ ماڻهوءَ ڪي الله جي پياري پاڻهي جنهن سندس راهـ ۾ سـر ڏنو جي محبت ڪانهي تـ قيامت جي ڏينهن الله ان جي شفاعت نـ ڪندو.

حسـن ميـر حسين جو جن نـ هيـڙي جار
خالق رب جبـار، ڪين مـر هيندو تن کي

شـاهـ عبداللطيف امـام حسين جي شـهادت جي واقعي بابت نهايت حساس نظر اچي ٿو. جتي امام حسين سان محبت جو اظهار ڪري ٿـو اتي يزيد کي پاراتو ڏيندي چوي ٿـو " اي يزيد! تون ڪنهن سـان جنگ جوٽي رهيو آهين! علي جي اولاد سـان. قـيامت جي ڏينهن جڏهن امـام حسين خوشين ۾ هوندو ان ڏينهن تون خوشين کـان دور ملال ۽ ملامت ۾ هوندين".

جهـيـڙو لاهـ يزيد عليءَ جي اولاد سين
سا نـ پسندين عيد جا هوندي مير حسين سين

شاهـ يزيد جي ساٿين جي حالت تي افسوس ڪري ٿو.

جنين جهـيـڙيو ڪال عليءَ جي اولاد سين
هيءَ! تنين جي حال، جي حمـايتي يزيد جا

امام حسين ۽ سندس ساٿين کي يزيد جو لشـڪر شـهيد ڪري سندن لاشن کي ڪربلا جي رڻ ۾ لا وارث ٺڏٺڪـو ڪري هليـو ويو شاهـ کان اهو سـٺو نـ ٿو ٿئي تـ امام حسين ۽ سندس ٻين رفيقن مٿان اس هجي تنهن ڪري ڪربلاجي رڻ ۾ لامـارا ڏيندڙ ڳجهن کي پاراتو ڏيندي چوي ٿـو " اي ڳجهـ افـسوس آهي تنهنجي حال تي ٿـل تنهنجا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

گندو ۽ ڪڏو رهيو آهي جيئن ملان ۽ بليڪ مارڪيٽيئر جن کي شاهه ڌڪاريو ئو ڪوني. شاهه کي پنهنجي جنم ڀومي سنڌ سان ازلي پيار هو تنهن ڪري هو سنڌ جي ماڻهن جي خوشحالي، خير سڳالي ۽ سنڌ جي شادابي ۽ سر سبز رهڻ لاءِ دعا گهري ٿو پر جيئن ته هو انسان دوست هو تنهن ڪري هو ساري دنيا جي انسانن سان پنهنجي محبت جو اظهار ڪندي ساري عالم کي آباد ڏسڻ ٿو چاهي ۽ ان جي آباد رهڻ لاءِ هٿ مٿي ڪري دعائون ٿو گهري.

عشق جي دنيا جا ٽي اهم ڪردار ٿين ٿا. عاشق، محبوب ۽ رقيب، جتي گل آهي اتي ڪنڊا به آهن جتي عاشق ۽ محبوب ٿين ٿا اتي رقيب به پيدا ٿي ٿو پوي. ان ڳالهه کي پارسي شاعر ظهير فاريابي هيئن بيان ڪيو آهي.

بتي هر جاڪ پيدا مي ڪنم، اغيار هم دارد
گلي مي دمد در اين گلستان خار هم دارد

يعني جتي محبوب آهي اتي اغيار رقيب به آهي جيئن گلستان ۾ جيڪو گل ٽڙي ٿو ان سان خار پڻ آهي. رقيب جو ڪم آهي عاشق ۽ معشوق جي محبت جي راهه ۾ رنڊڪون پيدا ڪرڻ. محبوب کي ابتيون سبتيون ڳالهيون ٻڌائي عاشق کان بدظن ڪرڻ. عاشق جي خلاف محبوب سان لڳ لاڳاپا رکندڙن کي ڀڙڪائڻ. انڪري اغيار عاشق جي اکين جو خار ٿي ٿو پوي ڇاڪاڻ ته هو سندس دل کي پنهنجين ٻڇڙاين، برين حرڪتن سان ايذائي ۽ رنج رسائي ٿو. عاشق رقيب جي ڏنل سورن کان سڙي سڙي وقت به وقت نه صرف رقيب کي کهٽ وڏ ڳالهائي ٿو پر ڪيس پاراتا ۽ پٽون به ڏيندو رهي ٿو. شاهه جي ڪلام جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي ته محبت جي راهه ۾ شاهه کي به رقيب سان واسطو پيو آهي جنهن کي شاهه کهٽ وڏ به ڳالهايو آهي ۽ پاراتا به ڏنا آهن ۽ ان کي هن ڪر جي نالي سان ياد ڪيو آهي.


Scanned with CamScanner

جي حالت هيئن بيان ٿو ڪري.

سارنگ ڪي سارين، ماڻهو مرڪهه ميهون
آڙيون ابر آسري، تازا تنوارين
سپون جي سموند، جون نئين سچ نهارين
پلر پيارين تہ سنگهارن سک ٿئي.

شاھ عبداللطيف وطن دوست ۽ انسان دوست هو. هو جڏهن ماڻهن، جانورن، پکين کي مينهن لاءِ پاڏائيندو ۽ پاڪاريندو ڏسي ٿو تہ هڪ وطن دوست ۽ عوام دوست جي ناتي هن جي من ۾ جهيو پيدا ٿئي ٿو ۽ الله جي سرڪار ۾ هٿ مٿي ڪئي سارنگ کي سڏي ٿو.

جيئن سندس وطن تي وس ٿئي سندس وطن سرهو ۽ سائو ٿئي سندس وطن جا سانگي ۽ سنگهار سکيا ستابا تين. ڏڪر جو ڏولاڻ ڏيه تا ڏور ٿئي.

سارنگ سار لهيج الله لڳ اچن جي
پاڻي پوچ پٽن تي ارزان ان ڪريج
وطن وسائيج تہ سنگهارن سک ٿئي.

شاھ جيئن تہ سنڌ دوست آهي هنڪي پنهنجي سنڌ سان پيار ۽ محبت آهي هو سنڌ کي سر سبز ۽ شاداب ڏسڻ ٿو چاهي. هو وسيع قلب جو مالڪ آهي هنکي پنهنجي وطن سان گڏ باقي دنيا جو بہ خيال آهي. ساري عالم جي آباد هجڻ جي التجا اهوئي ڪهري سگهي ٿو جنهن کي پنهنجي ملڪ ۽ ماڻهن سان الفت هجي. پنهنجي وطن سان گڏ ساري دنيا جي ڀلائي جي دعا اهوئي ڪهري سگهي ٿو جنهن جي دل ۾ محبت ئي محبت آهي. انفرادي احساس ڪشاده دل انسانن ۾ اجتماعي خير ۽ خوشحالي جو احساس پيدا ڪري ٿو. شاھ کي پنهنجي سنڌ سان پيار هو تنهن ڪري هو ساري دنيا کي پنهنجي سنڌ سان گڏ دعا ڏي ٿو.

سائين سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سڪار
دوست مٺا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

بہ چوي ٿو تہ تون جي ليليٰ کي منهنجي اکين سان ڏسين تہ تون بہ سندس عشق ۾ چريو ٿي پوين. بابا! ھاڻي منهنجو مرڻ جيئڻ ليليٰ جي لاءِ آھي. ميان علي محمد قادري اھو منظر ڊرامائي انداز ۾ ڊائيلاگ رستي بيان ڪندي قصي کي وڌيڪ وڻندڙ بڻائي ڇڏيو آھي.

منجون جي پيءُ جي پٽ کي نصيحت

نہ ڪر بدنام مانکي نيڪ اختر
گھڻي عزت سان رھ خوش گھر ۾ نينگر
نہ آھي باغ ۾ گل کي بقا ڪجھہ
نہ ڪي کي حسن وارن ۾ وفا ڪجھہ
تون لاھي خيال ڇڏ ليليٰ جو دل تان
اھا ھرگز نباھي ڪين تو سان.
تون روئين ۽ رڙين ڏک ۾ رھين ٿو
ھميشہ درد ۾ دانھان ڪرين ٿو
نصيحت تي عمل ڪر ٿي سياڻو
اجايو ڇو ڪھمين در در ديوانو

مجنون جو پيءُ کي جواب:

ٻڌي مجني جڏھن پيءُ جي نصيحت
چيائين انکي بابا نيڪ خصلت
سڀن سھڻن کان سھڻو منهنجو جاني
زماني ۾ نکو مٽ ان جو ثاني
اکين منهنجين سان جي ليليٰ ڏسين تون
لٽا ڦاڙي چريو مون جان گھمين تون
جيئڻ ۽ جان آھي يار ڪارڻ
اکيون دلدار جي ديدار ڪارڻ
سڄڻ تان ساھہ ا صدقو ڪرڻ لئي
اکيون آھن. انھيءَ جي منهہ ڏسڻ لئي
وڃي نڪري جي سک ۾ يار جي ساھ
سجايو آھ سو الله آڪاھ.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڳاليون ڪندي ڪاڪ جون ڳوڙها پٽس ڳڙي
ڪا جا انگ اڙي، جن ڇتا ڦٽ فقير جا.

هاڻي جڏهن مومل جو ذڪر هن جي زبان تي اچي ٿو ته هو بس ٿي نٿو ٿئي. هو ڪين مومل جي سونهن جي ساراهه سان گڏ سندس زور ڀرين زبرن جو بيان به ڪري ٿو ۽ ڪين ٻڌائي ٿو خاص عام جيڪو ڪاڪ وڃي ٿو سو وڃي ٿو وڃي. مومل انهن کي ٺڳي ماري ٿي جن جي مٿن به مٺيو آهي.

شاهه ڊراماٽي انداز ۾ سامي جي واتان پنجن بيتن جو وڏو ڊائيلاگ بيان ڪري ٿو.

سامي:

ڪجر ڪي ڪجمل جون، تارن ۾ تبرون
هئي حاڪمين کي، زور ڀريون زبرون،
ڪاڪ ڪندي، قبرون، پسو برڏيهين جون.

ڪجر ڪاروڙين، اچو آڏي آيي
متان ييئي تن، ٻڌا ٻاڻ هڻن جي.

مومل کي مجاز جا اکين ۾ الماس
نڪا عام نه خاص جي وڻاسي وڃيا.

مومل کي مجاز جا اکين ۾ اٽبوڙ
هئي حاڪمين کي، ٻٽ نهاري ٻوڙ
ڪهوٽ ٻهري ڪهور، جي وڻا سي وڃيا.

مومل ماري مير آميڙين ڪان اڪري
سودي ڪهڻا سڪا نيا ٻڙهل ٻنهت ٻر
هئي تن کي تير، مٿيون جن متن ۾.



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

شاھہ سھڻي لاءِ وڏيڪ چوي ٿو تہ ھين سورمين جي پيٽ ۾ ھوءِ توڙ کان نيھن جي نوازيل ھئي

توڏي تـوڙائين نيـــھ نوازي ســـوھڻي.

شاھہ سھڻي جي عشق جي انتھا کي چٽو ڪرڻ خاطر ڊرامائي انداز اختيار ڪندي ڊائيلاگ رستي سھڻيءَ کي چوي ٿو. "اي سھڻي! عشق وارن کي عشق کي پنھنجو رھبر ۽ رھنما بڻائي. سڀ خوف خطرا ڦٽا ڪري. درياھہ ۾ ٽپي پوڻ گھرجي. اھي ٺي دريا مان پار پونديون جيڪي عشق کي پنھنجو رھبر بڻائينديون."

شاھہ:

پاڻ مَ ڪــڄ پاڻ سين، وســيـلا وســار.
لڙ لنگھــائي، ســوھڻي، پرت وجھندي، پار.
سـي ترت لگھنديون تار، اڪنڊ آگھ جن سين.

وري ڪيس چوي ٿو

شاھہ:

ڪونہ آگھ اھڙو، جھــڙي مـــحــبت مِن.
اُپيون اوري پار ڏي، ڪوڙيون ڪک پچن.
ندي تن نيــرُ ٿــيي، جي ريءَ ترھي ترن
سـک رســائي ســوھڻي! اصل عــاشــقن
سي جھليو ڪين، ڪن، پچن جي مھار کي

شاھہ جي انھيءَ نصيحت کي قبول ڪندي سھڻي چوي ٿي:

سھڻي:

پچن جي مــيــھــار کي، پچي سي مــيـھــار
ترھو تنين بـار، عــــق جنين کي آڪرو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

درياه ۾ گهڙڻ تي وڃين ٿنهن ڪري جي ڪنيار ڪان ڪچو گهڙو مليئي
ته اهو ڪيس مٽائي ڏجان، جاچي جوچي پڪو گهڙو ڪڍجان، ايئن نه
ٿئي جو موجن جي حوالي ٿي وڃين.

سرتيون:

پڪو ڪنج پاڻ سين، چڱو چٽائي
ڪچو ڏيج ڪلاڪ کي، مه تي موٽائي
سو سڻ هين، سين سوهڻي، جيڪي فائق فرمائي
موجون منجهائي، مارينئي مهراڻ جون.

سهڻي کين جواب ڏي ٿي، عشق جي راه ۾ ڪچي ۽ پڪي جو
سوال ناهي. ڏم سان جا گهڙي گذري ٿي جا نظر من تي پوي ٿي جڻ
ڏوهه ڪري رهي آهيان. مونکي جيڪو گهڙو مليو، طوفان مچي يا
آنڌاري مچي مونکي ميهر ڏانهن وڃڻو آهي.

سهڻي:

ڪچو تان ڪوه؟ پڪو نظرَ پرين جو
ساهڙ مهجو سپرين. ڏم ڏئيٺي ڏوهه
جي ڇتو جي ڇوهه، ته پوريندس پار مٿي.

هاڻي جڏهن سوهڻي سيه سياري، بوندڙ پاري، وسندي مينهن ۾
گهڙو کڻي هلڻ لڳي ٿي ته ڏسي ٿي ته گهڙو ته ڪچو آهي. تڏهن
سرتيون کيس چون ٿيون.

سرتيون:

ڪچو ڪان ڪنيار اوڪي، ڪنئون آٿين
ڪ تو ڪَنين نه سڻي؟ پيلي تي پلڪار
لوڙها لک لطيف چئي، ڪوڙين ڪارونيار
اُڪارين آڏار، آرا آڪي وارين.

سهڻي ڪچي گهڙي ملڻ تي جواب ۾ چوي ٿي ڪلال جيڪي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

عمر جي هن ڊائيلاگ جا ٻہ حصا آهن، هڪ مارئي کي لالچائڻ ۽ مارئي کي مارن وسارڻ جي ترغيب ڏيڻ.

مارئي جيڪا نهايت غريب گهر جي ڇوڪري هئي، جن جي پيٽ گذر اهو هو جو

آٿين ۽ چـاڙهـين ڏٿ ڏمـاڙي سومرا

هن جو گهر گهاٽ اهو هو.

وهن ورا ڪن ۾ جن جي اجوکي اوطاق

۽ جن جي غربت جو اندازو ان مان لڳائي سگهجي ٿو تہ جڏهن پنهنجي نياڻيءَ جي شادي ڪن ٿا تہ ڏاج ۾ سڄ ڏين ٿا.

مونکي ماروئڙن سڄ ڳنڍائي سيج ۾

مارئي عمر جي محلن ماڙين واري ۽ ٻي هر آڇ کي ٺڪرائي ٿي. شاهہ اتي ڊرامائي انداز اختيار ڪندي مارئي واتان ڏکهو ڊائيلاگ ادا ڪرائي ٿو جو ڪيترن بيتن تي ڦهليل آهي. جن ۾ هوءَ سندس هر آڇ جو ذڪر ڪندي انکي ٺڪرائيندي وڃي ٿي.

مارئيءَ

پٽولا پنهواريون، مور نہ مٽي ڪن
جہ لاک رتائون لوئيون، تہ سالنئا سونهن
اُن ايلاچنئون اکري، بخمل بافتن
سکر ڀانيا سومرا، ڪٽي ڪان ڪنهن
جا ڏنير ڏاڏائن، سا لاهيندي لڄ مران



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تيل نہ لائيان تهجو، مون ماروءَ جو من
ڪريان ٻي نہ ڪَنِ، آهر انهيءَ آهيان

پکن سين نہ پاڙيان هند هتي جا هي
آهل اباڻن کي، مري شال ملهائيان.

مارئي عمر جي انهيءَ ڳالهہ تہ جي مارو هنکي ياد نتا ڪن تنکي هوءَ وساري ڇڏي جي جواب ۾ چوي ٿي. منهنجو من مارن سان مليل آهي.

مارئي:

جنءَ ڳنڍيون منجهہ ڳنڍير. تنءَ مون من ماروئڙن جيئون

آئون ڪيئن ڇڏيان سومرا تن پنهوان پچار
جڙ جنين جي جان ۾ لڳي ريءَ لوهار
ميخون محبت سنديون، هينئڙي ۾ هزار
پکا ۽ پنهوار، ڏني مون ڏينهن ٿيا.

جر ۾ سپون جيئن اهن ابر آسري،
جين ڪنجون سارن روهَ کي مون تن اندر تينءَ
هُتِ وعدا وڃن جا، هتِ نہ ياڻيم هينءَ
ڪوئين وهان ڪينءَ، جي نظر بندياڻي نہ هئان.

عمر جي لوبہ لالچ کي ٺڪرائيندي مارن سان پنهنجي محبت جو اظهار ڪرڻ کان پوءِ مارئي عمر کي الله جو واسطو ڏئي آزاديءَ لاءِ التجا ڪندي چوي ٿي

ڇڏ سٻرايون سومرا، عمر لڳ الله
تير نہ تورا ڏينهڙا. مارئين ڳاريم ماه
سڪ مهجي ساه، ماروءَ جي مس لهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مارن جي غيرت، عزتِ نفس پنهنجي جڳهه تي ماري جو ست سيل پنهنجي جڳهه تي مارئي مارن جي وين ملڻ کان اڳ لوئي جي لڄ رکندي عمر کي چوي ٿي:

مارئي:

پنولا پنهواريون مور نه متي ڪن
جه لاک رتائون لوئيون ته سالنئا سونهن
اِن ايلا چنئون اڳري، بخمل بافتن
سکر پانئيا سومرا، ڪتي ڪان ڪنبهن
جا ڏنير ڏاڏئن. سا لاهيندي لڄ مران.

هو مارن جي وين ته، "جا سانگين سيڏائي، سا ڪين مَرَ ڪي ماڙين" جي جواب ۾ چوي ٿي ته مارن جو وين اجايو آهي. خدا جو قسم مان هڪ طاقتور حاڪم جي قيد ۾ آهيان ۽ منهنجي الله در التجا آهي ته هو عمر کي مهربان ڪندو ۽ مان پنهنجو ست قائم رکي واپس ورنديس.

مارئي:

يا الله آهيان بند ۾، ڏنان تي ڏهر
وين ورائي ناه ڪا، سومرو سبر
ميان مهربان ڪريين الاهي عمر
ويڙ بان سو وڙ. عالم جيڏاه عالم آسرو

سر مارئي ۾ شاهه ان وقت وڏيڪ ڊرامائي انداز پيدا ڪري ٿو جڏهن مارئي، جون سرتيون هن کي اڏنگا وڻ ڏين ٿيون جنهن ۾ ڪيس اهو طعنو ڏين ٿيون ته، "مارئي! تو عمر جي لذيذ کاڌن تي هرڪجي مَن مائٽن کي وساري ڇڏيو آهي." مارئي جوي ٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ماروئي:

اڄ اڏنگا وينڻ، مڪي مڪا مارڻين
ماري هميرن جا، جيڪس ڪاڏهن ڪيڻ
سانبيڙا ۽ سيڻ، ڪ تو وٺا وسري.

مارن وٽ ست ۽ سيل جو وڏو قدر ۽ مان آهي مارن جي ڪابہ ڇوڪري نہ آهي جيڪا باعصمت نہ هجي. ماروئيءَ جون سرتيون سمجهن ٿيون تہ ماروئي عمر جي محلن ۾ وڃي عمر جي ٿي وئي آهي ۽ پنهنجو ست سلامت نہ رکي سگهي آهي، تنهنڪري هن کي نهايت چيندڙ وينڻ ڏياري موڪلين ٿيون تہ اي ماروئي! ڀلائي بهتر آهي تہ تون زهر کائي پنهنجو انت آئي ڇڏ جئين تو جهڙي بي عصمت عورت سان ملير ڄائيون ڪو لڳ لاڳاپو نہ رکن. ڀلائي تون پاڻ کي انهن مان نہ ڪونرائيندي ڪر.

ماروئڙيون:

هي مہ ڏيئي ٻن تون وہ کائي نہ مرين.
جي ملير ڄائيون توسين سنگ نہ ڪن.
تون ڪيئن منجهان تن پاڻ سڏائين ماروئي.

ماروئي انهيءَ وينڻ جي جواب ۾ ڪين چورائي ٿي موڪلي.

مون سين ماروئڙيون، کهڙي ريت رسنديون.
چگن ۾ چيز، پيہ، پيہ رت جيون.
هتي جي هيون، تہ سڏ ٻوي ها سيل جي.

ماروئي عمر جي بند ۾ هر آزمائش جي آڳ مان سون وانگر اڇي اجري ٿي نڪتي آهي. هوءَ عمر جي قيد جي آزمائش وارن ڏينهن لاءِ چوي ٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جنهن ۾ هو سسئي کي قصور وار ڪوٺن ٿيون ۽ سسئي پنهنجي ننڊ
کي اياڳ جي ننڊ ڪوٺي پنهنجو ڏوهه قبولي ٿي.

هڪ سرتي:

ستين ۾ پير ڏکيا ڪري، وڏي جاڙ ڪياءِ
در ۾ اپڻين دوس جي، ته سر پر هوند سياءِ
اصل آري ڄام جي، سگهي تو مر سياءِ
پنهون ۾ سين پياءِ، تي نياڳي ننڊون ڪرين

ٻي سرتي:

ستين سنجهيئي، مه ويڙهي مٺن جن ۾
اوجاڳو اکين کي، جاتوءِ نه ڏيٺي
هتا تو پيئي، ڪچو ڪيچن کي ڪرين.

سسئي:

آلوڙو اکين، آيم ننڊ اياڳ کي
هاٿي هن پنيور ۾، گهاريان ڪارڻ ڪن
اديون اوتپڙن، هنيين سين هاجو ڪئو.

سرتي:

ستين سواري، مه ميڙهي مٺن جن ۾
ڏنئه نه ڏيرن جا، چوڏاري چارا
تيلاه ويچارڙي، سات ستيئي ڇڏيو.

سرتيون سسئي کي چون ٿيون ته جڏهن تو پنهنجي اکين مٿي
اوپرا اٿ ڏنا هئا ته ڪو اهڙو طريقو اختيار ڪرين ها جو اهي تنهنجو
پنهون نه کڻي وڃن ها. سسئي پنهنجي خطا قبول ڪندي چوي ٿي هاجي
پنهون ۾ جي وڏن واران کي جاتيءِ سان هڏي سمهان ها ته مون کي پتو
پئجي وڃي ها ۽ ڏاکيا ڏاڍ ڪري نه سگهن ها.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ـتي:

اڱڻ مـــتي اوپرا، جڏهه ڏاڳـــهـــا ڏيه ڏنـــاءِ
ڪنجون جي ڪلفن جون، تان ڪه لل لڪاءِ،
تہ سـيـاڻي سنڌياءِ، تي سـاروٽي سـسـئي،

ي سرتي:

اڱڻ مـــتي اوپرا، جڏهه ڏنـــئـــڻ اٿ،
ڏاڍي نہ ڏاڳـــهن ڪي، اوڳي سـاڻ اڳٿ،
تہ هُند نہ تهجي هٿ، سـور پرايا سـسـئي

ٽين سرتي:

اڱڻ مـــتي اوپرا، جڏهه ڏنـــئـــڻ توڏا
ونگيـءَ نہ وارن سين تن ڳـورن جا ڳـوڏا
تہ لڪن جا لوڏا، هند نہ سـنـئـڻ سـسـئي

سسئي:

اديون آءُ تي، جن پريتـــــو پرينءَ سين
ٻڌي سـتـيـن سـوڪـهو چلور چاتيءَ سين
تہ ڪـيـچي ڪاهي ڪرها، منهـا وچن ڪي
ڏوهہ مـهـجي ڏيه، پنهـونءَ ڪي ڪامَ چئي

هاڻي جڏهن سـسـئي پنهونءَ جي پٺيان وڃڻ لاءِ آماده آهي ماءُ
ڪي چوي ٿي:

پنيـــورا پهـــر تي امـــڙ مـــون امـــانِ
مـچڻ ڪا رهاڻ، مـون تو مـوتي مـس ٿـئي.

ءَ ســرتين ڪي ســاٿ ڏيڻ جي آڇ ڪندي هلڻ لاءِ چوي ٿي. ات
شاهہ ڊرامائي انداز اختيار ڪري ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سـنـي:

اديون ڪا ايندي، ڇـپـر مـون سـڱ ٿئـو
لائـينـدس لڱن کي، ملـيـــرا مـــيـنـدي
وندر آ؛ ويندي، آري ڄام اڄهـــو ڪـري

ان اچ جي جواب ۾ سرتيون کيس چون ٿيون:

کـي لـــه ڪـائي، رکـيــــه پـرت پنهـونءَ سين
سَنهيـو سَڪـيـو جندڙو، وڌءِ ڇـري ۾ ڄائي
تومـين ڄاڃو ڪوتائي، صبح ڪـنـدا سـنـــي

سرتين کيس جهلبندي:

مـرّي منڌ ذي آئـيـون سـاحـيـريون سـهـجا
الـسـفـر قطعة من النار، جاري مـوت هـتـا
سـڱ صـراط المسـتـقـيـم جـو، ابي تان اڪـثـا
سـي ڪـيـجي نـنـد، ڪـا؛ تهجو نـيـه نفاق سين

(نه وڃ مسافري دوزخ ۽ صراط المستقيم جهڙي اوکي آهي)

سـنـي:

جـدهِ ڪن فـيـڪـون، ڇني لـئـو آريائي ارواح
انـڪ اڪـين لـڪـئـو، مـهـجـو مـيـثـاقـا
من طلب شيئاً و وجدَ و جد، اتي علي سـاحـ
اچا من حـديـث جـو مـون آسـرو اهـ
پنهـون جي پـيـغـام تان، مـهـجو مـوت مـبـاح
سرتيون دعا ڪجاد، ته ميراثو مـون نـي.

(آءُ ويندس جو ڪنهن شيءِ جي طلب ڪري ٿو ۽ ان جي ڪولا ۾ سعيو ڪري ٿو، سو ضرور اها شيءِ حاصل ڪندو.)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سرتيون:

وڃڻ تو واري، پرڻ پنهـــــون، پٺ ۾
ڪرڻ ڪوهيـــاري، ســـتي تو سڀ وٺا

هاڻي جڏهن سسئي پنهون، جي پٺيان وڃي ٿي ته شاهه کيس چوي ٿو ته، تون وڏي نصيب واري آهين جو پنهون، جي ڪولها ۾ وڃي رهي آهين. سسئي جا راهه ۽ رستي کان واقف نه آهي سا کيس رهبر سمجهي هدايت طلب ٿي ڪري ۽ شاهه سندس رهبري ٿو ڪري. ان سموري منظر کي شاهه ڊرامائي انداز ۾ بيان ڪري ٿو.

شاهه:

وڏو طالع تو، جن، لکن، ٻــر پنهـون، جي
ســـــئي ان ســـتون کي رويو وٺي رو
ويٺي هٿ م ڌو، هيلن ته هوت لهين

سسئي:

ڪي ڪڙيان ٻيڙ؟ ڪ ڪڙهان ڪيچ ڏئين لئه
اي ڏن؛ ڏيئي ڏيـر، پانا پراهان ويـا.

شاهه:

ڪڙهه ٻن ڪيچ ڏئين لئه. ڪڙ ٻن ٻير سندان
انهـــين پر آتان پندهه، منڌ پهــاڙ ۾

سسئي:

ويـــس وک نـه اپري، تـون آريـائـي آ؛
چڪي توسين چاڙ، پاسي پر پيئي رڙهي.

شاهه:

سو ڪري سيـکا. تون کهي! ڪنج وک
تائج مجهان تک. ته پنڌ پاسي پر نبري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سسئي ڪيرن جي هيٺ ويهي روئڻ ٿي لڳي ته هاتف (غيب جو آواز) کيس چوي ٿو ته هائي روئڻ مان ڪجهه نه ٿيندو.

هاتف:

ڪانئي ڪيرن هيٺ، ويٺي روءِ رت ڦڙا
ڪاٿيندي مون ڏيٺ، پيهر پاروچن سين.

سسئي:

ڪانئي م ڪانيو، مٺيءَ منڪر م ڏيو
ڪيڪر اجهايو، ڏيٺي ٻر لوهار جيئن

سسئي:

روئڻ ۽ رڙو مون نماڻيءَ جي نجهري
ڪنل ڪي قلب ۾، ڦرب جو ڪاڙهو
هوتن لئه هاڙهو، رڄائيندس رت سين

هاتف:

روني ڪندي، ڪوڙ، هاڻي ڪو هوت وري

شاهه ات کيس چئي ٿو، هلڻ کان بس نه ڪر. ڏس سڄ لڙي رهيو آهي. هلندي هل جيئن سڄ بيٺو ٿي هجي ته تون پنهنجو مطلوب حاصل ڪري سگهين.

هاتف:

لڙ ۾ لاڙائو ٿيو، هلي ڪر همت
سڄ سامهون نه، ۾ متان ڪرين ڪٽ
سپريان جي سٽ، ڳاڙهي سڄ ڳال مڙين

سسئي سڄ کي مخاطب ٿي چوي ٿي:

لهي سڄ اوير ڪر م معذورين تي
سي مران پير ڏونگر باروچن جا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مکر سچ لڙي ٿو وڃي ۽ سسئي رڙي ڇوي ٿي

سسئي:

وينئي مسون ونو. لڙي سج لڪن تان
آئون ڏوريندي ڪيترو، پهڻ پير پيو
سورن سان مهو، اچي تير جيڏيون

هاتف:

بسي ڏونگر ڏاه، جر ملن ۾ هيئي وهين
لانجي لڪ لطيف جي، بئي، ڪيچن ڪاه
پچي بورچ سسئي، بلوچاڻي باه
ان وڙانتي ورجي. اسر هڏ ۾ لاه
جو اڪنئون اوري اه، سو برين براهون ۾ چئو

سسئي:

واقف نہ وٺڪار جي، پاڻي ڪنير نہ پاءِ
جبل جلدايون ڪري، تڪ ڏيکاري تاءِ
لڳي لڪ لطيف چي، معذورن متاءِ
اتي اوڏو آه، جت هوت هيڪلي اهيان.

سسئي پنهون، جي وڇوڙي ۽ پنهون، جي راه ۾ پنهنجي حالت بيان ڪندي چوي ٿي تہ هي، نہ جيئري اچي نہ مٺل شل اٿين ٿئي تہ پنهون توکي ياد ڪندي سندس ساه نڪري وڃي. ان تي شاھ ڪيس چوي ٿو تہ جي تون پنهون، کي حاصل ڪرڻ جي راھ ۾ ساهہ ڏنو تہ تنهنجو نالو سچي جڳ ۾ امر ٿي ويندو ۽ سرتيون تنهنجي ساراھ ڪنديون رهنديون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سسئي:

نڪي جيئان ٿي، نڪي مئي آهيان
سٻاجن ساه ڏيان، توکي ساري سپرين

شاهه:

تون جي ڪال مئي، ته ڪال ٿي ڪئي پرين، کي
ڪڏهن ڪان سئي ته ڪا سکئي ڪئي سڄڻين

سسئي:

اڳي ٻوه مئران، مر مران مارڪ ۾
مٺي ٻوه ٻريان، خون مئجو جيڏيون

شاهه:

مر متا ڏيئي، پنهون، ڪارڻ پِپ ۾
ته سرتيون سڀئي، واڪائيني و يلئون

شاهه سسئي جي لوڪ داستان ۾ تصوف جي حقيقت ته الله هر ڪنهن انسان جي اندر ۾ سمايل آهي، تنهنڪري جي الله کي ڳولڻو آهي ته پنهنجي اندر ۾ جهاتي پائي ڏسو ته الله اوهان کي پاڻ مان ئي ملي ويندو. کي پڻ ڊراماٽي انداز ۾ سسئي سان پنهنجي ڊائيلاگ رستي بيان ڪيو آهي.

شاهه:

ڪو نه اتِ ڪوهيار، جت تو پوري پائيو
بندُ مَ ڪَر بِهارَ ڏي، وُجود ئي وڻڪار
ڏارانا پسائج ڏار، پج پريان ڪر پاڻ تون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جو وڏيڪ احساس ڏياريندي ڇون ٿيون ته تو کي ڇنيسر جي طبيعت جي ته اڳ ئي خبر هئي پوءِ، تو ان جو سودو ڇو ڪيو؟ هائي هار کي ڦٽو ڪر مٺي کي مچ ۾ وجهه. ليلا پنهنجي غلطي قبول ڪندي مٺين ٽي موهجڻ جو اعتراف ڪري ٿي. ساڳئي ڊرامائي انداز اختيار ڪندي ڊائيلاگ رستي اهو منظر هيئن نو پيش ڪري.

ليلا:

مٺيو وجهان مچ ۾، هاڻي، هان هار
ٻري جي ٻتار، ته مريا ئي مان لهان

سرتي:

مٺو وجهه مچ ۾، هاڻي، هٿي هار
سو ٻي سک سڌ جٺي، ڪرين ڪوهه قرار
راجا ريانو ڪهنو، سانو سردار
ڇوڏس ڇنيسر چار جو، ڏما ڏه ڏهڪار
نا ڪر اکين نار، مٺي تي ٽي مٺين

ٻي سرتي:

ڇنيسر ڇورنگ، ٻه رنگو لوڪ ٻئو
ته سين ڇنو سنگ، وڃنو هاز هٿ ڇهين

ٽين سرتي:

مٺي تي موهجي، موڙهي! ڪي مرڪ
ڇني ڇنيسر چام سين، وڏو تو فرق
وري وٺو ورق، آئي ڏن؛ ڏماڳ جو

چوٿين سرتي:

مٺي تي موهجي، هاري ڳيڙ؛ هاز
ڪوڙين ڪيا ڪيترا، انهين خر خوار
ٻري وٺو ٻتار، آيو ڏن؛ ڏماڳ جو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

تہ ھو کھڙو آھي ۽ يوءِ بہ سينگار توکي موچي ڇڏيو. توکي اھا خبر ھوندي تہ دوست دلين جا پارکو ھوندا آھن. ليلا انھن جي جواب ۾ چوي ٿي تہ مون اھو سمجھيو ھو تہ وڏيڪ سينگار ڪري چنيسر کي وڌيڪ موھيندس ۽ منھنجي قسمت کوٽي ھئي پورهيت جنھن ھياءَ وٽي سا معرڪو ماري ويئي. ان تي سرتيون کيس چون ٿيون تہ ھاڻ جي چاھين ٿي تہ تون وري ور ھٿ ڪرين تہ پاڻ نہ لڪائجان، حيلا ڇڏي پنھنجي ور کي روئي ريجھائجان. اھو سارو منظر شاھہ ڊرامائي انداز ۾ ڊائيلاگ رستي بيان ڪري ٿو.

ليلا:

جيڪس ڪر سندا م جولا ڏنا جيڏيون
ڪلن سڀ مٿا م، ساھيڙيون ءِ سرتيون.

سرتيون طنز واري انداز ۾:

ھئين ٠ تہ ھوشيار، ڪل بہ ھئي، ڪانڌ جي.
تو پانيو موھاري نيان. ڳچي، پاٿي ھار.
ڪانڌ ڪوڙي جونہ وئي، سٿين پتين سنگار.
وھر لھي ونجھار. دليون پيي داڙو.

ليلا:

ڇانگ جڙھندس ڪٽ تي، ريجھائيندس راءِ
اھڙو ٿي الله جو پورھيتون پيش ڪري

سرتي:

ليلا جم لڪائين، سوڀي ساڻ سڄاڻ
آھين گھڻو اڄاڻ، مڃڻ پوري تہ پئين

ليلا:

ھيس ھندورن ۾، پير ڪان پروڙ
مٿي سندي ماڻري، ڪوجھي وڌس ڪوڙ.
سامھيا ٿيم سور، وئو ولئي ولھو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

راء ڏياچ:

تهجي تند تنوار يار مون من موهيو
ملهي آئين مگتا! ڪجي ٻر ڪرنار
يار مون من موهيو
دان ڏيان، دهرا، هزارين هزار،
يار مون من موهيو.

ٻيجل:

ٻادر ڏيئي ٻن ڪي، آيس تهجي در
سنهارا سورٺ ور، ڪامهجي ڪر
ٻلا ٻيري ٻر، ٻالهو ٻاند ٻنار جو

راء ڏياچ پنهنجي ماڻهن کي ٻيجل کي انعام ڏين لاء چوي ٿو.

راء ڏياچ:

تازي ڏهوس تڪڙو جوهر ٻائي زين

ٻيجل:

ٻائي ٻت ڪٿا، مون تان مور نه مگنو
تازي طبيلن ٻر، گهوڙا گهر گهٿا
هائي ڪارڻ هيڪڙي آ؛ ڪي تند هٿان
جا مٿي تو مٿا، ته سر جو آهيان سيڪڙو،

سر جي صدا ڪانٻوء راء ڏياچ جو قصو ڊرامائي ڪلائيمڪس تي پهچي ٿو وچي شاهه ان ڪلائيمڪس ٻر وڏيڪ اثر ۽ روح ٻرڻ لاء ڊائيلاگ ڪان ڪم ورتو آهي. ٻيجل راء ڏياچ کي چوي ٿو " اي ڏاتار! منهنجو سوال اوڻائي مهت ڏئي ملهاء" راء ڏياچ کيس چوي ٿو. سر ٻر جا رکو آهي جيڪي مال متاع توکي کپي سو وٺ" " ٻيجل چويس ٿو. " مون کي خبر آهي ته تون ڪنهن سوالي جي سوال تي انڪار نه ڪيو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مون هر طرف نهاري ڏٺو آهي مون کي توکان سواءِ ٻيو ڪو اهڙو سخي ڏسڻ ۾ نہ آيو آهي. جيڪو سوال تي سر ڏئي ڇڏي" راءِ ڏياچ ٻيجل کي چوي ٿو. "جي تنهنجي اها مرضي آهي تہ منهنجو سر ويهہ ٻيرا وڍي هٿ ڪر. مونکي تہ صرف هڪ سر آهي پر جي سوين هزارين سر هجن ها تہ اهي بہ توکي وڍي ڏيان ها. ٻيجل! ٻوءِ بہ تنهن جي تند جو ملهہ ءَ مان انهن کان مٿاهون آهي."

اي مگڻا سر ڇاتي ئي حاظر آهي. وڍ وير م ڪر. نابودي، ۾ ئي بود آهي. نيستي، ۾ ئي هستي آهي. موت ئي زندگي آهي."

ٻيجل،

پرديسان پنڌ ڪري آيس اڳاهين ماءِ،
جي وهائي وير ۾ ٿئي. تہ مون هيرئي هلاءِ،
سنهارا سورٺ ور! ڳالہ هئين سين لاءِ،
سو مگڻهار ملهاءِ، جو وڃا ويريين آئيو

راءِ ڏياچ،

متو مور نہ پاڙيان، تهجي تند توار
سر ۾ سڄڻ ناهہ ڪي، موٽ م مگڻهار
ڪينهي مجهہ ڪبار، لاهيندو لڄ مران

ٻيجل:

تو در آيس تي، جڻ، تون ناهہ نہ سگهنو

راءِ ڏياچ،

سر جي صدا ڇڏ تون ڏيان، ڏيچ اپار
دان ڏيان، ڏهرا هزارين هزار

ٻيجل:

ٻيلي ٻئي ٻار، جان مون نيڻ ڏٺي نهارتا
چوري رکيم جت ۾.ڏسين جا ڏاتار
هي سر توهان ڌار، ٻيجي ڪہ نہ ٻولئو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

راءِ ڏياچ:

جاڄڪ توجهار، ڏه پيرا ڏياچ چئي
جه ڀَ مال نہ مري جيترو، ته تو طمعدار
جي اڇيئي ڪر ڪپار تہ ويه پيرا ودي ڏيانءِ

راءِ ڏياچ:

سو سِرَن پائي جي تند برابر توريان
اَتَلَ اوڏاهر، تيي، جيڏاه ٻيجل ٻرائي
سڪٽو هڏ آهي، سر ڀَ سڄڻ ناه ڪي

متي اُتي مهجي جي هنا سرن سو هزار
تہ تهجي تند توار، هر هر وِڏِئر، هيڪڙو

ان ڪان پوءِ راءِ ڏياچ ٻيجل کي سر وڍڻ جي هيئن تو آڇ
ڪري.

راءِ ڏياچ:

وڍ سر تي سرهو، مَر ڪي آءُ مَرَ ڳاءِ
جاڄڪ تو متان، ملڪ مڙوئي گهوريان

قصي جي پڄاڻي ڪندي شاهہ ڊرامائي انداز ۾ راءِ ڏياچ جي سر
وڍڄڻ جو ذڪر هيئن تو ڪري.

ڏسنده ڏياچ ڪي، ظاهر تنئو ذاتي
ڪڍي ته ڪاتي، وڌو ڪرٽ ڪپار ۾.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# نئين شرح لطيفي

شاهه عبداللطيف جي ڪلام، عالم اسلام جي نامور صوفين جي احوال، سوانح حيات، تذڪرن ۽ ٻيا تصوف سان لاڳاپو رکندڙ ڪتاب پڙهندي ڪي واقعا، ڪي حڪايتون، ڪي ڳالهيون ڪي مثال اهڙا نظر آيا جن جڻ شاهه جي ڪن بيتن جي شرح ٿي ڪئي. شاهه جا خاص خاص بيت چوندي انهن جي پٺيان سواءِ ڪنهن ٻي شرح يا سمجهاڻيءَ جي اهي واقعا ۽ حڪايتون ڏنيون ويون آهن جي جڻ شاهه جي بيت جي شرح. ڪن ٿيون پڙهندڙ جي شاهه جي بيت ۾ سمايل تصوف جي خيال ۽ بيان ڪيل واقعي تي ٿورڙي غور ڪندو ته بيت جي شرح نئين انداز ۾ هن جي اڳيان ايندي ۽ پنهي شاهه جي بيت ۽ پيش ڪيل واقعي مان وڏيڪ لطف اندوز ٿيندو. شاهه جي بيتن جي هن نئين قسم جي سمجهاڻي کي "نئين شرح لطيفي" جو عنوانه ڏئي شاهه جي ڪلام جي شيدائين اڳيان بيان ڪيو ويو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

وحده لاشريڪ له، جا تو چئين اي
تہ مچ محمد ڪارڻي، نر تون منجهان نيہ
تان تو وڃئو ڪي، نابين سِرُ ٻين کي
(سر ڪلياڻ)

محمود غزنوي کي خراسان جي مشهور بزرگ ابوالحسن خرقاني سان ملاقات جو چاهہ ٿيو. هو صرف سندس ملاقات لاءِ غزني کان خراسان آيو، اتي پهچي سندس خدمت ۾ هڪ قاصد ذريعي پيغام موڪليائين تہ هو غزني کان خراسان سندس ملاقات لاءِ حاضر ٿيو آهي، جيڪڏهن هو سندس خيمي ۾ تشريف فرما ٿئي تہ سندس مهرباني ٿيندي. قاصد کي اهو بہ چيائين تہ جيڪڏهن هو اچڻ کان انڪار ڪري تہ هنجي اڳيان ڪلام پاڪ جي اها آيت پڙهجان، جنهن جي معنيٰ آهي تہ "اي مؤمنو ! الله ۽ ان جي رسول ۽ مسلمانن جي حاڪم جي اطاعت ڪريو." قاصد جڏهن مٿي بيان ڪيل قرآن جي آيت پڙهي تہ شيخ جيڪو الله جي عشق سان سر شار هو.. فرمايو. "الله جي اطاعت ۾ ايترو مشغول آهيان جو اڃان تائين رسول جي اطاعت نہ ٿيڻ تي شرمندو آهيان پوءِ مسلمانجي حاڪم جي اطاعت تہ اڃا پري رهي"

---

جي ياڻين جوڳي ٿيان، تہ سڱ سيئي ٽوڙ
جي چاوا نہ چاپندا، جي تنين سين جوڙ
تہ تون پهچين ٽوڙ، محبت جي ميدان ۾
(سر رامڪلي)

حضرت خواجہ معين الدين چشتي جي خليفن ۾ شيخ حميدالدين ناگوري بہ هو جو ترڪِ دنيا ۽ تنها پسندي لاءِ مشهور هو. هڪ ڏينهن حضرت خواجہ معين الدين جي مجلس ۾ ويٺو هو. ان ڏينهن حضرت خواجہ خوش هو. مجلس ۾ ويٺلن کي چيائون تہ جيڪو جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪجھ گھرڻ ٿو چاھي گھري ڇاڪاڻ تہ ھن وقت رحمت جو دروازو کليل آھي. مجلس ۾ ويٺلن مان ڪنھن دنيا جي طلب ڪئي ۽ ڪنھن آخرت جي. شيخ حميد الدين ناگوري خاموش رھيو. حضرت خواجہ ڪيس مخاطب ٿي چيو "ڇا تنھنجي خواھش آھي تہ دنيا ۽ آخرت ۾ عزت ۽ مان وارو ٿي رھين؟". شيخ حميد الدين ناگوري جواب ڏنو تہ "منھنجي ڪائي خواھش ڪانھي جي خواھش آھي تہ پنھنجي مولي الله تعاليٰ جي خواھش آھي."

---

ڪن ڪٽ ، ڪا پٽ ڪا پڙي ، ڪنوڻيا ڪن ڇير
ھلن جي ھنگلاج ڏي ، بابو ڇڏي بار
جي ڪين قبولڻھار ، ھلو تڪيا پسون تن جا
(سر رامڪلي)

ھڪ درويش جي ملاقات ھڪ بادشاھ سان ٿي. بادشاھ ھن کي چيو تہ "ڪجھ گھر." درويش چيو "مان پنھنجن غلامن کان ڪاب حاجت طلب نہ ڪندو آھيان." بادشاھ چيو "اھو ڪيئن ٿو چوين؟" درويش وراڻيو "منھنجا ٻہ غلام آھن. اھي ٻئي تنھنجا مالڪ آھن. ھڪ دنيا جو حرص ٻيو اڻ ڪٽندڙ خواھش. حضور جن فرمايو آھي تہ فقر اھل فقر لاءِ عزت جو باعث آھي."

---

سُٻيري؛ سيد چئي ، جي ٿا پيچن ان
تن ڪاپڙين ڪونھي ڪن ، جوڳي ڇائين جاڙ ٿا
(سر رامڪلي)

سيد علي بن عثمان ھجويري چوي ٿو تہ ھڪ ڏينھن مان پنھنجي شيخ سان گڏ ھلندي ھلندي آذر بائيجان جي ٻھراڙيءَ مان وڃي رھيو ھوس. مون ٻن ٽن خرقہ پوشن کي ڏٺو تہ ڪڻڪ جي دڙن ويجھو بيٺا آھن ۽ پنھنجن خرقن جي جھولين کي ھارين جي اڳيان جھليو بيٺا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

"نينگر تو اجان لنڊو آهين توکي معلوم ڪونهي تہ الله جي ڪم ۾ پنهنجو ڪم ڪرڻ ناجائز آهي."

---

اکيون سيئي ڏار ، جن سان پسين پرين ءَ کي
ٻئي ڏانهن ڪير نهار ، گهڻو ريسارا سپرين
(سر آسا)

حضرت مرتعش جي روايت آهي تہ هو بغداد جي هڪ محلي مان وچي رهيو هو. رستي ۾ ان کي اڃ لڳي. هن هڪ دروازي تي بيهي پاڻي گهريو. هڪ ڇوڪري اندران پاڻي جو ڪوزو کڻي آئي. هن ان کان پاڻي وٺي پيتو سندس نظر ان جي منهن مهانڊي تي پيئي جنهن هن کي موهي رکيو. هو اتي ئي ويهي رهيو تان جو گهر ڌڻي آيو. حضرت چيو. "ميان! منهنجي دل هڪ گلاس پاڻيءَ ۾ قيد ٿي وئي آهي. مون کي تنهنجي گهر وارن هڪ گلاس پاڻيءَ جو ڏيئي منهنجي دل ڦري ورتي آهي" گهر ڌڻي عرض ڪيو "سائين ! اها منهنجي ڌيءَ آهي مان ڪيس اوهان جي نڪاح ۾ ڏيان ٿو". اهو ماڻهو بغداد جي سڪر ماڻهن مان هو. هن ڪيس حمام موڪلي قيمتي پوشاڪ پهرائي ۽ اهو فقيراڻو لباس جو سندس جسم تي هو لهرايو. جڏهن رات ٿي تہ حضرت مرتعش نماز ۾ مشغول ٿي ويو. خيال هوس تہ هر روز جي ورد وظيفي کان فارغ ٿي پنهنجي زال ڏانهن متوجہ ٿيندس تہ رڙ ڪيائين. "منهنجو فقيراڻو لباس جلدي واپس آڻيو." سيئي حيرت مان هن کان پڇيو "حضور! ڇا ٿيو؟" پاڻ فرمايائين "مونکي خلوت زار مان آواز آيو تہ مرتعش پهرين نظر جيڪا تو اسان کان سواءِ غير ڏانهن وڌي هئي ان جي سزا ۾ اسان توتان محبوبيت جو لباس لهرائي ڇڏيو. هاڻي جي تو ٻي نظر غير ڏانهن ڪئي تہ اسان لباس آشنائي بہ سلب ڪري ڇڏينداسين."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ميھاران مرڪ پيتائين پريم جي
تنهن منڊ متوالي ڪئي، سنديءَ ساءَ سُرڪَ
لڳيس ڪامَ ڪِرڪَ، لوهان تکي لطيف چئي
(سر سهڻي)

شيخ جلال الدين تبريزي ملتان ۾ هڪ اهڙي ڇوڪري سان مليو جيڪو ظاهري طرح چريو ٿي هڪ جامع مسجد ۾ پيو هوندو هو. هو روزي سان هوندو هو. شيخ جلال الدين تبريزي هن کي هڪ ڏاڙهون ڏنو پر هن ڏاڙهونءَ جا داڻا ورهائي ڇڏيا. هڪڙو داڻو پٽ تي ڪري پيو. شام جي وقت ڇوڪري ڏاڙهونءَ جي ان داڻي سان روزو کوليو ان ڏينهن کان ڇوڪري جي روحانيت ۾ اضافو ٿيندو ويو. هو هر وقت چوندو رهندو هو ته جيڪڏهن سڄو ڏاڙهون کاوان ها ته بي انتها فائدو ٿي ها. اهو ڇوڪرو جڏهن جوان ٿيو ته قطب الدين بختيار ڪاڪي جو مريد ٿيو ته ڇوڪري ڪيس ڏاڙهونءَ واري ڳالهه ٻڌائي چيو ته ”جيڪڏهن سڄو ڏاڙهون کاوان ها ته گهڻو فائدو حاصل ٿئي ها.“ قطب الدين بختيار ڪاڪي اهو ٻڌي ڪيس چيو، ”جيڪي ڪجهه هئو انهيءَ داڻي ۾ هو جيڪو تنهنجي لاءِ رهجي ويو هو.“

---

ڏيکاريس ڏکن، گوندر گس پرين جو
سونهائي سورن، ڪئي هيڪاندي هوت سين
(سر حسيني)

بايزيد بسطامي چيو ”مان سيني هٿن سان الله کي ڳولهيو مگر جيستائين مصيبت جي هٿن سان نه ڳوليم نه مليو. سيني پيرن سان ان جي راهه ورتم جيستائين دل جي پيرن سان وک نه وڌايم منزل تي نه رسيس“


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ماڻهو گهرن مال، آءُ سڀ ڏينهن گهران سپرين
دنيا تنهن دوست تان، فدا ڪيان في الحال
ڪيس ناءَ نهال، پسڻ تان پري ٿيو
(بروو سنڌي)

شيخ احمد حضرت حضرويه چوي ٿو ته "مون الله تعاليٰ کي خواب ۾ ڏٺو ته الله تعاليٰ فرمائي رهيو آهي ته سڀ ماڻهو مون کان ڪجھ نه ڪجھ گهرندا آهن پر بايزيد مون کان صرف مون کي ئي گهرندو آهي."

---

نه گندا نه گبري، نه لانگوٽا لينگ
پنگا جن پينگ، صاحب تنهين سامهون
(سر رامڪلي)

حضرت ابراهيم اڌم پهريان بلخ جو بادشاهه هو. نهايت دٻدٻي، شان ۽ شوڪت سان حڪمراني ڪندو هو. هڪ رات محل ۾ ستو پيو هو. اڌ رات جو هن جي اک هڪ آواز تي کلي پئي. سمجهيائين ته ڪو ماڻهو ڇت تي گهمي رهيو آهي. پڇيائينس "تون ڪير آهين ۽ هت ڇا ڪري رهيو آهين؟"

هن جواب ڏنو "تنهنجو دوست آهيان ۽ هت پنهنجو اٺ ڳولي رهيو آهيان"

ابراهيم اڌم چيو "اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو ته شاهي محل جي ڇت تي اٺ آيو هجي"

ان ماڻهو جواب ڏنو "ڀلا اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو ته ريشمي ڪپڙا پهري عيش عشرت ۾ خدا ملي وڃي."

---

ڄاڻي ٻجهي جن توسين سور سڄ ڪئي
تون ڪيئن سنڌيون تن پرسين پڃارون ڪرين
(سر ڪلياڻ)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

”روح الارواح“ ۾ لکيل آهي تہ جڏهن منصور حلاج کي سوري تي چاڙهيائون تہ شبلي چوي ٿو تہ مان اها سڄي رات خدا تعاليٰ کي ٻاڏائيندو رهيس ايتري قدر جو صبح صادق ويل سر سجدي ۾ رکي عرض ڪيم تہ ”اي الله تعاليٰ ! هي بہ تنهنجو مومن ٻانهو، موحد، معتقد ۽ اولياء الله مان هو پوءِ هن کان ڪهڙي خطا ٿي آهي جو هن سان اهو سلوڪ ڪيو ويو.“

جڏهن مان سمهي پيس تہ غيب مان منهنجي ڪن تي آواز آيو، ”هي منهنجي بندن مان هڪ بندو هو جنهن تي مون پنهنجن رازن مان هڪ راز ظاهر ڪيو مگر هن ان کي فاش ڪري ڇڏيو، ان ڪري اسان ان تي اهو نازل ڪيو جيئن تون پسين ٿو.“

---

هوت تنهنجي هنج ۾ ڳڇين ڪوهہ پرياڻ
ونحن اقرب من حبل الوريد تنهنجو توهين ساڻ
پنهنجو آهي پاڻ، آڏو عجيبن جي

هڪ ڏينهن وقت جي هڪ وڏي عالم ۽ فقيه حضرت امام جعفر صادق عليه السلام کي چيو تہ تنهنجو فرزند موسيٰ بن جعفر اهڙي نموني نماز پڙهي رهيو هو جو ماڻهو هن جي اڳيان لنگهي رهيا هيا. ڇا اها ڳالهہ خضوع ۽ خشوع ۾ فرق پيدا ڪرڻ واري نہ آهي. حضرت جن فرمايو ”مان ان کي سڏيان ٿو تون هن کان پاڻ ان بابت پڇي وٺ“. حضرت امام جعفر موسيٰ ڪاظم کي سڏايو ۽ ان کي ان عالم ۽ فقيه جو اعتراض ٻڌايو. موسيٰ ڪاظم اها ڳالهہ ٻڌي چيو ”جنهن وقت مان نماز پڙهي رهيو هوس خدا ماڻهن جي ڀيٽ ۾ مونکي وڌيڪ ويجهو هو،خدا پاڻ فرمايو آهي، ونحن اقرب اليه من حبل الوريد“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

چاٽين تہ ٻہ نہ چاڻ، اي در اڀوجهن جو
ان در سي ٿي اگهيا، جن نہ پانيو پاڻ
ريجهاٽو راڄاڻ، آهي اڀوجهن جو
(سر پرڀاتي)

جنهن رات حضرت ذوالنون مصري هن دنيا مان لاڏاڻو ڪيو ان رات شهر جي ستر ماڻهن حضور صلي الله عليہ وسلم جي خواب ۾ زيارت ڪئي ۽ ڪين چوندي ٻڌو تہ الله جو دوست ذوالنون اچي رهيو آهي اسان سندس استقبال لاءِ آيا آهيون. جڏهن ذوالنون مصري وفات ڪري ويو تہ سندس پيشانيءَ تي چٽن لفظن ۾ لکيل هو ”هي خدا جو محبوب آهي الله جي محبت ۾ وفات ڪئي اتائين هي قتيل الله آهي“

---

هتان ڪٿي هت جن رکيو سي رسيون
ساڄن سونهن سرت، وڪان ٿي ويجهو گهٽو

شيخ ذوالنون مصري ڪنهن مسئلي معلوم ڪرڻ لاءِ مغرب ۾ شيخ عزيزي جي خدمت ۾ پهتو جو متقدمين صوفين مان هو. هن ذوالنون مصري کي ڏسي چيو تہ ”جو آيو آهين؟ جيڪڏهن انهيءَ لاءِ آيو آهين تہ اولين ۽ آخرين جو علم حاصل ڪرين تہ اهو ناممڪن آهي ڇاڪاڻ تہ ان جو ڄاڻهار تہ الله تعاليٰ آهي ۽ جيڪڏهن انهيءَ ڪري آيو آهين تہ ان کي تلاش ڪرين تہ تو جنهن هنڌ پهريون قدم کنيو هو تہ اها ذات تہ اتي بہ موجود هئي پوءِ ان جي تلاش ۾ هيڏانهن پنڌ ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي.“

---

پلائي آهين، پرين پلائي پنهنجي
سباجها سر چڙهيو ڏوراپو نہ ڏين
مان ڏي مديو ٿين، سڄڻ سڄاين ۾
(سر ڪنيات)


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

شيخ عبد الله چاؤ پاروي همداني چوي ٿو تہ مون شيخ ابوبڪر رقاق مصري ڪان پڇيو تہ مان ڪهڙي شخص جي محبت اختيار ڪريان چيائين تہ انهيءَ ماڻهوءَ جي، جو الله تعاليٰ تو بابت جيڪي ڪجهہ ڄاڻي ٿو ان سڀ ڪان تو بابت تنهنجي دوست ڪي آگاهہ ڪري هو ان تي بہ تنهنجي صحبت ڪان پرهيز نہ ڪري نہ ئي توسان تعلقات ڇني ڇڏي.

---

اڪڙيون پرين ري جي ڪو ٻيو پسن
تہ ڪڍي ڪي ڪانگن نوالا نيڻ ڏيان
(سر آسا)

امام يحيٰ (ناقل موطا شريف) هڪ ڏينهن امام مالڪ رحمة الله عليه جي درس ۾ حاضر هو تہ اوچتو شور مچي ويو تہ "هاٿي آيو هاٿي آيو." گوڙ تي درسگاهہ جا سڀ شاگرد درس ڇڏي هاٿي ڏسڻ هليا ويا مگر امام يحيٰ سڪون ۽ اطمينان سان ويٺو رهيو ۽ پنهنجو سبق پئي ياد ڪيائين. حضرت امام مالڪ رح فرمايو "يحيٰ ! تنهنجي ملڪ اندلس ۾ هاٿي ڪين ٿيندو آهي تون وڃين هاٿي ڏسي اچ." امام يحيٰ عرض ڪيو "حضرت ! مان اندلس مان اوهان ڪي ڏسڻ ۽ علم حاصل ڪرڻ آيو آهيان، مون پنهنجو وطن هاٿي ڏسڻ لاءِ نہ ڇڏيو آهي."

---

تان ڪا وائي وار، دلاسي جي داسڙا
تون مهجو ولهو آئون تو ۾ طمعدار
ڍڪي ڍول گذار، لڄ منهنجي لوڪ ۾
(ليلا چنيسر)

حضرت ابراهيم بن ادهم هڪ ڀيري سمنڊ ۾ ٻيڙيءَ ۾ سوار هو. اوچتو خوفناڪ طوفان آيو ۽ لهرن جي لوڏن تي ٻيڙي ڏڌڻ لڳي. ٻيڙي تي سوار سڀني مسافرن کي پنهنجي موت جي پڪ ٿي وئي، سڀ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

روئڻ ۾ رڙڻ لڳا. حضرت ابراهيم اڌم نهايت سڪون سان پنهنجي رلهي پايون ستو پيو هو جڏهن ماڻهن جي واڪن تي سندس اک کلي ته صرف ايترو چيائين، ”يا الله ! تو پنهنجي قدرت ته اسان کي ڏيکاري هاڻي پنهنجي عفو به ڏيکار“ سندس زبان مان جيئن ئي اهي اکر نڪتا طوفان ماٺو ٿي ويو.

---

جيڪي منجهه جهان، سو تاريءَ تڳي تنهنجي
لطف جي لطيف چئي تو وٽ ڪمي ڪان
عدل ڇٽان نه آءُ، ڪو ڦيرو ڪج فضل جو.

محمد بن نافع ٻڌائي ٿو ته مان ننڊ ۾ جاڳ درميان گهيرٽ جي عالم ۾ هوس جو مون ابو نواس شاعر کي سندس موت کان پوءِ ڏٺو، هو نهايت بدعمل ۽ بدڪردار شاعر هو. مون هن کان پڇيو ته ”تنهنجو انت ڪهڙو ٿيو؟“ هن جواب ڏنو ته مون وٽ ته ڀيو نيڪ عملن جو ذخيرو ڪين هو پر منهنجا چار شعر جيڪي تنهنجي وهاڻي هيٺ پيا آهن منهنجي ڇوٽڪاري جو ذريعو بنجي ويا ۽ ارحم الراحمين پنهنجي رحمت سان مونکي بخشي ڇڏيو. محمد بن نافع چوي ٿو ته مان ننڊ مان جاڳي جلدي جلدي پنهنجو وهاڻو کنيو ته ان جي هيٺان هڪڙي پني تي هي چار شعر لکيل هئا.

(١) اي منهنجا پروردگار جيتوڻيڪ گهڻائي جي لحاظ کان منهنجا گناهه تمام وڏا ۽ گهڻا آهن پر مون کي يقين آهي ته تنهنجو عفو ۽ ڪرم منهنجي گناهن کان تمام گهڻو آهي.

(٢) جيڪڏهن نيڪ عملن وارا ئي تو ۾ اميد رکن ته پوءِ گنهگار ڪنهنجي بارگاهه ۾ پنهنجو آستانو تلاش ڪن؟

(٣) اي منهنجا رب ! مان تنهنجي ئي حڪم مطابق تنهنجي اڳيان ليلائي دعا گهران ٿو. هاڻي جيڪڏهن تون منهنجي التجا کي ٺڏيندين ته پوءِ ڪير آهي جو مون تي رحم فرمائيندو؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

(۴) تنھنجي درٻار ۾ منھنجو ان کانسواءِ ڪو وسيلو ڪونھي ته آءٌ تنھنجي رحمت ۾ اميد رکان ٿو ۽ تنھنجو عفو ۽ ڪرم نھايت بھتر آھي. ان کان پوءِ ايترو وسيلو ٻيو اٿم ته آءٌ مسلمان آھيان.

---

ڪنھن جنھن سناسي، سور جي وھلور وڃن
ائئي پھر الک جو، ڪو .وڏ ويراڳن
سدائين صاحب ئر، تا ڪاپڙي ڪنئن
جي راتو ڏينھن رمن، ھلو تکيا پسون تن جا.

حضرت عبد الله بن المبارڪ کان ھڪ پيرو ماڻھن پڇيو ته توھان عجائبات عالم ۾ ڪھڙي خاص ڳالھه ڏٺي. چيائين ته ”ھڪ راھب ڏٺم جيڪو پنھنجي طريقي موجب مجاھدن ۽ رياضت سبب ڳري ڪنڊا ٿي ويو ھو ۽ خدا جي خوف ۾ ھنجي چيلھه ايتري جھڪي وئي ھئي جو ھو صفا ڪٻو ٿي ويو ھو.“ مون ھن کان پڇيو ”الله تعاليٰ تائين پھچڻ جو ڪھڙو رستو آھي“ چوڻ لڳو ته ”جيڪڏھن الله تعاليٰ کي ڄاڻندين ته ان جو رستو به معلوم ڪري وٺندين“ پوءِ چوڻ لڳو ”مان ان جو پرستار آھيان جنھن کيڄاڻ تائين ڪين ڄاتو اٿم ۽ تون ان جي نافرماني ٿو ڪرين جنھن کي ڄاڻين ٿو. يعني خدا جي معرفت جي تقاضا خوف آھي ۽ مان توکي بي خوف ۽ بي غم ڏسان ٿو ۽ بي خوفي جو نتيجو ڪفر ۽ جھل آھي.“ ان جواب کان مان پنھنجي دل ۾ خوف محسوس ڪرڻ لڳس ۽ ھن جي لفظن مون تي اھو اثر ڪيو جو ڪيترن گناھن کان پاسو ڪيم.“

---

مٽيو ناھه مٽيون جو تون پسي ھارُ ھر ڪين
اصل آھي اڳھين ، سندو ڪوڙ ڪٽيون
ان گھوڙن ھنئي گھٽيون ، دوستان دور ڪيون
(ليلا چنيسر)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

حضرت فضل بن ربيع چوي ٿو تہ مان هارون الرشيد سان گڏ مڪي معظم ۾ هوس. جڏهن حج ڪيوسون تہ مونکي چوڻ لڳو تہ من. هنڌ جي خدا جي مردن مان ڪو خدا جو بندو هجي تہ ان جي زيارت ڪريون. مون کي ياد آيو تہ فضل بن عبدالله بہ هت رهي ٿو. مان هارون رشيد کي ان جي خدمت ۾ وٺي ويس. هو متي قرآن شريف جي تلاوت ڪري رهيو هو. دروازو کڙڪايو سي. پاڻ اندران پڇيائين "ڪير آهي؟" مان جواب ڏنو "امير المؤمنين" جواب ۾ڏي چيائين "امير الؤمنين جو مون سان ڪهڙو واسطو؟"

پوءِ پاڻ هيٺ تشريف فرما ٿيو، دروازو کولي بتي وسائي ڇڏيائين. هارون الرشيد ڪيس عرض ڪيو تہ "مون کي ڪجهہ نصيحت ڪريو" هارون الرشيد کي ڪيترين نصيحتون بيان ڪيائون. ان کان پوءِ هارون الرشيد پڇيو، "اوهان تي ڪجهہ قرض تہ ڪونهي؟"

حضرت فضل چيو "ها، قرض آهي مگر اهو تنهنجي لاهڻ جو نہ آهي. مون تي الله جي احڪامن ۽ انهن جي پيروي جو قرض آهي. جيڪڏهن ان قرض تي مون کي وٺ ڪري تہ افسوس ئي افسوس آهي."

هارون الرشيد چيو تہ "آءٌ تہ ماڻهن جي قرض جي ڳالهہ ٿو ڪريان" پاڻ فرمايائين "الله جا لک احسان جو مون کي وٽانئس هزارين نعمتون ملي رهيون آهن. مون کي ڪڏهن بہ ان رزاقِ حقيقي کان شڪوہ نہ آهي جو مان ماڻهن کي ٻڌائيندو وتان."

هارون الرشيد هزار دينار ڪيڏي سندس اڳيان رکيا ۽ عرض ڪيائين، "قبول فرمايو ۽ پنهنجن ضرورتن تي خرچ ڪجو." حضرت فضل چيو "منهنجي ڪنهن بہ نصيحت جو توتي اثر نہ ٿيو ۽ هاڻي ئي ڏاڍ، ظلم ۽ ٺڳبازي شروع ڪئي اٿئي"

هارون الرشيد چيو "حضور مان ڪهڙو ظلم ڪيو؟"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

حضرت فضل چيو ”مان توکي نجات جي طرف سڏيو ۽ تو مونکي بناسبب ڦا سائڻ جي کوشش ڪئي، هي ظلم ناهي تہ ٻيو ڇاهي؟“

---

ٻوليون ٻيلي جون ڪري، پاسي ڀر پيو
سٽائي سٽن کي، وهاٽيءَ ويو
ڇاٽي ڪين ٿيو، سر سکيو ئي هيڪڙو
(سر پرڀاتي)

حضرت ذوالنون مصري چوي ٿو تہ مان بيت المقدس مان مصر اچي رهيو هوس. رستي ۾ هڪ ماڻهو ڏنم جو ٻري ڪان پئي آيو. مون دل ۾ چيو هن سان ڪجھ ڳالهيون ڪجن. هو جڏهن منهنجي ويجهو آيو تہ هو مرد نہ پر هڪ ٻڍي عورت هئي. هٿ ۾ لٺ هئس ۽ بدن تي پشميني جو جبو اوڍيل هوس. مون چيو ”ڪٿان ٿي اچين؟“ چيائين ”الله جي طرف کان“ مون چيو ”ڪيڏانهن ٿي وڃين؟“ چيائين ”الله جي طرف.“ مون وٽ ڪجھ دينار هئا جي ڪڍي کيس ڏيڻ چاهيم تہ اشاري سان موکي روڪيائين ۽ چيائين تہ ”اي ذوالنون ! تنهنجي دل ۾ مون بابت جو وهم پيدا ٿيو آهي اهو تنهنجي عقل جي ڪمزوريءَ سبب آهي. آءُ جو بہ ڪم ڪندي آهيان الله لاءِ ڪندي آهيان ۽ سواءِ پنهنجي رب جي ٻي ڪان نہ گهرندي آهيان. ان ڪري جو ان کان سواءِ ٻي ڪنهن جي پرستار نہ آهيان“ ائين چئي هو هلي وئي.

---

ليا ڏنم لار، سانپارا ساهڙ جا
هيون هت نہ وندري، ڏراڙنئون ڏار
منهنجو من ميهار ، پکهئو پاڻ ٻري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ابو نصر فتح بن شحرف نهايت ئي زاهد ۽ پارسا محدث هو. تيهن ورهين تائين ماني به نه کاڌي هئائين. ڪجهه ميوو ڪائي گذارو ڪيو هئائين تيهن ورهين تائين مٿو مٿي ڪري آسمان ڏانهن نه ڏٺو هئائين. هڪ ڏينهن بي اختيار سندس مٿو آسمان ڏانهن کڄي ويو ته يڪدم سندس وات مان هيءَ دعا نڪتي "الاهي ! هاڻي تنهنجو اشتياق منهنجي برداشت کان ٻاهر آهي. تنهن ڪري تون جلدي مون کي پنهنجي دربار ۾ گهرائي وٺ" ان کان پوءِ هن وصال ڪيو.

---

سامي ڪامي پرينءَ لئي ، ڪسي تيا ڪباب
نڪو ڏسن ڏوهه کي ، نڪو ڪن ثواب
اوتن آر تي ڳاڏٽو ، منجهان اکن آب
سندو ذات جواب ، تون ڪِنءَ پڇين تن ڪوَن
(سر رامڪلي)

هڪڙي ڀيري خليفي معتصم با الله حضرت ابراهيم اڌم کان پڇيو "تون ڪهڙو ڪم ڪندو آهين؟" چيائين "دنيا، دنيا جي طالبن جي سپرد ڪئي اٿم ۽ عاقبت، عاقبت جي طالبن جي سپرد ڪئي اٿم. دنيا ۾ صرف الله تعاليٰ جو ذڪر پنهنجي لاءِ اختيار ڪيو اٿم ۽ عاقبت ۾ الله تعاليٰ جو ديدار پسند ڪيو اٿم."

---

ٻک وڏائون ٻگرين، جوڳي ڪندا جُڳَ
طلب نه رکن طعام جي، اوتئو ٻين اُڄَ
لاهوتن لطيف چئي ، من ماري ڪئو مُڄَ
سامي جهاڳي سُڄَ ، وسينءَ کي ويجها ٿيا
(سر رامڪلي)

خواجه فريد هڪ ڏينهن بغداد کان ٻري هڪ غار ۾ هڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

درويش سان مليو. هن ان درويش کي سلام ڪيو. درويش ڪيس ويهڻ لاءِ چيو ۽ هو ويهي رهيو. اهو درويش ايترو ڪمزور هو جو هن جي چمڙي هن جي هڏن سان لڳل هئي. خواجه فريد دل ۾ چيو، "هن جهنگل ۾ هن کي کاڌو ڪٿان ملندو هوندو." اچانڪ هن اهو خيال ٿي ڪيو ته بزرگ ڪنڌ مٿي ڪري چيو "اي فريد ! چاليهه سال ٿيا آهن جو هن غار ۾ رهندو آهيان. پڻ ڪا گاهه سان پيٽ ڀريندو آهيان."

---

حبيبن هيڪار، منجها مهر سڌ ڪيو
سو مون سڀ ڇمار، اورڻ اهوئي آئيو
(سر ڪلياڻ)

شاهه شجاع ڪرماني چاليهه سال نه ستو هو. چاليهن سالن کان پوءِ هڪ رات رب العزت جي زيارت کان مشرف ٿيو. پوءِ جيڏانهن به ويندو هو ته ڪپڙو ويڙهي سمهي پوندو هو جيئن ساڳيو لقاءُ حاصل ٿئي. هاتف آواز ڏنس "اي شاهه شجاع ! اهو ديدار چاليهه سال بيداري جو نتيجو هو هاڻي ڀيا چاليهه سال بيدار رهه تڏهن وري اها مهرباني نصيب ٿيندءِ."

---

ککي هاٿيون ڪاريون، ڇڄي هاٿا ڇڄ
پاند جنين جي پاند سين لڳو ٿئي لڄ
سمو چام سهڄ ، ايو ڪري ان سين
(سر ڪاموڏ)

مسجد نبوي جي سامهون هڪ ڪچو چبوترو هو جتي غريب ۽ بي گهر مسلمان ويٺا هوندا هئا. ڪين اصحابِ صفه چوندا هئا. حضرت جن نماز کان پوءِ ڪجهه وقت انهن وٽ ضرور ويهندا هئا. ڇاڪاڻ ته انهن جا ڪپڙا پراڻا هوندا هئا ۽ انهن مان پگهر جي بو ايندي هئي ان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ڪري هو حضرت جن ڪان ٿورو پرڀرو ٿي ويهندا هئا. حضرت جن کي اهو نہ وڻندو هو. حضرت جن انهن جا گوڏا پاڻ ڏانهن سوري چوندا هئا "ويجهو اچو فقير کي فقير جي ويجهو اچڻ کپي."

---

ڪيڏانهن ڪاهيان ڪرهو چوڏس چتاٺو،
منجهين ڪاڪ ڪڪوري منجهين لڌاٺو،
راٺوئي راٺو، ري راٺي ٻيو ناهہ ڪي.
(سر مومل راڻو)

حضرت علي رضہ جناب سرور ڪائنات صلي الله عليه وآلہٖ وسلم کان روايت ڪئي آهي تہ "حضرت موسيٰ عليه السلام باري تعاليٰ کي عرض ڪيو تہ اي رب ! ڇا تون قريب آهين تہ آءٌ توکي هوريان سڏيان يا تون پري آهين تہ توکي وڏي آواز سان سڏيان؟ مان تنهنجو سنو آواز تہ ٻڌان ٿو، پر توکي ڏسان نٿو، تون ڪٿي آهين؟ الله تعاليٰ فرمايو، مان تنهنجي اڳيان، تنهنجي ساڄي، تنهنجي کاٻي آهيان. ٻانهو جڏهن بہ مونکي ياد ڪندو آهي تہ مان ان وٽ هوندو آهيان."

---

سڪا منهن سندن، پيرين پراٺا ڪيترا،
ساڄهر ڏوري آئيا، سونهان جت منجهن،
ڳجها ڳجهيون ڪن، تهان پراهين پنڌ جون.
(سر ڪاهوڙي)

شيخ جنيد بغدادي چيو تہ "مون پنهنجي رب کي مديني جي گهٽين ۾ ڏٺو." ماڻهن پڇيس تہ "ڪيئن؟" چيائين تہ "هڪ ڏينهن مان مديني جي بازار مان پئي ويس تہ ڪجهہ خستہ حال ماڻهن کي ڏٺم جن جي پريشان حال جي ڪيفيت بيان ٿي نہ ٿي سگهي. مون کي انهن تي رحم آيو ۽ چاهيم تہ آءٌ بہ انهن سان رهان ۽ انهن جي سنگت اختيار ڪريان پوءِ مان سندن صحبت ۾ رهيم ۽ سمجهيم تہ خدا خستہ حال



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ماڻهن سان آهي. الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ مان شڪستہ دلين جي ويجهو آهيان."

---

ڪيهي ڪام ڪاپڙي، ٿا اهڙي روش رون،
نڪا دل دوزخ ڏي، نڪي بهشت گهرن،
نڪو ڪم ڪفار سين، نڪا مسلماني من،
اُيا ائين چون، تہ پرين ڪجو پنهنجو.
(سر رامڪلي)

هڪڙي ڀيري بي بي رابعہ بصري جذب جي حالت ۾ پنهنجي حجري کان ٻاهر آئي ۽ وڏي واڪي ماڻهن کان باهہ جي بنڊي ۽ پاڻيءَ جو ڏول گهرڻ لڳي. ماڻهن ڪانئس پڇيو تہ "هوءَ باهہ ۽ پاڻي ڪاڏي ڪندي؟" چيائين تہ "باهہ سان بهشت کي ساڙي ڇڏيندس ۽ پاڻيءَ سان دوزخ کي وسائي ڇڏيندس جيئن ماڻهو خدا جي عبادت نہ بهشت جي لالچ ۾ ۽ نہ دوزخ جي خوف کان ڪن پر هو خدا جي عبادت خدا واسطي ئي ڪن."

---

منهنجي مداين جي ڪل پريان پيئي
ڪڏهن ڪوسا نہ ٿيا ڏوراپو ڏيئي
ساجن سيبي ڍڪيم ڍول، ڍلائيون.
(برو سنڌي)

حضرت ابراهيم خليل الله هر روز رات جو گهر کان ٻاهر نڪري ڪنهن مهمان جي تلاش ۾ رهندو هو. جڏهن ڪو ماڻهو ڪيس ملندو هو تہ ان کي پاڻ سان گڏ وٺي ايندو هو ۽ ڪيس. پنهنجي دسترخوان تي پاڻ سان ماني کارائيندو هو. هڪ طوفاني رات ڪيس هڪڙو پيڙو ماڻهو مليو جنهن کي هو پاڻ سان گڏ وٺي آيو. جڏهن ٻئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ماني ڪائڻ وينا تہ ٻيدي الله جي نالي وٺڻ کان سواءِ ماني ڪائڻ شروع ڪئي تنهن تي حضرت ابراهيم ڪيس چيو تہ الله جو نالو وٺي ڪاڌو ڪاءِ. ٻيدي وراڻيو تہ مان الله کي مڃيندو ئي نہ آهيان ان جو نالو ڪيئن وٺندس. ان تي حضرت ابراهيم کي ڪاوڙ آئي ٻيدي کي پنهنجي دسترخوان تان اٿاري ڪڍيائين. ان رات حضرت ابراهيم کي غيب مان آواز آيو "اي ابراهيم اهو ٻيڍو ستر سالن کان مونکي نہ مڃيندو آهي مگر مون ڪڏهن بہ هن جو رزق بند نہ ڪيو آهي تو هڪ رات بہ ان جي گستاخي در گذر نہ ڪئي".

---

پڙهيو ٿا پڙهن، ڪڙهن ڪين قلوب سين
پاٽا ڏوهہ چڙهن، جيئن ورق واراڻين وترا.
(سر يمن ڪلياڻ)

شيخ ابو سعيد ابوالخير ۽ بو علي سينا جي ملاقات ٿي، جڏهن هڪ ٻئي کان رخصت ٿيڻ لڳا تہ بو علي سينا شيخ جي هڪ ساٿي بوعلي صوفي کي، جو شيخ جو ملازم هو، چيو تہ جڏهن مان هليو وڃان تہ منهنجي وڃڻ کان پوءِ شيخ جيڪي منهنجي بابت چوي مونکي ٻڌائجانءِ. جڏهن بو علي سينا هليو ويو تہ شيخ هن بابت برو ڀلو ڪجهہ بہ نہ چيو. آخر بو علي صوفي هڪ ڏينهن شيخ کان پڇيو تہ "بو علي سينا ڪهڙو ماڻهو آهي؟" شيخ ابو سعيد چيو تہ "فلسفي آهي، طبيب آهي، وڏو عالم آهي، مگر اخلاق جي بزرگي کان محروم آهي." شيخ جيڪي ڪجهہ چيو هن اهو اکر بہ اکر بو علي سينا ڏانهن لکي موڪليو. بو علي سينا هڪ خط شيخ ابو سعيد کي لکيو جنهن ۾ لکيائين تہ "مون ڪيترا ڪتاب اخلاق جي بلندي تي لکيا آهن ۽ اوهين چئو ٿا تہ مان اخلاق جي بلندي کان خالي آهيان." شيخ سندس خط پڙهي مرڪيو ۽ چيو تہ "مون ائين ڪين چيو هو تہ بو علي سينا اخلاق جي بلندي تئو ڄاڻي پر مون تہ اهو چيو هو تہ هو بلند اخلاق کان خالي آهي."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

پاڻهو هيو. پچن، ڪٺي هٿ حبيب جو
نيزي هيٺان نينهن جي پاسي پاڻ نہ ڪن
عاشق اجل سامهان اوچي ڳاٽ اچن
ڪسڻ قرب جن، مرڻ تن مشاهدو
(سر ڪلياڻ)

منصور ڪي تعذير ڏيڻ وقت جڏهن سندس هٿ وڍي ڦٽا ڪيائون تڏهن مشڪي چيائين تہ " هن بانديءَ جا هٿ ڪپڻ آسان آهن مگر اهي بند، جن مونکي حق سان ٻڌي ڇڏيو آهي، تن کي ڪپڻ ڪٺن آهي." پوءِ سندس ٻئي پير بہ وڍي ڇڏيائون. وري بہ مرڪي چيائين، "هنن پيرن سان آءٌ دنيا جون مسافريون ڪندو هوس پر انهن پيرن کانسواءِ مون وٽ ٻيا پير بہ آهن جن سان مان ٻنهي جهانن جو سير ڪيان ٿو جيڪڏهن اوهان ۾ سگهہ آهي تہ انهن پيرن کي بہ وڍيو." ان بعد پنهنجي رت ۾ رتل ڪاراين سان پنهنجا ڳل ۽ ٻانهون ڳاڙهيون ڪيائين. ڪنهن پڇيس تہ ائين ڇو ٿو ڪرين؟ جواب ڏنائين تہ "تمام گهڻو رت ڇڏيو اٿم متان ماڻهو سمجهن منهن جي زردائي ڊپ سببان آهي تنهنڪري ڳلن کي ڳاڙهو ڪيم." پڇيائونس "ٻانهون ڇو ڳاڙهيون ڪيئي؟" چيائين "عشق جو وضو رت سان ئي ڪرڻ گهرجي." پوءِ سندس اکيون ٻئي ڪڍيائون انهيءَ تي ماڻهن جي ميڙ ۾ شور پئجي ويو. ڪي زار زار روئڻ لڳا تہ ڪي وري مٽس پٿر اڇلائڻ لڳا. جڏهن سندس زبان ڪپڻ جي ڪيائون تڏهن چيائين، "ٿورو صبر ڪريو، مونکي ڪجهہ چوڻو آهي." پوءِ آسمان ڏي منهن ڪري چيائين، "يا خدا ! هنن ايذائن ۽ عقوبتن جي صدقي هنن ماڻهن تي رحم ڪر ڏس تہ آءٌ ڪيئن هن سوريءَ تي تنهنجو مشاهدو پيو ماڻيان."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

محبت جي ميدان ۾، ڪر پڙاڏو پٽُ
سر سوريءَ، ڏڙ ڪنگرين، متان ڪچين ڪٽُ
عشق نانگ نپٽُ، خبر ڪاڏن ڪي پوي
(يمن ڪلياڻ)

منصور ڪي پيرن ۾ رنجير وجهي سوريءَ ڏانهن گهليندا پئي ويا تڏهن هڪڙي درويش ڪانئس پڇيو ”عشق ڇا آهي؟“ منصور وراڻي ڏني ته ”پاڻيهي اڄ، سڀاڻي ۽ پرينءَ توکي معلوم ٿيندو ته عشق ڇا آهي؟“ ائين ئي ٿيو جو انهيءَ ڏينهن کيس قتل ڪيائون. ٻئي ڏينهن سندس لاش ساڙيائون ۽ ٽين ڏينهن سندس خاڪ هوا ۾ اڏائي ڇڏي ڪيائون.

---

ڪاتي تکي مَ ٿيي، مر مينائي هوءِ
ماڻَ ور من توءِ، مون پريان جا هٿڙا.
(ڪلياڻ)

جڏهن عين القضات همداني تي خاص تجلي جو نزول ٿيو، عين ان عالم ۾ هن تمنا ڪئي ته ماڻهو مونکي جلائين ۽ تون ڏسين. هن جي ان خيال کي بد عقيدي سان منسوب ڪيو ويو. خواجه احمد غزالي هن کي چيو ته ”پنهنجي عقيدي جي باري ۾ ڪجهه لک جيئن توکي رهائي ملي.“ هن چيو ته ”مون ان ڏينهن لاءِ ئي دعا ڪئي آهي.“ ان وقت عين القضات جي عمر پنجويهه سال هئي. هن کي زنده جلايو ويو. سڙڻ وقت هن آه ڪئي . ماڻهن کيس چيو ته ”تون چوندو هئين ته مون ان ڏينهن لاءِ دعا ڪئي آهي. هاڻي آه آه جو پيو ڪرين؟“ وراڻيائين ”آءٌ سڙڻ تي آه نٿو ڪريان، پر ان تي آه ٿو ڪريان ته جلدي سڙي رهيو آهيان.“

---



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ايڪ پيالو ! ٻہ چٽا ! عشق نہ ڪري اي
ليڪيا جي لڪڻ ۾، سي قرب رسندا ڪي
هئڻ ڪيا هي، وانجهيا پس ! وصال ڪان
(سر يمن ڪلياڻ)

هڪڙي ڀيري رابعہ بصري ست ڏينهن ست راتيون فاقو ڪيو. ننڊ بہ نہ ڪيائين. ستين ڏينهن بک مٿس غلبو ڪيو ۽ هوءَ بي وس ٿي ويئي. نفس فرياد ڪئي "اي رابعہ تون ڪيستائين مونکي تڪليف ڏيندينءَ." اوچتو ڪو ماڻهو ڪاڏو ڏيئي ويو. هن ڪاڏو وٺي رکيو ۽ ڏيو ٻارڻ لڳي ايتري ۾ ٻلي آئي ۽ ڪاڏو اونڌو ڪري وئي. هن پاڻيءَ جو ڪوزو کنيو تہ پاڻي پي روزو کولي تہ ڏيو وسامي ويو. هن اونده ۾ ئي پاڻي پي روزو کولڻ چاهيو مگر ڪوزو سندس هٿن مان ڪري ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويو. پاڻ ڏاڍي افسرده ٿي مناجات ڪيائين "الاهي هي ڪهڙو راز آهي؟" غيب مان آواز آيو "اي رابعہ ! جيڪڏهن تون چاهين ٿي تہ دنيا جون نعمتون تنهنجي لاءِ وقف ڪيان تہ پوءِ مان تنهنجي دل مان پنهنجي محبت واپس وٺندس ڇوتہ منهنجي محبت ۽ دنيا جي نعمت هڪ ئي دل ۾ گڏ ٿي نٿا سگهن."

---

جيئن ڇيرو ڪائي ڇر سين، عشق ائين ڪري
اجا پرت پري، ڳالهہ نہ ڳالهين جهڙي
(سريمن ڪلياڻ)

جڏهن منصور کي سوريءَ ڏانهن ورتيو ٿي ويا تہ سندس دوستن مان شبليءَ رڙ ڪري پڇيس "اي منصور ! تصوف ڇا آهي؟" منصور وراڻي ڏني تہ "جيڪي اڪين سان ويٺو ڏسين سو تہ تصوف جو رڳو خسيس جزو آهي" تنهن تي شبلي پڇيو، "ان جو اعليٰ جزو ڪهڙو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

آهي؟ منصور جواب ڏنو "اهو تنهنجي پهچ کان ٻاهر آهي."

---

چڙهيو چڪاسڻ چاءِ، آڳ پرندي آئيا
وهسن واڙيءَ ڦل جيئن، محبتي مچ لاءِ
اچي پاڻ اڙاءِ، ڪٽي ڪوري وچ ۾
(يمن ڪلياڻ)

منصور کي سوريءَ ڏانهن ورتيون ٿي ويا ته هو کلندو پئي ويو، ڪنهن پڇيس، "منصور هي ڪهڙي عجب قسم جي روش آهي" چيائين "سچي بادشاهه جي حضور ۾ وڃڻ جي اهائي روش آهي."

---

سرمو سفيدي جو، جڏهن پاتو جن
تڏهن ڏٺي تن، رونق ريتي جهڙي

شبلي جون اکيون اٿيل هيون. هڪ سرمي وڪڻندڙ کيس چيو "اچ ته آءٌ تنهنجي اکين ۾ سرمو وجهان جيئن تنهنجي اکين جي بيماري ختم ٿي وڃي ۽ تون ماڻهن کي ڏسي سگهين" شبليءَ چيس "اي سرمو وڪڻندڙ! اچ ته مان تنهنجي اکين ۾ سرمو وجهان جيئن تون انڌو ٿي وڃين ۽ سواءِ خدا جي ٻي خلق کي نه ڏسي سگهين."

---

ڏني ڏکو يا اڻ ڏني راضي رهيا
صوفي تي ٿيا، جئن ڪين ڪنيائون پاڻ سان

سلطان محمود غزنوي خراسان جي مشهور بزرگ ابوالحسن خرقاني سان ملاقات ڪرڻ لاءِ سندس خانقاهه ۾ آيو ساڻس ملاقات ڪرڻ ڪانپوءِ سندس خدمت ۾ اشرفين جي ٿيلهي نذر رکيائين ان جي موٽ ۾ شيخ جَوَن جي مانيءَ جو ٽڪرو سندس اڳيان رکيو ۽ چيائينس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

تہ ڪاءِ. سلطان جڏهن اهو ڪاڏو تہ اهو سندس نڙيءَ ۾ اٽڪي پيو. شيخ چيس "ڇا تنهنجي نڙيءَ ۾ اٽڪي پيو آهي؟" سلطان وراڻيو "هائو." شيخ چيو تہ "ساڳي طرح اهي اشرفيون بہ منهنجي نڙيءَ ۾ اٽڪي پونديون. پنهنجي اشرفين جي ٿيلهي کڻ".

---

پاڻي ڪان ڪمان ۾ ميان مار مَ مون
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي توکي لڳي

هڪڙي ڀيري بايزيد وجد ۾ اچي چوڻ لڳو تہ "سبحاني ما اعظم شاني" يعني ساراهہ جڳائي مونکي ! ڪيڏو نہ وڏو آهي شان منهنجو. جڏهن مريدن اها ڳالهہ سندس ڏيان تي آندي، تڏهن چيائين تہ "جڏهن مونکي اهي لفظ چوندا ٻڌو تڏهن خنجر هڻي ماري ڇڏجو" وري هڪ ڀيري ساڳيا لفظ سندس زبان مان نڪرڻ لڳا. مريدن يڪدم مٿس خنجرن جو وار ڪيو پر خنجرن ڪيس ڪجهہ ڪين ڪيو اٽلو خنجر هڻندڙ خود گهائجي مري ويا. جڏهن ان عجب روئداد جو ڪائنس ڪارڻ پڇيائون تڏهن وراڻي ڏنائين تہ "وجد جي حالت ۾ منهنجو سينو آرسي وانگر اوجل ٿي ويو ۽ خنجر هڻندڙن جو جسم منجهس پئي بکيو جڏهن انهن مونتي خنجر ٿي هنيا تڏهن گويا انهن پنهنجي جسم سان ڪار ٿي ڪئي"

---

اکر پڙهہ عشق جو، ورق سڀ وسار
اندر تون اجار پنا پڙهندين ڪيترا

شيخ ابو سعيد ابوالخير کي جڏهن ڪمال (معرفت) حاصل ٿيو تہ جيڪي ڪتاب هن پڙهيا هئا انهن کي هڪ ڪنڊ ۾ رکي ڇڏيائين. هڪ ڏينهن وري انهن ڪتابن جو مطالعو ڪرڻ لڳو. هن هاتف جو آواز



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ٻڌو تہ ”اي ابو سعيد عهدنامو واپس ڪر تون وري اسان ڪانسواءِ غير ۾ مشغول ٿي ويو آهين.“

---

جي لـيلائـي نـہ لـهـين تـہ پـڻ لـيلائـج
آسر ۾ لاهـيـج، سڄڻ ڀـاڄـهـنـدڙ گهڻو
(سر ليلا چنيسر)

هڪ درويش ساري رات عبادت ڪندو رهيو. صبح ٿيو تہ هن دعا جي لاءِ هٿ کنيا ۽ پنهنجي حاجت رب کي بيان ڪرڻ لڳو غيب کان آواز آيو تہ تنهنجي دعا قبول نہ ٿيندي. پنهنجو وقت اجايو نہ وڃاءِ.

ٻي رات درويش وري عبادت ۾ مشغول رهيو صُبح وقت پهرين ڏينهن وانگر دعا ۾ مشغول ٿي ويو. هن جي هڪ مريد کي اها ڳالهہ معلوم ٿي وئي تہ غيب جي هاتف سندس مرشد جي دعا جي رد هئڻ جي خبر کيس ٻڌائي آهي، هن درويش کي دعا ۾ مشغول ڏسي کيس چيو ”جڏهن اوهانکي معلوم ٿي چڪو آهي تہ اوهان جي دعا قبول نہ ٿيندي تہ پوءِ دعا جي ڇو تڪليف ٿا وٺو.“

درويش جڏهن مريد جي ڳالهہ ٻڌي تہ سندس اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا، هن روئڻهارڪي لهجي ۾ چيو ”تون نيڪ ٿو چوين تہ مونکي منهنجي دعا جي قبوليت بابت انڪار ڪيو ويو آهي پر مان ڇا ڪريان جو الله جي دروازي سواءِ ٻيو در بہ تہ ڪونهي جتي وڃي ٻاڏايان. جيڪڏهن منهنجي خدا منهنجو سوال نہ اگهايو آهي تہ اهو خيال نہ ڪر تہ مان سندس در ڇڏي ٻيو ڪيڏانهن ويندس ۽ ڪيس ٻاڏائڻ ڪان ماٺ ڪندس.“

---

اڄ نـہ اڳي ڏارَ، ڪـرهـو جنءَ ڪـالَ هـيو
اڳڻ آيـو نـہ ڪـري، ڀـاهـوري پـــچـار
جيڪس منجهہ قطارَ، ڪا وَلِ چِنائين وهُ جي
(سر ڪنيات)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

سليمان عبد الملڪ خليفو هو. جڏهن مديني آيو تہ ابو جازم کي پاڻ وٽ سڏايائين. انهيءَ کان پڇيائين تہ ”ڪهڙو سبب آهي جو اسين موت کي پسند نٿا ڪريون.“ هن چيو، ”انهيءَ ڪري جو اوهان دنيا کي آباد ڪيو آهي ۽ آخرت کي ويران تنهن ڪري ضرور جيڪو آباد ملڪ مان ويران پَٽَ ڏانهن ويندو اهو رنج ٿيندو“

---

ويندَيسِ وطن سامهون،ملير منهنجو ماڳ،
ڏٿُ چوندَيس ڏيہ ۾،ساڻ سَرتين ساڳُ،
تہ مُون سَنئون سهاڳُ، جي ويجهي ٿيان وَرَ کي
(سر مارئي)

سليمان بن عبدالملڪ ابو جازم کان پڇيو، ”جڏهن ماڻهوخدا تعاليٰ وٽ ويندا تڏهن سندن ڪهڙو حال ٿيندو؟“ هن جواب ڏنو ”نيڪ ماڻهو ائين ويندا جيئن ڪو ماڻهو سفر تان موٽي پنهنجن عزيزن وٽ وڃي ۽ بدڪار ائين ويندا جيئن ڪو ڀڳل غلام زور سان پڪڙجي پنهنجي ڌڻي وٽ اچي.“

---

ساهڙ مون جنءَ سرتيون! ڏسو سڀيئي،
تہ سمهو ڪين سُک تي، ڀاسو وَرَ ڏيئي،
منها اڳيئي، ڳهڙو سڀ ڳهڙا ڪٽي.
(سر سهڻي)

ڀاروچو ڀي ڀَتِ، جيڪس ڏنو جيڏين،
مون جنءَ موڙ هِيَنِ مَتِ، پسنده پنهون کي. .
(سر حسيني)

حضرت يوسف جڏهن مصر جي عزيز وٽ غلام ٿي آيو تہ حضرت يوسف جي جواني، سونهن ۽ سوڀيا جنهن سج ۽ چنڊ کي بہ شرمايو ٿي ڏسي مصر جي عزيز جي زال زليخا جي دل سندس هٿن مان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

ويندي رهي ۽ هوءَ حضرت يوسف تي پرواني وانگر عاشق ٿي پئي. هڪ ڏهاڙي هوءَ پاڻ کي جهلي نه سگهي ۽ پنهنجي گهر جو دروازو بند ڪري حضرت يوسف کي پاڻ ڏي ڇڪڻ لڳي. مگر حضرت يوسف سندس بد ارادن کي ٺڪرائي ڇڏيو.

زليخا جي حضرت يوسف سان عشق جو احوال ڳجهو نه رهيو ٽيندي ٽيندي شاهي خاندان جي عورتن ۾ اهو چوٻول پئجي ويو ته مصر جي عزيز جي زال زليخا ڪيڏي بي لڄي ۽ بي شرم آهي جو پنهنجي غلام تي عاشق ٿي پئي آهي، ايڏي وڏي مان ۽ مرتبي واري عورت پنهنجو پاڻ پنهنجي غلام جي حوالي ٿي ڪيو. اها خبر جڏهن زليخا کي پئي ته هوءَ انهيءَ ٽوڪ، ٽٺول ۽ طعني سبب پريشان ٿي ويئي دل ۾ پڪو پهه ڪيائين ته جنهن غلام جي محبت جو طعنو مونکي ٿيون ڏين ان جو جلوو کين ڏيکاريو وڃي پوءِ ڏسجي ته سندن دل جو ڪهڙو حال ٿو ٿئي، اهو سوچي هن هڪ ڏينهن شاهي خاندان ۽ شهر جي معزز ماڻهن جي عورتن کي پاڻ وٽ دعوت ڏني. جڏهن سڀ عورتون دسترخوان تي ويٺيون ته زليخان هرهڪ جي هٿ ۾ صوف ۽ انکي ڪٽڻ لاءِ ڇُري ڏني. جڏهن هوءَ ان ڪم کان فارغ ٿي ته زليخا حضرت يوسف کي حڪم ڏنو ته ٻاهر اچي، جيئن حضرت يوسف ٻاهر آيو ته عورتن حضرت يوسف جو جمال ڏسي ايئن محسوس ڪيو ته اوچتو وڄ چمڪي جنهن جي تاب کان سندن هوش ويندو رهيو ۽ ڇُري جيڪا سندن هٿن ۾ هئي تنهن صوف بجاءِ سندن هٿ کي وڍي ڇڏيو. زليخا کين چوڻ لڳي ”هي اهو غلام آهي جنهن جي محبت جا طعنا اوهان مون کي ڏينديون آهيو. هاڻي ٻڌايو ته هن کي ڏسي اوهان جي دل جو ڪهڙو حال آهي؟ “



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

وينو پڇين پرَ ڪَرِ ڪا ميهارَ هلڻ جي
اَجُ آديسي مڻ، صباح مرندو سيڪو.

بن خثيم جنهنجي تربت طوس ۾ آهي سو تابعين وارن بزرگن مان هڪڙو هو. هن پنهنجي گهر ۾ قبر کو تي هئي. جڏهن ڪڏهن پنهجي دل ۾ فرق ڏسندو هو تڏهن قبر ۾ وڃي سمهي رهندو هو. ٿورو سمهي پوءِ چوندو هو تہ "اي ربيع! توکي موٽائي موڪليو اٿن هاڻ ڪوشش ڪري وٺ متان ٻي ڀيري قبر ۾ وڃين ۽ وري واپس نہ موڪلني"

---

اَوَ ڳڻ ڪري اَپارَ، تودر آيس داسڙا،
جن تو رُسَڻ سنديون روح ۾، تن مون ڀيٽي ناه ڀتارَ
سائينءَ لڳِ ستارَ، ميٽِ مَدايون مهجيون.
(سر ليلا چنيسر)

ڪميٽي هتان، تين مورايون مديون
تون ڪَرِ پاڻ وڙا، موٽ سباجها سُپرين

ڪنهن شخص هارون الرشيد کي عرفات تي ڏٺو تہ متي اگهاڙو ۽ پيرين اگهاڙو گرم پٿن تي بيٺو آهي، ۽ هٿ کٽي وڏي آواز پيو چوي، "يا ارحم الراحمين! تون تون ئي آهين ۽ آءٌ ئي آهيان منهنجو ڪم اهو آهي تہ هردم هڪڙو گناهہ ڪريان ۽ تنهن جو ڪم اهو آهي تہ هرد م بخشش ڪرين، مون تي ٻاجهہ ڪر،"

---

سيئي ساري سسئي، گهر ڪُندون تون گهور
وڃي ڏورِ م ڏور، درا منجهان دوست ٿئو.
(سر ابري)



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

حضرت سفيان ثوري رابعہ بصري کان پڇيو تہ ”سڀ کان بهتر اُها ڪهڙي شي آهي جنهن سان ٻانهو خداجي ويجهڙائي حاصل ڪري ٿو.“

رابعہ بصري چيو، ”هي ڳالهہ ڏيان ۾ رک تہ بندو دنيا ۽ آخرت ۾ هن کان سواءِ ڪنهن ٻي شي کي دوست نہ رکي.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner



# مون مطالع سپرين

شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ
جي ڪلام جو اڀياس

اياز قادري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو ته تاريخ هميشه انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نه رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي ته سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد ته سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نه صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

**https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book**